رام پنجواڻي ساهتيه مالها



وچتر واقعا

(حقيقت افساني کان به عجيب آهي)

وچتر واقعا

(حقيقت افسانيءَ کان عجيب آهي)

ليکڪ:-

پدم شري پروفيسر رام پنجواڻي

With Best Compliments of

سال ١٩٨٣]   قيمت ١٠ روپيا   [دفعو ٣

ڇپائيندڙ

پارت جيون ساهتيه منڊل

~~١/١١٣، نو جيون هائوسنگ سوسائٽي،~~
~~لئمنگٽن روڊ، بامبي-٨.~~

~~فون: 375993~~

ڇپائيندڙ جا سڀ حق واسطا قائم

باقي ٿورين ڪاپين بچيل

گروءَ جي پريمين لاءِ خوشخبري

- شاهوڪارن ۽ داني پرشن لاءِ سونو وجهه -

ڪيترن پاڪن ۽ پيئرن جي زوردست گهر سبب

وري سنڌيءَ ۾ ٻيو دفعو ڇپايل

* تيار ٿي ويو *

شري گرو گرنٿ صاحب

هاڻ ڇپجي ويو آهي. ڳاڙهن ڳاڙهن ساٽن-
رنگين ٻارڊر. اوچو مٿيريل ٿلهو پنو. شاندار بائينڊنگ
سان ۽ اصلي گرو گرنٿ صاحب جيترا ۱۴۳۰ پيج-
پيج ٽو پيج ۾. پاڪن ۾ ٻڪي سواري. ٻٽرين ۲۰ سال
اڳ اسان سنڌيءَ ۾ ڪڍيو هو. ستن سالن کان خلاص
ٿي ويو. ان ڪري ڪن ٻوڪ سيلرن ۵۰۰ روپين تائين
ڪاپيءَ لاءِ پيسا ورتا. هن وقت پيسا لاڳت ۲۵۰ روپيا.
ٽپال خرچ ڌار. روپيا جدا.

يڪدم پنهنجو آرڊر موڪليو جو ٿورين ڪاپين
ڇپايون ويون آهن. مٿان پهچايو.

وڌيڪ لکپڙه ڪريو يا فون ڪريو چيتانند اعلواڻي

پارت جيون ۱۱/۳۱، لوجيون هائوسنگ سوسائٽي،

اسٽيشن روڊ، ٻامبي-۸ فون 898977-375993

سنڌي جاتيءَ کي اهڙي سپوت تي ناز آهي. فخر آهي. سرڪار به سندس شيوائن جو قدر ڪري کيس پدم شريءَ جو لقب ڏنو آهي

اسان جي ايشور در پرارٿنا آهي تہ کيس وڏي آورجا ڏئي جئين اڃان به سنڌي جاتي، سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي شيوا ڪري.

شيوا ۾

ڄيٺانند ڀاوانداس لعلواڻي

سمپادڪي ويچار

پدم شري رام پنجواڻي سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي جاتيءَ جي جيڪا شيوا ڪئي آهي سا وسرڻ جهڙي نہ آهي. هن نہ رڳو ساهتيہ، تعليم ۽ سماجڪ کيترن ۾ شيوا ڪئي آهي پر پنهنجي سنگيت طرفان شهر شهر ۾، ڳوٺ ڳوٺ ۾، ديس پرديس وڃي سنڌين ۾ نئين جان وڌي آهي. هن کي تڪليف ۽ دکن ۾ همت ۽ مشڪ سان زنده رهڻ جو سبق ڏنو آهي.

هن سنڌين کي اشٽ ديو شري جهوليلال ڏنو آهي تہ توهان چيٽي چنڊ سنڌيت جو ڏينهن ڪري ملهايو ۽ پاڻ ۾ ايڪو رکو .

اسانجو ڀائپيءَ جو رستو ٥٠ سالن کان آهي. سندس سنڌ ۾ ۽ هتي گهڻو ڪري سڀ ناول ۽ ڪتاب مون ڇپايا آهن.

وچتر واقعا جو هي ٣ ڇاپو آهي. هن ۾ سچيون ڪهاڻيون ڏنل آهن، جي هن کيترن جي زندگيءَ ۾ جي انوکا ۽ وچتر واقعا ڏٺا آهن، سي ڪهاڻين جي روپ ۾ قلمبند ڪيا آهن. هنجي لکڻي سليس ۽ ميٺاج واري آهي. جنهن ڪري ماڻهو ور ور سندس لکيل ڪتاب پڙهن ٿا.

ڪهاڻين جي فهرست

Printed & Published by Mr. Jethanand B. Lalwani at the Bharat Jivan Printing Press, 11/1, Shop Navjivan Co-op Housing Society, Lamington Road, Bombay-8. Phone 375993 & Published by him for Bharat Jivan Sahitya Mandal 11/31 Navjivea Society, Lamington Road, Bombay-8.

پدم شري رام پنجواڻيءَ جا

ڀارت جيون ساهتيه منڊل طرفان ڇپايل ڪتاب

١.	قيدي	ڇوٿون ڇاپو	٥-٠٠ روپيا
٢.	لطيفه	ٻيو ڇاپو	١٠-٠٠ ”
٣.	چانديءَ جو چمڪو		خلاص ٿيل
٤.	اسانجو گھر		خلاص ٿيل
٥.	پکي ۾ پد مٽي		خلاص ٿيل
٦.	آهي نه آهي	ٽيون ڇاپو	خلاص ٿيل
٧.	شرميلا	ٽي ڇاپا	خلاص ٿيل
٨.	زندگي يا موت		خلاص ٿيل
٩.	پدما	ڇاپو ٻيو	(پريس ۾)
١٠.	چونڪي جا گيت	ٽيون ڇاپو	٤-٠٠ روپيا
١١.	انوکا آزمودا	ڇوٿون ڇاپو	٨-٠٠ ”
١٢.	ڏيئر نه جمن	ٽيون ڇاپو	٦-٠٠ ”
١٣.	مايا جو موھ	ٻيو ڇاپو	٨-٠٠ ”
١٤.	وچتر واقعا	ٽيون ڇاپون	١٠-٠٠ ”
١٥.	عجيب آکاڻيون	ٻيو ڇاپو	٢-٠٠ ”

١٦. دوست ڪيئن ڪجن دليون ڪيئن ڇڪجن

(پريس ۾)

۾ ايترو ڦيرو اچي ويو آهي جو وڏي عمر وارا ساهت ڪان ونءُ پيا وڃن ۽ ننڍيءَ ڄهي وارا چاهنا رکندي به چاهه نه ٿا وٺي سگهن. جيڪي نثر نه ٿو لکڻ اچي سي ڪويتا پيا لکن، جن کي ڪويتا جي عام اصولن جي ڄاڻ ڪانهي سي نئين ڪويتا جا باني بڻجي پيا آهن. هر ڪو منجهيل ۽ گمراهه ليکڪ فيلسوف، مفڪر هئڻ جي هام پيو هڻي. ليپي لٽ ڪانه چي بابي وٽ بندوق هئي. مونکي ته اهو ڊپ آهي ته انهي نرالي روش ڪري سنڌي ٻولي کي ڌوم ڪافي رسي چڪو آهي، ماڳهين اسانجي ڀڳڙي ٻولي بنهه ناس نه ٿي وڃي. ڪرشن راهي ”رچنا“ لاءِ مونکان انٽرويو ورتو هو تنهن تي مان اڃا قائم آهيان. منهنجي رائي سان اهي سڄڻ شريڪ آهن جن جي سنڌي ٻولي ۽ ساهت لاءِ سڪ ڇنجي چڪي آهي. اهو رايو هتي دهرايان ٿو.

”نئون ادب مون لاءِ ڪا به دلچسپي پيدا ڪري نه سگهيو آهي ڇو ته نئين ادب جو نظريو حقيقتن جي ترجماني نه ٿو ڪري بلڪ ڪنهن اُڌاري فيلسوفيءَ جو عڪس آهي. نئون ادب عام ماڻهو ته نه ٿا سمجهن پر مونکي اهو به شڪ آهي ته جيڪي سنڌن نه آهي سو جڏهن لکن ٿا اهو پاڻ به سمجهن ٿا يا نه! مان سمجهان ٿو ته هو پڙهندڙن لاءِ نه پر پاڻ لاءِ لکن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ويچار ايندو اٿم ته سنڌي ٻولي جو انت هي

وچتر واقعا جو نئون ڇاپو


”وچتر واقعا“ جو هي نئون ڇاپو ڇپجي چڪو آهي. پهرين جيڪي ان پستڪ بابت لکيو اٿم تنهن ۾ ڪنهن به ڦير ڦار جي ضرورت نه آهي. ڪهاڻيون سچيون آهن. سچ جي صورت ساڳي رهندي. مون لاءِ اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته ”وچتر واقعا“ مهنجي ٻين ڪتابن وانگر ور ور ڪري پيو شايع ٿئي. ڇاپا ڇپبا رهن ۽ طلب قائم رهي ته ليکڪ کي ڇا گهرجي؟

پارت جيون جو ڇپايل ”آهي نه آهي“ وري ”ڪبير“ وارن نئين سر اڇا تنهن ڏينهن ڇپايو آهي ته هزار ڪاپين مان هڪ به ڪانه ٿي ملي. ”انوکا آزمودا“، ”عجيب آکاڻيون“، تنهنجا منهنجا تجربا الائي ڪيترا دفعا شايع ٿي چڪا آهن. ”انوکا آزمودا“ جو ٦ ڇاپو نڪتو آهي ۽ پڙهندڙ ساهه سان سانڍي رکيو آهي. هر هڪ، منهنجو لکيل ناول هٿون هٿ وڪامي چڪو آهي. خود ”دوست ڪئن ڪجن ۽ دليون ڪئن کٽجن“ جو هزار ڪاپيون ڪپي چڪيون آهن ۽ پنجين ڇاپي جي گهرج آهي. پوءِ پلا اڄ ڪالهه جا ليکڪ ڇو ٿا شڪايت ڪن ته سنڌي ڪتابن جو وڪرو ڪونه ٿو ٿئي ۽ پنجاهه سيڪڙو ڪميشن ڏيڻ سان به خريدار مشڪل ٿا ملن؟ مونکي ائين ٿو لڳي ته لکندڙن جي خيالن ۽ ٻوليءَ

نالي الکہ جي ٻيڙو تار منھنجو

(پروفيسر رام پنجواڻي)

ديوان راڌاڪرشن مختيارڪار ھو. جن ڏينھن جو ذڪر آھي تن ڏينھن ۾ مختيارڪار جو وڏو مان ھوندو ھو. اپر سنڌ فرنٽيئر يعني جيڪب آباد ضلع ۾ تہ الائجي ڇا ڪري ليکبو ھو. ديوان راڌاڪرشن رڃ مڙس ھو. تمام ڏضيلت وارو، برجستو، يارويس ۽ ھوشيار!



پھرين ڪنڌڪوٽ ۽ پوءِ جيڪب-آباد ۾ آيو. بروچ مٽانئس ٻلھار پيا ويندا ھئا. ملڪ ھو بروچن جو. بروچ جن سان نھن تن کي اڌي چڏين. ٻڙدي، جمالي، کوسا، گولا سڀ ديوان راڌاڪرشن جي عزت ڪندا ھئا. ديوان رشوتخور ڪونہ ھو پر جيڪب آباد ضلع ۾ رشوت وٺڻ جي ضرورت ئي ڪانہ پوندي ھئي. ٻارن کي خرچيون، ھولي، ڏياريءَ تي ڏاليون، شاديءَ تي سوکڙيون، فصل فصل تي اَن جون گاڏيون، مطلب تہ ڀانئي ڪبھاني عملدار جو گھر پيو ڀربو ھو. نواب جي گھر ڪو ڪارج ٿئي تہ ٻہ ٻاڙ سوغاتون ڏئي، پر جي عملدار جي گھر ڪو خوشيءَ جو

نوان ليکڪ ته نه آڻيندا. سنڌ ن ٻولي ٻولي نه آهي، عبارت جو انگ آهي نه منڍ، لفظن جي نه جاءِ آهي نه جڳهه، خيال ڳتيل ۽ منجهيل، اصليت رهي نه آهي، نقل تي سنڌ رو آهي. اُڌارا خيال گهڻو وقت جٽاءُ ڪندا؟“

”وچٽر واقعا وري ٿو ڇپجي تنهن لاءِ پڙهندڙن صحتمند ساهت لاءِ شوق آدرشا ٿا ڏيکارين تنهن لاءِ مونکي خوشي آهي. مان يارت جيون جي سمپادڪن جيناند لعلواڻي ۽ شريمتي سشيلا لعلواڻيءَ کي ڌنيواد ٿو ڏيان جن سچي زندگي ادب کي اوج ڏيڻ لاءِ ڪوششون ڪيون آهن ۽ ڪڏهن به شڪايت ڪانه ڪئي آهي ته پني ۽ ڇپائيءَ جي مهانگائي باوجود، سنا ڪتاب کونه ٿا کپن. جي اها شڪايت صحيح هجي ها ته سنڌس ڇپايل هڪ هڪ ڪتاب جا اينترا جلد ڇو نکرن ها؟

مثال اسانجي ٻولي زنده رهي. ساهت ۽ سنسڪرتي جو هيڳاءُ هر هنڌ ڦهلجندو رهي.

رام پنجواڻي

ڪوشش ڪيون پر ڏينهون ڏينهن حالت وئي بگڙندي
حيلا هليا پر جڏهن ڏينهن پورا ٿين تڏهن ڦڪيون ڪهڙو
فرق ڪن؟ ديوان راه رباني وٺي رمندو رهيو. جيڪب آباد
۾ شوڪ جي لهر ڇانئجي وئي.

ديوان جو ڪٽنب جيڪب آباد ڇڏي آيو. اتي رهي
به ڇا ڪن؟ نواب ۽ وڏيرا جيڪي روز سلامي پيا پريندا
هئا سي به تڏا ٿي ويا. هو مختيارڪار جا مطيع هئا، سو
جيڪو ٻيو مختيارڪار آيو تنهن ڏانهن رجوع ٿي ويا. هونءَ
بـ چوندا آهن ته قاضيءَ جي ڪتي مري تـ سڀ ماڻهو
اعزاپرسيءَ لاءِ اچن، پر قاضي پاڻ مري ته ڪو به ڪونه اچي.
واه دنيا جا رنگ! ايترو بيڪڙ ديوان جو دوست آيو ۽
اچي حال پرسي ڪيائين نه ته هرڪو نئين آفيسر جي
خدمت ۾ لڳي ويو.

ٻارهن مهينا سکر ۾ گذاريائون، پوءِ نوڪرين وارا پٽ،
ماءُ ۽ ڀائرن کي وٺي اچي، ڪراچيءَ ۾ رهيا. ڪراچيءَ ۾
جايـون ننڍيون. ڪجهه وقت گڏ رهيا پر پوءِ ٽي گهر ٿي
پيا. انجنير پنهنجي ٻارن سان، وڪيل پنهنجن سان ريلوي
وارو سکر ۾ ئي رهيو. چوٿون نمبر ڀاءُ اِندر وڪيل نيوندرام
سان ۽ مـاءُ ننڍي پٽ رتن سان. ماءُ لاءِ وڏن پٽن مـان
ڪنهن سان رهڻ مشڪل هو. ديوان جي ٻي زال هئي تنهن
ڪري مـوه رڳو پنهنجن ٻارن سان هوندو هوس ۽ ٻهرين
کي شروع کان ئي ڌاريو سمجهندي هئي. جيتوڻيڪ هـن

موقعو اچي ته به هو وهي. نواب ۽ وڏيرا انهيءَ ۾ ئي خوش ته صاحب جو راز آهي جو سوغاتون قبول ڪري ٿو. ست سال ديوان جيڪب آباد ضلع ۾ رهيو، اصل پوڄي پيو. هندورا، پلنگ، ڪٻٽ، سوفا سيٽ، آرام ڪرسيون، رليون، رضايون، فراسيون، گلم، غاليچا ويندي گاڏي ۽ گاڏيءَ جو ڪميد گهوڙو! ديوان کي ڇا ڇا نه مليو! پر ديوان جي هرهنڌ هاڪ هئي ته رشوتخور نه آهي.

ديوان کي پنج پٽ هئا. ٽي پهرئين گهر مان ۽ ٻه ٻئي گهر مان. هڪ انجنيري پاس ڪري ايس. ڊي. او هو. ٻيو وڪيل ۽ ٽيون ريلوي جو ملازم، باقي ٻه سڪول ۾ پڙهندا هئا. ٻار ابو سمنڊن وانگر پلبا هئا. ڇا ته سندن پرگهور ليندي هئي! سڪول ۾ ماستر به سندن لحاظ ڪندا هئا. پڙهن يا نه پڙهن، پاس ٿيندا ئي هئا گهڻي پيار ڪري پويان ٻار سست ۽ بيپرواه ٿي پيا.

ديوان هڪ رات دير سان گهر آيو جو ڪمشنر جي منزل سندس تعلقي ۾ هئي. ڪمشنر جي منزل تي مختيارڪار پاڙ ماري ڪجهه ڪري ڇڏيندا هئا. هن ديوان به ڪين گهٽايو. ٻٽلر يا صاحب جو نائڪ جيڪي گهري سو هڪيو حاضر. سياري جا ڏينهن هئا. اپر سنڌ جا پارا مشهور هوندا هئا. ديوان گرم ڪپڙن ۾ هو پر ڇپيت اچي ويس. ڊاڪٽرن نمونيا ٺهرائي. انهن ڏينهن ۾ نمونيا ۽ مدئي جو تپ تمام خطرناڪ بيماريون ليکيون هيون. ڊاڪٽر آيا. سول سرجن

رهڻ لاءِ جاءِ. وڪيل وٽ پئسو هو سو پڳڙي ڏيئي مڪان ورتائين. ريلوي وارو ڪرلا ۾ سرڪاري ڪوارٽر ۾. ماءُ وڃي پٽ رتن سان، پنهنجي پيڪي پهر مان هڪ سؤٽ جي گهر ۾، هڪ ڪوٺيءَ ۾ رهي. باقي رهيو اِندر سو منجهي پيو. وڪيل ڀاءُ سان ڪم ۾ ته لڳي ويو پر رهيو پيو هو گوريگانو ۾ هڪ گنديءَ ڪوٺيءَ ۾. انجنيئر ڀاءُ کي وڏو بنگلو هو پر هن ڪنهن کي به پاڻ وٽ رهڻ جي آڇ ڪانه ڪئي. وڪيل جا پٽ ساماڻا هئا، هڪ ته پرٽيل به هوس، سو بنگلو پنهنجي لاءِ مس پورو هون باقي ٻين ٻن ڀائرن وٽ ته بيهڻ جي به جاءِ ڪانه هئي. اِندر ڳولهي وڃي سيان ڪالونيءَ ۾ جاءِ هٿ ڪئي پر جاءِ جي پڳڙي هئي ڇائيتاليهه سوَ رپيا. اِندر وٽ ڪل هئا سورهن سوَ. منجهي پيو ته ٽي هزار ڪٿان اچن! سوچي سوچي لنگهي ويو انجنيئر ڀاءُ وٽ. ڀاءُ، ڀاءُ جو آدر ته ڪيو، چانهه پاڻي لاءِ پڇيائينس، ڪڏهن اچڻ لاءِ چيائينس، ٻارن لاءِ پيار ڏنائينس باقي خاص حال ڪونه ورتائينس جو پڪ هئس ته غريب ڀاءُ آهي ۽ جيڪڏهن گهڻي همدردي ڪندو سانس ته ڪجهه گهري ونندو. ڀاءُ، ڀاءُ جي مدد ڪري ته ڇاهي؟ پر گوبند پڪو هو، اصل ڪنجوس! اولاد به فقط هڪ ٻار هوس جو سڪي ڄائو هوس پر انهيءَ پٽ کان به وڌيڪ پيارا پئسي ۾ هوس. پاڻ تي به ڪونه خرچيندو هو، ميڙڻ جي چوس پئجي ويئي هئس. پاڻ برابر ڀاءُ کان ڪونه پڇيائين

حالت ۾ ٻيءُ نئين زال کي مڙي کان ئي اُپڙڻ نہ ڏنو هو، نہ ٻہ ذري تي ڪرڪ ۽ اجاين سڄاين چغلين ٻارن کي خفي ڪري ڇڏيو هو. شڪر آهي جو ٽي وڏا پٽ گوبند، نيوند ۽ سندر پڙهڻ جي سانگي ماءُ کان پري رهيا هئا ۽ وڃي پنهنجي لائق لڳا هئا نہ تہ هيءَ مائي گهڻو تنگ ڪرين ها. مرد کهڙو بہ اُدارچت هجي پر جي زال جي ڪلڪل هجيس تہ نيٺ بہ ڏک ٿي پيو ٻارن سان ورچندو. ديوان جي مرڻ ڪانپوءِ مائي اوڪ لڄا کان وڃي پٽن وٽ رهي پر جان ئي عذر ڇٽو تان وڃي الڳ رهي. مائيءَ وٽ پئسو هو.

نيوند منهنجي پاڙي ۾ رهندو هو. مريادا وارو ماڻس هوندو هو. وڪالت ڪندو هو ۽ گهڻو تڻو انڪم ٽئڪس جو ڪم ڪندو هو. مرضي هئس تہ اِندر مئٽرڪ پاس ڪري تہ انڪم ٽئڪس وڪيل بڻايانس. تن ڏينهن ۾ انڪم ٽئڪس وڪيل کي ڪو وڏو ڪاليج جي تعليم جي ضرورت ڪانہ هئي. اِندر نيوندرام جو سڳو پٽ نہ هو تہ بہ نيوندرام ڪيس گهڻو چاهيندو هو. اِندر بہ ماءُ کان وڌيڪ نيوندرام کي پيائيندو هو. جڏهن ماءُ وڃي جدا رهي تہ بہ هو پيءُ وٽ رهيو. اُتي ڪم سکيو ۽ شادي ڪيائين.

ورهاڱي ڪانپوءِ هرڪو هندستان ۾ آيو. هي پنج ئي ڀائر بمبئي ۾ آيا. پنج ئي ڀائر جدا جدا جڳهين ۾ اچي رهيا. انجنيئر کي هڪ وڏي فرم ۾ نوڪري ملي ۽ اُن سان گڏ

تنان ڪون ڀي روزي رسيندا
چورا گنهگاران نو ڪوڙ اپني
قدرت نال ڪجيدا
جگ جگ جيئي ميرا مودي گوالا
جهڙا مهڻا ڪدي نه ڏيندا

مالڪ سو مهڻو ٻڌو ڏئي باقي پيا مولائي ڏين منهن ۾. اندر مهيني مهيني باقاعدي سؤ روپين جي قسط پهچائيندو هو ۽ ڪل يارهن سؤ روپيا واپس ڏيئي چڪو هو. هڪ ڏينهن سنڌي پڪچر اباڻا ڏسي ڀاءُ جي گهر ڀاءُ ۽ ڀاڄائيءَ سان گڏجڻ ويو. آرتوار جو ڏينهن هو، گوبند گهر ۾ هو. اندر کي ڏسي ڀهرين ته ڏڪڻي پنجي ويس ته قرض معاف ڪرائڻ آيو آهي يا ايندڙ مهيني جي قسط جي مهلت گهرڻ آيو آهي. شنڪا اندر ۾ رکي ٻاهران ڪيڪار ڪري، ڀاءُ کان پڇيائين ”هن وقت نڪري پيو آهين! سک ته آهي؟“ اندر وراڻيو ”توهانجي گهر سامهون منروا ۾ سنڌين جي اباڻا پڪچر پيئي هلي سا ڏسڻ ويو هوس.“ گوبند حيرانيءَ مان پڇيو ”پڪچر ڏسڻ ويو هئين؟“ عجب مان اندر پڇيو ”ڇو حيران ڇو ٿي ويا آهيو؟“ ڀاءُ طعنو ماريندي چيو ”جن تي قرض جا ڪوٽ چڙهيا پيا هوندا آهن سي وري عيش ڪندا آهن ڇا؟“ اندر جا خوصلا خطا ٿي ويا. ڪاوڙ ۾ ته سن ۾ اچي ويو پر نيٺ پاڻ سنڀالي چيائين ”قسط ته پوري وقت تي پهچائيندو آهيان.“ بيپرواهيءَ سان ڀاءُ چيو ”قسط

پر ڀاڳ حال ستايو. ٽي هزار! گوبند جو منهن لهي ويو. ڀلو الائجي ڪهڙو سياڳو ڏينهن هو جو دل تي پٿر رکي ڀاڳ جي سهائتا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. پيسا وياج تي زڪيل هئس سو ڀهرين وياج جي ڳالهه ڪيائينس، پوءِ قسطن جي پڪ ورتائين ۽ نيٺ لکائي ورتائينس. اندر کي ڏک ٿيو پر لاچار هو. آپمان سهي به ٽي هزار قرض ورتائين. قرض! ڀاڳ، ڀاڳ کان قرض ورتو. ساڳي ڀيءُ جا پٽ! هڪ قرضي ٻيو قرض ڏيندڙ! سک، اندر جاءِ ورتي.

گوبند پيسا ته ڏنا پر ڪيس ڳالهه وڻي ڪانه. سوچڻ لڳو ”ڏنم ڇو، موٽندا سؤ سؤ ٿي! موٽائي نه ته؟ ڪيس ڪندو سانس؟“ پڇتائڻ لڳو. هڪ ٻن مائٽن سان ڳالهه ڪيائين جن وٽي اندر سان ڳالهه ڪئي، پر اندر لاءِ صبر کان سواءِ ڪهڙو چارو هو؟ ايشور شال ڪنهن انسان جي اڳيان هٿ نه ٽنگائي، هلندي هلائي، شال ڪنهنجو محتاج نه ڪري. ڏي ته پنهنجي خزاني مان ڏي، ڏي اهو جو ڏيئي پچاري نه. ٻيو سڀڪو پچاري فقط سائين ڏيئي نه وسرائي. درويش ٿو چوي:-

ماهيو ڙي ماهيو مٺن اِڪ موڏي لڌا
جهڙا سڀ دي سار لهيندا
اڳلا ليکا ڪڏي نه منگدا
نت نئين آڌار ڪريندا
جبل ٽڪر وچ ڪيڙي آپاس

جو اج لاهي اڇو. اسين بہ وڏيڪ پسند ڪنداسين.“ اِندر پيار مان چيو ”شاباس اٿيئي ساوتري. واقع ساوتري! اڄ مونکي ڪال جي چنبي مان بچائي آئي آهين. پيو ڪو هجي تہ نہيو. پر ياءَ جو طعنو سهڻ کان ٻاهر آهي.“

اِندر قرض موٽائي ڏنو. گوبند سوال بہ ڪونہ پڇيو تہ پئسا ڪٿان آندءِ. ويـاج سميت پئسا واپس وٺي بئنڪ ۾ جمع ڪيائين. هڪ پاسي دولت ٻئي پاسي انسانيت! دولت جو وڏو درجو آهي. اِندر جنهن ڏينهن قرض واپس ڪيو تنهن ڏينهن بہ ڏاڍو رنائين. هر هر پئي پاڻ کـي چيائين سورهن سؤ روپيا پگهار اٿس، ٻـار فقط هڪ اٿس؛ ماني ٽڪي بہ رواجي. ڪپڙي لٽي جو شوق بہ ڪونہ، ياءَ کي طعنو هڻي ڇڏيائين!“ دل کي چوٽ رسي ويس.

ٻاهران پيو هلندو چلندو، کلندو ڳالهائيندو هو، پر اندر ۾ ڪاٽ لڳي ويس. ويچارو بيمار ٿـي پيو. ڪاڏي تان روح لهي ويس، هلڪو هلڪو سور دل ۾ محسوس ڪرڻ لڳو. وڪيل ياءَ کي وچ جي خبر ڪانہ رهي، پر ياءَ جي تندرستي بگڙيل ڏسي سٺي ڊاڪٽر کان تپاس ڪرايائينس، پر اهڙي تہ ڪا ڳالهہ ڪانہ نڪتي جنهن مان ڪو خطرو ڏسڻ ۾ اچي. سيني چيو تہ گئس ٿي چڙهي، باقي دل سالم آهي. هڪ رات ماني کائي اچا ليٽيو تہ مونجهہ محسوس ڪيائين. زال کي سڏي چيائين ”ڊاڪٽر کي گهرائي وٺ ۽ وڪيل دادا کي نياپو ڪر.“ گهٻرائجي زال ۽ پٽ اُٿيا. ڊاڪٽر اچي ۽

ملي ته ڇا ٿيو؟ منهنجا پئسا ته ريد قيد ٿي ويا. اجا ته ٻه هزار جڏهن ڪ ملن." اندر ٿڌو ساهه کڻي چيو "ماءُ جڻيندي ٻٽرا پاڳه نه ڏيندي وند." هو اُٺي ڪڙو ٿيو. هونءَ ته سنيري آيو ڇو ته پاڻ وٽان منجهه جي ماني کائي ويندس پر طعني کانپوءِ سندس بک ئي مري ويئي. گوبند چيو "آيو آهين ته ماني کائي وڃ." اندر چيو "قرض موٽايان ته پوءِ اچي کائيندس." گوبند البت شرمندو ٿيو پر پاهران ضد قائم رکندي چيائين "ڇا جيم جو ٽڙي وئين؟ ويهه." اندر همت جوڙي معافي ورتي.

گهر آيو ته اچي روئڻ ۾ چڙڪيو. زال ۽ ٻار منجهي ويا. ڪيانو هلڪو ٿيس ته زال سان ڳالهه ڪيائين. زال سشيل هئي، نيت پت واري هئي. هن ويچاريءَ کي خبر ئي ڪانه هئي ته پاڻ کان قرض ونـي جاءِ ورتي هئائين- جيڪي ٻه زيور، ميڙي چونڊي هئس سا اچي مڙس اڳيان رکيائين. ڏيرج سان چيائين "توهان کي ايشور وڏي حياتي ڏئي ته زيور به نهي پوندا." اندر عجب مان پڇيو "تو هي پئسا ڪيئن ڪٺا ڪيا؟ زال وراڻيو "اُها ڪهڙي استري هوندي جا ڪجهه پاڇي نـه رکندي؟ قرض ونڻ وقت مون سان ته ڳالهه ڪريو ها!" اندر خوشيءَ گاڏر شرمساريءَ سان چيو "مونکي ته خواب خيال به ڪونه هو ته تو وٽ ڪجهه هچيل هوندو- چوڙين ۽ بين ننڍڙن زيورن ڏانهن ته منهنجو ڌيان به ڪونه ويو." زال آنند پرئي آواز ۾ چيو "قرض اج

جنهن جا اڳ ئي احسان هئا! هڪ ڀاءُ جي در تان ڌڪو کائي، ٻئي جو در کڙڪائڻ ۾ ڊپ لڳو." اها ڳالهه نيوند مونسان پاڻ ڪئي. منهنجو دوست آهي. جڏهن اِندر جو مرتيو ٿيو تڏهن مان هتي ڪونه هوس مون اچي پرچاڻي ڪئي مانس. مڙس نٽي پيو. ٻارن وانگر ٻئي رنائين. جڏهن سامت ۾ آيو تڏهن چيائين "تون به ڀاءُ آهين، تنهنڪري تو ڳالهه ٻڌايانءِ ته هن جوان شينهن جهڙي مڙس جو موت ڪهڙي ڪارڻ ٿيو." منهنجي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. دل ۾ چيم "ڀاءُ ڀاءُ سان ائين هلي سگهي ٿو!" ڪلجڳ آهي. مرزا قليچ بيگ جا اکر ياد آيا:-

نه يارن ۾ رهي ياري
نه ڀائرن ۾ وفاداري
سچائي ويئي سڄي ساري
عجب هي دؤر آيو آه.

اڄ ڪالهه اِندر جي پٽ کي پنهنجي گهر ۾ اسٽور آهي. گهر گهر مان وڃي آرڊر وٺي ايندو آهي ۽ گهربل شيون پهچائي ايندو آهي. ماءُ جي دردي اِرادي ۽ ايشور ۾ وشواس ڪري ڇوڪر موهن سکيو گذر پيو ڪندي ۽ ڪٽنب جي سنڀال ڪري.

تنهن ڏينهن سيان ۾ چونڪي وٺي ڏٺم ته سامهون اها مائي وٺي هئي ڏاڍي پريم سان وٺي سروڻ ڪيائين چونڪي پوري ڪري ساڻس ڳالهايم. ٻيا ڪنهن ساڻ وڃو

ڀاءُ ڀڄي تنهن کان اڳ هو ڪنڊ ٻاري پئجي رهيو. ڊاڪٽر ٻوڙندو آيو پر اِندر وڃي ايشور جي چرنن ۾ پهتو.

ٻارهن ڏينهن ماتام لڳو پيو هو. ٻارهن ڏينهن ڪانپوءِ سڀ ڀائر ويٺا ۽ سوچڻ لڳا ته کهڙيءَ ريت ڪٽنب جي ديکڀال ٿئي. وڏي ڀاءُ ڪڇيو ڪونه پر وڪيل ڀاءُ ۽ سندس پٽ واعدو ڪيو ته جيڪا پگهار هو فرم مان ڪڍندو هو سا سندس استريءَ کي ملندي رهندي جيسين اِندر جو پٽ وڃي لائقيءَ لڳي. ڪهڳهي آواز ۾ گوبند به چيو ”مون تي به ڪي پنجاهه پنجويهه رکو ته مان ڏيندس.“ اِندر جي استريءَ مدد وٺڻ کان انڪار ڪيو. ڪيس پنج هزار انشوئرنس جا ملڻا هئا تن مان ٿي هن پاڻ کي ۽ پنهنجي ٻارن کي پالڻ جو پرون ڪيو هو. ڀائرن زور ڪيو تڏهن سو سڙنديءَ دل سان چيائين ”مونکي طعني سهڻ جي طاقت ڪانهي. ڀاءُ جي طعني ڀاءُ جي جان ورتي، مان نٿي چاهيان ته ڀائٽيو چاچن جون ڇنڊڙيون سهي. اسين رکو سڪو کائيندا سين پر ڪنهنجو احسان نه ڪڍندا سين.“ وڪيل ڀاءُ اهي اکر ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. اُنهيءَ وقت ته سمجهاڻي ڪانه مليس پر نيت اڪيلائيءَ ۾ ڀاڄائي ڏير جي اڳيان ڇلي پيئي. نيوند وسميءَ ۾ اچي ويو. روئندي ڀاڄائيءَ کي چيائين ”مونسان ڇونه ڳالهه ڪيائين، ڀاءُ نه هو؟“ ڀاڄائي به روئندي چيو ”ڀاءُ ته وڏو به هو!“ هيڏي پونجيءَ واري ڀاءُ نعيڙي ڀاءُ کي سهمو ڏنو ته ٻئي جي اڳيان ڪٿن همت ٿهلايان،

قسمت ڦيرَ ڦوي نہ ڻ.

ڪٻر اچي هن ڪوٽ ۾؟

شينهن جهڙو مڙس هو. بدن رڪ جو نهيل هوس. آکاڙي ۾ لٿو تہ جڻ آفريڪا جو ڪارو چيتو ڪاهي آيو. داءُ پيچ هرڪنهن راند يگر کي ايندا آهن پر هن جون حرفتون انوکيون هيون. ڪو بہ ڪشتيباز هن جي اڏو ٽڪاءُ ڪائي نہ سگهندو هو. سڄي پنجاب ۾ ڌوم مچائي ڇڏيائين. للڪارون گهٽيءَ ملبس پر للڪار ڪرڻ وارو پل ۾ پنهنجي پٺي زمين سان لڳل ڏسي، آڻ مڃيندو هو. وڏو دنگل ٿيو. فائينلس ۾ هيءُ بانڪو بهادر چئمپين قبول ڪيو ويو.

پنهنجي پرانت ۾ پهريون نمبر پهلوان، ٻين پرانتن جي ڪشتيبازن سان، مقابلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. اهو بہ وقت آيو جڏهن هندستان جي ملهن جو مقابلو ٿيو. چنانچہ جبري هٿي پر آخر ۾ سوڀ جو سهرو هن سورمي جي سر تي آيو. عجب اهو تہ جن بہ جبرن هن جوڙي سان سينو ساهيو سي ٿورن ئي سيڪنڊن ۾ سمجهي ويا تہ هار قبوليائون. طاقت تہ ٻين راند يگرن ۾ بہ هئي، انڪلون هو بہ سکيا هئا، سالن جا سال اڀياس هنن بہ ڪيو هو پر هن ڪشتيباز ۾ ڪهڙي علحدي خوبي هئي جو پل ۾ ئي پنهنجي ورو ڌين

جي چيائين سچ چيو دادا:

"وٺي تہ تنهنجو پيارو پنهنجو ڀاڳہ ڀرايو"

سندن شرن پڪڙي اٿم. پنهنجي شيام ۾ آيل هن نماڻي ٻانهيءَ کي ڪين ڇڏيندو. شاباس آهي وڪيل ڏير کي جو گاهي ٻيگاهي پيو ايندو آهي ۽ سار لهندو آهي پر مون اوٽ ورتي آهي الکہ جي، شال ٻيڙو تاريندو. منهنجو تہ من ئي مگهہ ٿي ويو، جڏهن ڀڳت ڪنوررام جو ڪلام چيو.

"تالي الکہ جي ٻيڙو تار منهنجو."

ڌنيواد ڏيندي چيم "شال ڪين ڇڏيندو. اؤکي ۾ شال اُهو ئي سهاءِ ٿيندو، سوکيءَ ۾ شال پنهنجو نالو چِٽ ڏيندو." مائي نمسڪار ڪيو. مون من جو من ۾ ڪيس پرڻام ڪري چيو "شاباس تنهنجي وشواس کي." گهر موٽيس پر رات جو دير تائين اندر ۾ سنت جا اکر پئي دهرايم:-

"تالي الکہ جي ٻيڙو تار منهنجو"

پهرين تہ سمجهي ڪونہ سگهيا پر جڏهن ريفريءَ سيٽي وڄائي، پهلوانن کي پري ڪري، گاما جو هٿ مٿي ڪيو تڏهن تاڙيون وڄڻ ويون ۽ نعرا لڳا. حقيقت آهي تہ جيڪي ٽڪيٽون وٺي آيا هئا سي سڄو معاملو منٽن ۾ ختم ٿيل ڏسي نراس ٿيا پر جڏهن محسوس ڪيائون تہ گاما جي سوڀ ۾ هندوستان جو مان مٿي ٿيو تڏهن فخر وچان ڌنيواد جون ڌنيون لڳائڻ لڳا. ڇا تہ جشن ٿي ويا! گلن جي ورکا ٿي وئي. ماڻهن چانديءَ جون منيون پري مٿانئس گهوريون. گاما جو بول بالا ٿي ويو. اڳيان بعد پوءِ گاما جي گاڏيءَ ۾ پنيان چاهڪن جا ميڙ! ڄڻڪو ڪان ڪٿي آيو هو يا چڪرورتي راجا بڻجي آيو هو! گاما هونءَ تہ شڪل جو موچارو هو پر هن سوڀ جي گهڙيءَ ۾ ڏاڍو سهڻو ٿي لڳو. اڳين ڏينهن ۾ جڏهن ڪو سورمو ڪيمپ ڪٿي ايندو هو تڏهن ئي ڪيس ايڏي آجيان ملندي هئي.

پٽيالا جي مهاراجا هن کي پنهنجي دربار جو رتن مقرر ڪيو. قدردان قدر ڪيو. گاما ڀارت رتن جو مرتبو پاتي، پٽيالا ۾ پهلوان منڊل شروع ڪيو. جتان ڪتان جا پهلوان اچي انهيءَ سکيا گهر ۾ شامل ٿيا. پنجن ورهين ۾ ڪشتيبازن جو ڪٽڪ تيار ٿي ويو. هڪ هڪ جوڌو پنهنجو مٽ پاڻ هو. انهيءَ ڪانپوءِ گاما کي وري وڙهڻ جو ضرور نہ پيو. ڪوبہ للڪاري تہ پهرين هن جي شاگردن سان فيصلو ڪري. ڪوبہ پهلوان گاما تائين رسي نہ سگهيو. گاما کي پيمش

ڪسي سٽي سگهيو؟ نالو پئجي ويس ”هڻ ڪڻ.“ ساري هندوستان هن کي چئمپين قبوليو. ڪنهن پلا هن ڏيو جو نالو نه ٻڌو آهي؟ نالو هوس گاما! گاما پهلوان.

گاما پهلوان جي هاڪ هندين ماڳين پکڙجي ويئي. سندس ساراه ولايت کي واسيو. دنيا جو مشهور ڪيڏاري زبسڪو کهي ڀارت ۾ آيو. مقابلي جا وڏا سانباها ٿيا. گاما تيار هو. گاما ۽ زبسڪو! ٻن ببر شينهن جو مقابلو هو. ڪير کٽندو؟ شرطون لڳي ويئون. لکن جون شرطون! هڪ روپئي کان وٺي ڏهن هزارن تائين. دنگل جون ٽڪيٽون بلئڪ مارڪيٽ ۾ وڪامڻ لڳيون. هرڪو منتظر هو هنن ٻن يوڌن جي ڀڏ ڏسڻ لاءِ پر ٽڪيٽون ڪٿي؟ جڏهن گاما ۽ زبسڪو آکاڙي ۾ آيا تڏهن تاڙين جو ڦهڪو پئجي ويو. ٻنهي جي بيهڪ عاليشان هئي. گاما ڪارو ۽ زبسڪو گورو! ڪاري ڪر ڪنيا ته گوري گردن اونچي ڪئي. گاما جو هٿ زبسڪو جي گردن ۾ ته زبسڪو جو هٿ گاما جي ڄنگهيءَ ۾. ريفري تيز نظر سان تيار بيٺو هو. ڪٿي ڪير به پر لها پڪ هئي ته مقابلو جبرو ٿيندو ۽ حاضرين کي ٽڪيٽ جو اُجورو پورو ملندو. سيٽي وڳي ۽ ڏسندڙ سڌا ٿي ويٺا. ڪنوڻ جو ڪڙڪ به وقت وٺندو آهي. هٿ ته اهو وقت به نه لڳو. داءُ ئي هڪ! اک ڇنڀ ۾ زبسڪو اچي زمين تي سٽڪو ڪيو ۽ ڏهن سيڪنڊن ۾ شڪست قبول ڪئي. اعتبار جي ڳالهه ڪانه هئي پر ڳالهه سچي هئي. ڏسندڙ

جو ھن پھلوان کي پالي. اوستا وڏي ھٿس ٺھڪري وڃڻ کان پوءِ ھو. آکاڙي ۾ اُستاد ڪري رکيس ھا پر ڪير وينو اھي ڪشت سر تي ڪٺي جڏھن ھر ڪو پنھنجي پورائي ڪرڻ ۾ غلطان ھو؟ پوءِ اُوستا وارا نامر ڪنيا ڪلاڪار ۽ پھلوان ماڻھن کان وسري ويا ۽ وسري ويو پڻ ڏو شير گاما! ميڙي چونڊي سڀ خرچي ويو. گاما ويچارو ٿي پيو، محتاج ٿي پيو. ويلي تي پنج مرغيون، ٻه ڏن بيدا، برياني‌ءَ جي ٿالھ کائڻ وارو پٽيالا جـو پھلوان لاھور ۾ ويلي لاءِ واجھه وجھڻ لڳو. غربت ۾ وري به قياس وڌيڪ ھوندو آھي سو بستي‌ءَ ۾ رھندڙ غريب پيا سندس سار لھندا ھئا پر آھي ويچارا به ڇا ڪن؟ دل ھجي پر ھمت ڇھو نه ڪري! گاما گھري ڪيدا ٿي ويو.

اخبار جي عيوضين کي ھميشه اندر ۾ لوچ رھندي آھي نئين خبرن لھڻ جي. ھڪ ھندو رپورٽر لاھور ۾ آيو ۽ اچي گاما جي پڇا ڪيائين. ھون‌ءَ ته يادگيري شايد نه به اچيس ھا پر ھند پاڪ جي کيڏارين جي دنگل ۾ ٻين کي لڙندو ڏسي ڪشتي‌ءَ جو اُبو ياد اچي ويس. گاما جو نالو سڀني کي ياد ھو پر رپورٽر جي پڇا تي نئين سر ياد آين ته ڪيڏي نه ڪيرلي اٿس، ڪيڏو نه مان اُٿس! پر اِھو مان ڪيستائين؟ سونھن جو شعاع ڪن ساعت، جواني‌ءَ جو جوش پل پـر، عھدو اقبال لا بقا، شاھوڪاري ھڪ سٽي ۾ ختم! سڀ ڪوڙ، سڀ فنا! مرڻ کان پوءِ انسان وسري وڃن. رپورٽر وڃي کيس ڳولھي لڌو. ڏسي حيران ٿي ويو. ھي‌ءُ جو گاما

ملندي رهــي. اهو ڪافي هو ته ڀارت جــو وڏي ۾ وڏو ڪشتيباز پٽيالا رياست جو رتن هو.

ورهاڱي کان پوءِ گاما کــي هندوستان مان لڏڻو پيو. آکاڙي ۾ بيهي ته پهلوانن کي للڪاري سگهيو ٿي پر رتوڇاڻ جي سمي ڏرم، مذهب جي جنون ۾ ڀاڙ پلائي حملو ڪندڙ حيوانن کي ڪير للڪاري سگهي؟ بيا ته ٺهيو پر گاما بـــ ٻجي ويو! ڪئن نه ٻجي؟ پلا هڪ رات ۾ هندوستاني گاما ڦري پاڪستاني گاما جو ٿي ويو! سياست جي ڪري نيڪ بد ٿي پيا، پراوا ٿي پيا، ڌڪار جي لائق ٿي ويا! گاما جي هرڪو عزت ڪندو هو. هن جــي ڪارنامن تي سيني کي فخر هوندو هو. پر تعصب نظرن ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. لڙيـا حيوان، مٿا اِنسان. وڙهيا سانَ لتاڙيا ٻوڙا. سڪن سان گڏ آلا به سڙڻ لڳا. بغض جي باهه کان گاما الائجي ڪئن بچي لاهــور پهتو! ڇون ٿا ته ڪن سڪ سهڻن جي سهائتا ملي ويس، جن جهوني دوستيءَ جو ننگ نباهي، ڪيس سرحد جي پار پهچايو. سڀ ماڻهو هڪجهڙا نه آهن. مثال آهن ته پاڪستان ۾ ڪيترن مسلمانن جـــا همٿ هندن کي رسيا ته هندوستان ۾ ڪيترن مسلمانن کي هندن جي مدد ملي. ٻج ڪونـــي ڪانهي. نيڪي صفا برباد ٿـــي ڪانه ويئي آهي. ڪاري ٻڪري اڃا به اڇو کير ڏئي ٿي. گاما لاهور ۾ رهڻ لڳو پر ڪمائيءَ جو ذريعو ڳولي نه سگهيو. يار، دوستار ۽ شاگرد ڇڙوڇڙ ٿي ويـا. ڪوئي نواب يا سردار ڪونه رهيو

چي "مهمان مون وٽ آيو گهڙي ٻه گهڙيءَ، مان سندس مرحبا نه ڪري سگهان پر هيڪاري ڪانئس وٺان!" رپورٽر اڳين ڏينهن جا قسم وجهي ڪيس پيٽا ڏني جا هن وڏي ڏکيائيءَ سان سويڪار ڪئي. غريب گاما پراڻا غيرت ڪوٽان ڪوٽ پري هئي. رپورٽر اُٿڻ وقت چيو، "ڪو نياپو ڪو سنيهو." گاما چلڪندي چيو، "ساريان پيو سڪ سان هندوستان جي سنگتين کي پر چڙي به ته ڪين مان ٿي آيس! آيس ته واپس وران ها پر..." تڏو ساهه کڻي چيائين، "قسمت!"

هندوستان جي اخبارن گاما جي حالت ڇپي. خبر پڙهي ڪيترا قدردان چرڪ پري اُٿيا. گاما پاڪستان ۾ هو پر اصل هو ته هندوستان جو! ڪنهن ڏينهن هندوستان جو نالو سڄيءَ دنيا ۾ بلند ڪيو هئائين. حالتن جي وس ٿي وڃي جي پاڪستان وسايو هئائين ته ڇا ٿيو؟ دليون پراڻو ٻڌائينديون آهن، حدون پرائو ڪري نه سگهنديون آهن. ڪيترن جهونن چاهڪن جون دليون جهپو کائي اُٿيون. ڪن وٽس پئسا پهتا سو موڪليندڙ ڄاڻن، پر خبر پيئي ته ڀارت مان گاما وٽ مدد پهچي ويئي. ڀارت مان سهائتا پهتي ته پاڪستان ۾ به هلچل هلي. سرڪار سورهي لاءِ پينشن مقرر ڪرڻ جو خيال ڪيو پر سرڪاري گاڏو ڏاڍو ڏيري هلندو آهي. چوندا آهن ته جيسين سائو ڪٽي ساهه تيسين ٻڪڙي جي وڃي جان. سرڪار جي ديڪ تڏي پر آهستي. نيٺ سرڪاري پينشن مقرر ٿي پر جلهن اِها خوشخبري ٽپالي کڻي آيو تڏهن اهو خط گاما نه ورتو. گاما ڪيئن

پهلوان، لکن جو لاڏلو! هن گاما ۽ هن گاما ۾ ڪيڏو فرق!
گندي بستيءَ ۾، اونداهي ڪمري ۾، اڌ ڇنل کٽ تي
سمهيو پيو هو! رلي پراڻي، وهاڻو ميرو. غربت جي مجسم
تصوير! رپورٽر گاما کي اڳي گهڻائي دفعا ڏٺو هو پر هيءُ
گاما ساڳيو گاما ڪونه هو. هو گاما هو ديوَ جهڙو مڙس ۽
هيءُ هو هڏن جو پڃرو. هوُ هو فخر هند ۽ هيءُ هو وساريل
پاڪستاني! رپورٽر جي وات مان لفظ نڪري ويا، ”گاما
جو هيءُ حال؟“ گاما ضعيف آواز ۾ وراڻيو، ”آسمان مان
ڪريل اِنسان جو حال ڌرتيءَ تي اِهوئي آهي. خبر ڪريو
توهان ڪئن مونکي ياد فرمايو؟ اڃا به ڪي آهن جي هن
مسڪين مهاجر کي ياد ڪن ٿا؟“ رپورٽر جڏهن ٻڌايس ته
هند ۾ هن جو نالو اڃا به عزت سان ورتو ويندو آهي لڏهن
هو روئي ويئو. ڳوڙها ڳاڙيندي چيائين ”مان هند ڇڏي
آيس جو سمجهيم ته هند ۾ رهڻ ناممڪن آهي پر جتي
ڪروڙين مسلمان اڃا به رهن ٿا اُتي مان نه سمائجي وڃان
ها. مون سمجهيو ته مسلم حڪومت ۾ مهنجو مان اوچو
ٿيندو ۽ مان آزاد پاڪ ۾ عزت جي زندگي گذاري سگهندس
پر سياستدانن کي سورمن جو ڪهڙو قدر؟ ويلي جي ورونهن
ڪانهي. لاچار پيو آهيان، ڪو حال پڇڻ وارو ڪونه رهيو
آهي.“ تڏو ساهه پري چيائين، ”شڪر آهي الله جو، جو
کي تو جهڙو پراڻا چاهيندڙ آهن جي هند مان به پيرپري
اچي ٿا حال پرسي ڪن.“ رپورٽر پنهنجو بٽئون ڪڍي سؤ
روپئي جا نوٽ گاما کي آڇيا. گاما وٺڻ جي نه ڪري.

”ڏهه ڏس ڏيکاريانءِ، انهيءَ ٻرڪ اکين سان“

مدراس ميل جي فرسٽ ڪلاس گاڏيءَ ۾ هڪ ٻرٿ تي سمهيو پيو هو شري سبرامنيم ۽ ٻيءَ تي سندس استري لڪشمي. مائيءَ سان هڪ ننڍڙو ٻار سمهيل هو. مٿين برٿن مان هڪ تي سمهيل هو سبرامنيم جو پٽ ۽ ٻيءَ تي هڪ مسافر چندرشيکر. سبرامنيم ۽ چندرشيکر ٻئي مدراسي هئا ۽ هڪٻئي جا واقف. چار ئي جاڳيا ٿي. مائي ڪائي، ليٽيا پيا هئا. سبرامنيم ڪتاب ٿي پڙهيو ۽ چندرشيکر مئگزن. گاڏي تيز رفتار سان هلندي پئي هلي، رات جا ساڍا ڏهه لڳا هئا. پڙهندي پڙهندي سبرامنيم اُٿي ويٺو. لڪشمي اڌ ننڊ ۾ هئي پر سڏ ٻڌي اُٿي ويٺي. سبرامنيم چيو، ”ڏاڍو سنو واقعو آهي. ٻڌين ته ٻڌايانءِ.“ لڪشميءَ ڪي اندر ۾ ڳالهه ڪانه وڻي پر مڙس جي مرضي رکندي چيائين، ”ڀلي ٻڌايو.“ مٿين مسافر جو خيال رکندي سبرامنيم چيو، ”تون هيڏانهن اچي ويهه جئن مسٽر چندرشيکر جي آرام ۾ رخنو نه پوي.“ چندرشيکر ٽهڪ ڏئي چيو، ”آرام ۾ رخنو پوي ها ته پهرين سڏ تي پوي ها. سڏ ائين ڪيءَ جڻ ته سوني جي ڪاڻ لڌي هيءَ. ڀلي پاڻ ۾ ڳالهايو، مونکي ننڊ ڪانه

ولي؟ ڳاما ھوئي ڪٿي؟ ھڪ ڪلاڪ اڳي ھن جو پراڻ پکيئڙو پرواز ڪري چڪو ھو. شاعر فردوسيءَ وانگر ھڪ ڏرڪان سندس لاش نڪتو تہ ٻئي ڏرڪان، غزنويءَ جا ھوڪيل، اَشرفين سان ڀريل اُٺ اندر پيھنا.

ڳاما ويو، سيڪو ويندو. پر اھڙا جيءُ عبرت ڀريا سبق سيکاري ٿا وڃن. مون کان ٿورو وقت اڳي ھن چوطرف ٿي نھاريو. پڇڻ تي ڪجھ نہ ٻڌايائين. لڳو ائين پئي جڻ ڪا وڃايل شيءِ ٿي ڳوليائين. ڇا ٿي ڳوليائين ڪير ڄاڻي! آخر وقت اچي ويو. ٻنيءَ مان ٽين ڪپي ويو، وٽ ڪامي وٺي. وسامڻ کان اَڳ ٻنيءَ اُپرڪو ڪاڍو. اُپرڪي ۾ آواز ھو. چون ٿا تہ پويون اکر سندس وات مان نڪتو، ”قسمت!“

سچ قسمت! قسمت پربل آھي. تقدير سان ڪير پڄي؟ ڄاڻو ڪٿي، مئو ڪٿي؟ ڪٿي ھندوستان، ڪٿي پاڪستان! مون کان پوءِ پلا ڪھڙو آستان؟ ھندوستان آزاد ٿيو، پاڪستان جي نئين اسلامي حڪومت ٿي، پر سچي آزادي ڪٿي؟ سچي آزادي عالم ارواح ۾، آتمائن جي مڪان ۾، جتي نہ رنج نہ مصيبت، فقط خوشي ئي خوشي. شاھ سائينءَ جو مارئيءَ جي واتان چوايل بيت ڪھڙو نہ ٺڙ آھي!

قسمت قيد ڪري، نہ تہ ڪير اھي ھن ڪوٽ ۾؟
آڻي لکئي لوح جي، ھنڌ ڏيکاريم ھي؛
راڄا راضي ٿيءَ تہ مارن ملي مارئي.

کي، ٿون ٻڌاءِ جيڪي ٻڌائڻو اٿيئي." سبرمنيم چيو، "هن ڪتاب ۾ ڪيترا مثال ڏنل آهن، جن ۾ ڏيکاريل آهي ته پرارٿنا جو وڏو اثر آهي ۽ ايشور پرارٿنا ٻڌي ٿو." وڏي شوق ۽ شرڌا سان هو پڙهڻ لڳو:- "منهنجو نالو آهي باب رچرڊ. اوچي ٽپي ۾ مان دنيا جو چئمپين آهيان. جڏهن جڏهن مان ڪنهن به چٽاڀيٽيءَ ۾ ڪامياب ٿيندو آهيان ۽ پنهنجو ئي رڪارڊ ٽپيندو آهيان تڏهن اخبارون منهنجي ساراهه سان ڪالم ڪارا ڪري ڇڏينديون آهن. سچ پڇو ته پنهنجي ساراهه پڙهي مان لڄي ٿي ويندو آهيان. ڪارڻ اِهو آهي ته مان ڄاڻان ٿو ته منهنجي ڪاميابيءَ ۾ وڏو هٿ ايشور جو آهي. ٽپي ڏيڻ کان اڳ، مان شرڌا سان سائينءَ کي ياد ڪندو آهيان ۽ هن جي سهائتا مڱندو آهيان. مون ۾ برابر شڪتي آهي پر پرارٿنا سان اِها شڪتي ٻيڻي ٿي پوندي آهي. ڪيترا دفعا ته ڪمال ٿي چڪو آهي. مالڪ جي مهر سان اڻ ٿيڻي ڳالهه ٿي پيئي آهي."

"هڪ دفعي جڏهن فنلئنڊ ۾ چٽاڀيٽي ٿيڻي هئي تڏهن ان چٽاڀيٽيءَ کان ٻه ڏينهن اڳ منهنجو ڳلو سڄي پيو. ڊاڪٽرن يڪدم پينسلين جون سيون هنيون. ڪاڌو گهٽ ڪاڌم سو پاڻکي ضعيف سمجهڻ لڳس. راند جي ڏينهن صبح جو هنڌ مان اُٿڻ تي دل ڪانه ٿي ٿي. ارادو ڪيم ته هن دفعي ڀاڱي ڪونه وٺندس ۽ اهڙو اطلاع اختياريءَ وارن کي ڏنم. هڪ ڪارپرداز منهنجي گهر آيو ۽ مونکي

ٿي اچي.“ لڪشمي سري اچي سبرمنيم جي پاسي ۾ ويٺي.
سبرمنيم چيو، ”برابر ڪاڻ لڌي اٿم. هونءَ به ڪاڻ جي
سون ڪان آتما جي سون ڪي مان وڌيڪ ملهائتو سمجهندو
آهيان.“ چندرشيکر ڪنڌڪ سان چيو، ”تون ڳالهه ٻڌاءِ،
ڏسان ڪهڙي وت هٿ آئي اٿيئي.“ ٿڌو ساهه ڀري چيائين،
”ڀڳوان ڀڳوان ڪري اچي پلو آهين. ايشور جي ناليءَ سان
پيو اجايو سجايو پاٺڪي آئت ڏين. ٻر جن تي جنون سوار
هوندو آهي تن سان بحث ڪهڙو؟“ سبرمنيم گنڀيرتا سان
چيو، ”ڇڪيو ڪونه اٿيئي ته سواد جي ڪهڙي خبر پويئي؟
عقل جي زور تي پيو وڪيلن واري وواد ڪرين، ڪڏهن
دل مان آواز اُڀريئي ته ڪل پويئي. گيان واري جو گلو
پيو هلي، ڀڳتيءَ واري جو وات ئي بند. جي اندر جو اندر
۾ رس وٺن سي ڪجهي ڪين سگهن.“ چندرشيکر چيو،
”هاڻي ته تو وياکياڻ شروع ڪيو آهي. ڇڏ وعظ ڪي، پڙهه
پنهنجي ڪتاب جو ٽڪر.“ سبرمنيم چيو، ”ڇا آهي ٻل
پرارٿنا جو، ڪيڏي نه مهر آهي مالڪ جي؟“ چندرشيکر
چيو، ”پرارٿنا ڪنهنکي، مهر ڪنهنجي! پڙمي آهين پرمي!
ايم. اي. فيلسوفيءَ ۾ پاس ڪيءَ ته به وهم ڪونه ويئي.“
سبرمنيم چيو، ”فيلسوفي پڙهي اٿم تڏهن ته چٽي سگهان
ٿو ته هڪ مها شڪتي آهي، جنهنجي زور تي هيءَ سرشٽي
هلي ٿي.“ چندرشيکر رد ڏيندي چيو، ”ڇڱيءَ طرح اُڀياس
ڪرين ها ته اَنکن ۾ پيو هجين ها. ڇڏ بحث

لڪشمي مرُس سان شامل ٿيندي چيو ”برابر آهي؛ پرارٿنا سان وڏي شڪتي ٿي ملي.“

چندرشيکر چيو، ”اِڇا شڪتي ۽ ايشوري شڪتيءَ ۾ ه ڪو فرق آهي؟“

سبرمنيم چيو، ”ايشوري شڪتيءَ سان اِڇا شڪتي وڏي ٿي. ايشوري شڪتيءَ جو ٻيو نالو آهي آتم شڪتي. باب رچرڊس جو به ته اِهو چوڻ آهي نه؟ هيڏيون سوپون پائي اهڙو ماڻهو جيڪر هٿ ۾ پرچي وڃي پر هو ڄاڻي ٿو ته سندس سوپ سندس مرضيءَ موجب نه پر پرماتما جي اِڇا اَنوسار آهي. گهر ته مليئي. شڪتي بجليءَ گهر مان ايندي آهي پر پنهنجي گهر ۾ بٽڻ ته هيٺ تون ڪر نه! ايشور جي ڪروڙا اَپار آهي پر آتما جي ڪل ڪي ته تون دٻاءِ نه!“

چندرشيکر چيو، ”جوانيءَ ۾ ئي ٻڏو ٿي وئين! باب رچرڊس پرارٿنا ڪئي ۽ هو پرارٿنا جي زور تي ڪامياب ٿيو پر ٻين جن هزار دفعا پرارٿنا ڪندي به رچرڊس کان نه کٽيو تن لاءِ ڇا چوڻو اٿيئي؟ ايشور رچرڊس کي مدد ڪئي ڇڻ ته هو هن جو ڪميشن ايجنٽ هو.“

سبرمنيم چيو، ”ايجنٽ نه پر حمائتي، ساٿي. جو سچيءَ دل سان صاحب کي ياد ٿو ڪري تنهنجو هوُ ساٿ ڏئي ٿو.“

چندرشيکر چيو، ”اهڙو موقعو منهنجي جيون ۾ ڪونه آيو آهي.“

راندين واري ميدان تي اچي ماڻهن کي منهن ڏيکاري، ڪين پنهنجي مجبوريءَ کان آگاهه ڪرڻ لاءِ وينتي ڪئي، جا مون قبول ڪئي. پوءِ مون خيال ڪيو ته ميدان تي ويندس ۽ ٻيپي ڏيڻ جي ڪوشش به ڪندس. هار ۽ جيت جو رانديگر کي اونو ڪرڻ نه کپي. مون دل جو دل ۾ پرارٿنا ڪئي. کٽڻ لاءِ نه پر ٿوريءَ ئي لياقت ڏيکارڻ لاءِ.

”مان ميدان تي آيس ته هر طرف کان تاڙيون وڄي ويئون. مون هڪ دفعو وري به سائينءَ کي ڏيائيو. پهرين نئيڏا ٻيا ڏنم ۽ ويس آهستي وڌندو. مان پاڻ عجب ۾ پئجي ويس ته مون ۾ ايڏي شڪتي ڪٿان آئي! مونکان منهنجي ڪمزوري وسري ويئي. ويس ٻپ ڏيندو تان جو پويون ٻپو پندرهن فوٽ اوچو هو. مٿي نهاريم! اڳي ايڏو مٿي ڪڏهن به ڪونه ويو هوس. ڪنڌ نوائي ٻليءَ کان ٻل گهريم. هٿ ۾ لعبي لٺ هئي. انهيءَ لٺ جي آڌار سان ئي ٻپو ڏيڻو هو. پاڻ ۾ اَزغيبي طاقت محسوس ڪيم. لٺ کڻي پريان ڊوڙندو آيس ۽ ويجهو اچي اُچانڪ ڏنم ته اُڏڪ ئي ڪانه ٿي. پتو تڏهن پيم جڏهن ٺيٺ واريءَ تي اچي ڪريس ۽ چوڌاري تاڙين جو ٺهڪو پئجي ويو. مون واريءَ ۾ ويٺي ئي ايشور جا اَحسان مڃيا.

”اهڙا واقعا منهنجي زندگيءَ ۾ گهڻائي ٿيا آهن جن مونکي پڪو نشچو ڏنو آهي ته پرارٿنا انسان کي وڏو ٻل ٿي ڏي. پرارٿنا سان مون ڪرامت جهڙا ڪم ڪيا آهن.“

سبرمنيم جا حوصلا خطا ٿي ويا. چندر شيکر زنجير ڇڪي؛ گاڏي بيهجي ويئي.

خبر ڦهلجي ويئي. هرڪو مسافر منهن ڪڍي ٻاهر نهارڻ لڳو ۽ افسوس ڪائڻ لڳو. گارڊ گاڏي پٺتي ڪئي. ٿوري پند تي اهو ٻاڪوُ رتورت ٿيو مُئو پيو هو. سيڪو سوچڻ لڳو ته جڏهن ٻاڪوُ جو روز هلندڙ گاڏيءَ مان ڇوريون ڪري پيو لهندو چڙهندو هوندو سو ڏريون ڏريون ٿي ويو ته ٻار جو حال ڇا ٿيو هوندو؟ پر ڇا ٿيو هجي ته ٻه ٻار ته همڪ ڪرڻو هو! گاڏي پٺتي هلي. ٻار لڌو. مُئل! ڇڄڙيل؟ خون ۾ ٻڏل!؟ نه ۽ جيئرو جاڳندو، خوش خرم! هڪ ٻوڙي ۾ اٽڪيو پيو هو پر ائين سمهيو پيو هو جڻ قدرت هن جي لاءِ هڪ ننڍڙو جهولڻو تيار ڪري رکيو هو. ٻالڪ کي کڻي سبرمنيم ۽ چندر شيکر پنهنجي گاڏي ۾ آيا. هنن ٻن دوستن سان ٻيا ڪيترا مسافر گاڏي ۾ گهلجي آيا. بيشمار ماڻهو گاڏي ۾ هيبت بيٺا هئا. هرڪو حيران هو! ٻار اڇي ماءُ جي هنج ۾ وڌائون. لڪشمي اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي.

سبرمنيم چيو، ”شڪرگذاري ڪر. روئڻ جو ڇا مطلب؟“

لڪشميءَ جا ڳوڙها شڪرگذاريءَ جا هئا. هن کي اعتبار ئي نه ٿي آيو ته هڪ جيتامڙو گاڏيءَ مان ڪرڻ کان پوءِ به بچي ويو!

گاڏي هلي. سبرمنيم ٻار کي کڻي چندر شيکر جي هنج

سبرمنيم چيو، ”ڪنهن ڏينهن ايندو.“

چندر شيکر ٻٽي وسائيندي چيو، ”ايندو ته به ايشور جي طرف کان نه سمجهندس.“

رات جا ٻه پهر گذري چڪا هئا. گاڏي هلندي رهي، مسافر الوت ننڊ ۾ پيا هئا. سبرمنيم ۽ پيا ساٿي به پنهنجي گاڏي ۾ آرامي هئا. اوچتو ئي اوچتو لڪشميءَ جي اک کلي پيئي.

تارن جي روشنيءَ تي اُلي هئي. ڇرڪ ڀري اُٿي جو گاڏيءَ جو در کليل ڏٺائين. هوءَ اُٿي پر سندس منهن مان آواز ڪونه نڪتو. يڪدم محسوس ڪيائين ته ڪو اجنبي گاڏي ۾ گهڙيو آهي. هو به اُئين، هلندڙ گاڏيءَ مان چورين ڪرڻ وارو هڪ ڌاڙو گاڏي ۾ گهڙي آيو هو. لڪشميءَ کي اُٿندو ڏسي هن يڪدم ننڍڙي ٻار کي پنهنجي هٿن ۾ کڻي، ڇڪي ۾ چيو، ”خبردار! ٻڙڪ ٻاقيندينءَ ته ٻار کي ٻاهر اُڇليندس.“ لڪشمي سن ۾ اچي ويئي. هڪ ٻانهن ۾ ٻار ۽ ٻئي هٿ سان بندوق کڻي، چور در جي ويجهو آيو. لڪشميءَ کان چيخ نڪري ويئي. چيخ تي سبرمنيم ۽ چندر شيکر اُٿيا. چندر شيکر ٽپ ڏيئي يڪدم هيٺ لٿو. چور مونجهاري ۾ اچي ويو. اُڇلائڻي بندوق هنس پر اُڇلائي ڇڏيائين ٻار کي. چندر شيکر چور سان ڳنڍجي پيو پر جيسين سبرمنيم به اچي پهتو تنهن کان اڳ ڪيس تيلهو ڏئي ڌاڙو هلندڙ ٽرين مان لهي ويو. احوال معلوم ڪرڻ تي

تو جئن ڪري نہ ڪوءِ
ٻچن سان پيلاڳيون

ناگپور ۾ سنت ڪنور رام جي ورسي هئي. رات جا ٻه ٿي لڳي ويا هئا، مان ڇوڪري پوري ڪري اچا اسٽيج تي ٿي ويٺو هوس تہ هڪ ٻڍڙو سريو اچي اڳيان ويٺو. نمرتا واري آواز ۾ چيائين، ”پيارا! مون مسڪين جي واهر ڪر.“ مسڪين؟ هائو، برابر مسڪين ٿي لڳو! ڪپڙا ميرا مٽيءَ جهڙا ۽ ربڙ جي جتيءَ ۾ چاليهہ چير! ڏاڍو ابالو ٿي لڳو، ڇهري مان، سريو مان خواهہ پوشاڪ مان بيوس، بيڪس ٿي لڳو. اهڙن وقتن تي ڪيترا سوالي اچي سوال ڪندا آهن ۽ روپئي ٻن تي راضي ٿي دعائون ڪندا ويندا آهن. مان ڪيس روپيو ڏيان تنهن کان اڳ، ڪنهن چيو، ”ٻڍا! صبح جو اچ تہ مڙيوئي پلي ٿي پوندي.“ هن ڏانهن ڏيان نہ ڏيندي چيائين ”روپئي اڌ لاءِ جهولي ڪانہ ڦهلائي اٿم. سوا سؤ روپيا گهٽ ۾ گهرجن.“ چرچو ڪري ڪنهن چيو، ”پٽ تو پوٽائين چا پريا مڙس؟“ پوڙهي مڙس عاجزيءَ سان چيو، ”پٽ نہ بابلا! نياڻيءَ جو ڪارج آهي. پٽ لاءِ ڪيئن هٿ ڦهلائيندو؟ پٽ پرٽيل هئم پر ريل جي حادثي ۾ مري ويو، منهنجي ننهن سلهہ ۾ هلي وئي.

۾ ڏنو. پٽڪي ۾ چيائين، ”جيئرو آهي. پرهلاد وانگر پريوءَ پنهنجي هٿن ۾ جهٽي ورتس.“

چندر شيکر جي اکين ۾ آنسو هئا. ڪا مهل ڪڇيائين ڪونه پر آخر ۾ لفظ سندس وات مان نڪتا، ”عجب آهي!“

سبرامنيم شرڌا سان چيو، ”قدرت آهه پيارا!“

اِهو واقعو اخبارن ۾ آيو. بين تي ڪهڙو اَثر ٿيو سا مون کي خبر نه آهي پر منهنجو ڪنڌ نمي ويو ۽ اندر مان آواز اُٿيو:

”آءٌ ته پياريانءِ پري پيالو پريم جو
ساميءَ هن اوسر ۾، ته من سڀ ٿاريانءِ
ده دس ڏيکاريانءِ آنيءِ پرکه اکين سان.“

ڪاڪو اچي حاضر ٿيو. هٿ ٻڌي چيائين، ”پنجن ڏينهن ۾ شادي گهري اَٿائون. ڪجهه ڪري ڏيو ته مهرباني نه ته جيئڻ قسمت.“ منهنجو مٽر رام موٽواڻي پڙ ۾ بيٺو هو. مون هن ڏانهن نهاري چيو، ”دادا، هيءُ ويچارو تڪليف ۾ آهي، هن جي مدد ڪرڻ کپي.“ فيصلو ڪيوسين ته گهربل رقم جو اڌ اڌ ڏينداسين. ڀائيءَ نماڻائيءَ سان چيو، ”سائين، پنجاه روپيا وڌيڪ ڏيو ته توهانجي وڏي مهرباني.“ پر اتي ئي هٻڪي چيائين، ”سائين، سوا سؤ بس آهي. توهان جا لک ٿورا. مونکي وڌيڪ پيسا گهرڻ نه کپندا هئا.“ ڀائي رتن لعل ڀائي ڀولارام جي ٻالڪي بيٺي گفتگو ٻڌي، سو چيائين، ”سپاڻي مان وڃي سندس حال ڏسندس ۽ توهان ڏانهن چٺي لکندس ته سچ پچ گهرج ڪيتري اَٿس.“ ڀيڙي آسيس ڪندي چيو، ”ايشور مهر ڪندَ. هاڻي مان وڃان ٿو ۽ ڏينهن ٻن ۾ چٺي وٺي ايندس. بابا، شاباس اٿوَ، ڪو لهڻو ليکو ته ڪونهي.“

ٻن ڏينهن کان پوءِ ڇنڇر جي ڏينهن سوير صبح جو ڪاڪو ڀائي رتن جي چٺي کڻي آيو. چٺيءَ ۾ سوا سؤ روپين جي سفارش ٿيل هئي. دل ۾ خيال آيو ته ڀاءُ رام موٽواڻيءَ کان ٻئي ڪنهن لاءِ سهائتا گهرندس، حال هن کي ٽولاٽي چڙيٽيز تي چٺي ڪڍي ٿو ڏيان. چٺي ڏنمانس. اُنهيءَ ڏينهن دل ۾ ڏاڍي خوشي محسوس ڪيم. سچي خوشي آهي به شيوا ۾. شيوا غريبن، اناٿن، وڌوائن ۽ لاچارن جي.

پوئي پالي اٿم. مڱائي اٿم، ته جؤ هٿ ڪٽي به اُٿم پر ديگ ۽ شربت پاٽيءَ لاءِ سوا سؤ روپيا اڃا کپن. شادي روڪي بيٺي آهي. قرب ڪر قربدار، نالو اٿيمِ سنت ڪنور رام جو." منهنجي دل رڄي ويئي. اندر مان آواز آيو، "هن جي سهائتا ڪرڻ اُتم دان آهي." مون چيو، "ٻڍڙا، توسان وچن آهي ته روپيا سوا سؤ توکي ڏيندس پر عجب ٿو لڳيم ته ٻن ڏينهن کان پوءِ اُنهيءَ وقت ڇو اچي سوال ڪيو اٿيئي جنهن وقت مُنکي ۾ مليل سڀ پيسا ڌرمشالا وارن جي حوالي ڪري ڇڏيا اٿم؟" ٻڍڙي ٿڌو ساهه کڻي چيو، "همٿ نه ٿي ٿيم پر اڄ همٿ ٻڌي اچي آڏو بيٺس. سنئي ڪٽنب جو آهيان. مڱڻ کان مرڻ ڀلو پر آخر جڏهن ڏٺم ته سائينءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه وسيلو ڪونهي تڏهن اچي توهان کي حال سڻايم. وواهه ۾ اڃا مهني جي مهلت آهي. اڄ نه ته ٻئي ڏينهن سهين. مان ڪلياڻ ۾ رهندو آهيان، آگيا ڏيو ته اچي بمبئيءَ ۾ ملانوَ." سندس روش وٽي. مون چيو، "اچي ملج ۽ سوا سؤ روپيا مونتي ٿيا." آسيسون ڏيندو ٻڍڙو هليو ويو. انهيءَ کان پوءِ ٻه ٽي ڏينهن ته اُنهيءَ ٻڍڙي جي شڪل ور ور ڪري اچي ٿي اکين آڏو بيٺي. منهن مرجهايل، وار اُپوڳا، اکين تي چانديءَ جي فريم جو چشمو ۽ چشمي جون ٻئي ڪانيون ڌاڳي سان ڳنڍيل. ٻڍهه بيڪسيءَ جي صورت!

بمبئيءَ ۾ پوڄل جي ورسيءَ جي موقعي تي اُهو ساڳيو

هوس ۾ هن واقعي منهنجو ارادو پڪو ڪري ڇڏيو تہ آئينده ڪنهن تي اعتبار نہ ڪندس. هن حريف جي حرفتبازيءَ منهنجي وشواس کي ڌوڏي ڇڏيو. رات سڄي ننڊ نہ آئي. ٻہ چار ڏينهن اندر ۾ ڏک، حيراني ۽ ڪاوڙ هئي. ٻہ ٽي ڇٽا آيا پر رهڙ ڏيئي ڪڍي ڇڏيو مان. هرڪو سواليءَ مونکي ٺڳ، پاسڻ لڳو. هرڪو گهرجائو غريب، ڏوکي باز! مهينو گذري ويو پر اندر جو گهاءُ نہ مٽيو. وقت پئي سور گهٽيو پر ڏک جي يادگيري نہ وسري، انهيءَ عرصي ۾ جيڪو بہ اَڻ واقف آيو تنهن کي نراس واپس ورايم.

هڪ صبح جو اچا چانهہ پي ويٺو هوس تہ در تي گهنٽي وڳي. ڪنهن در کوليو تہ ڪن تي آواز پيو، "پروفيسر صاحب آهي؟" مون سمجهيو تہ ڪو نئون ڏوکيباز آيو آهي. هڪ سهڻو، ٺاهوڪو، رشٽ پشٽ جوان اندر آيو. مون اُتي سندس ڪيڪار ڪئي. ٺهہ پهہ چيائين، "سائين سڃاتوَ؟" روش لڳا پئي پر ڇئي نہ سگهيس تہ ڪير آهي. جوان چيو، "سائين، مان توهانجو جهونو شاگرد آهيان. ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ ايف. ايس. سي. ۽ انٽر سائنس جا ٻہ سال مونکي سنڌي پڙهائي هُيوَ." مون چيو، "دوست! مهانڊا تہ ياد آهن پر نالا ياد ٿورا ئي رهن." جوان شاملراءِ ٿيندي چيو، "توهان وٽ هزارين شاگرد پڙهي ويا هوندا سو سڀني جا نالا ڪيئن ياد رهندوَ؟ مهانڊا بہ وسري ويا هوندوَ پر اسين تہ پنهنجي اُستاد کي لکن ۾ سڃاڻي

سوچڻ لڳس، ”ڪيترا آهن جي ڏيئن جي شادين تي هزارين روپيا ٿا خرچين! هڪ رسيپشن تي ئي ڏهه ڏهه هزار ٿا سوڍا باڙلين، بلبن ۽ شاميانن تي ڦٽڪي ڇڏين ۽ هڪ بدڙو ڪاڪو مهنن ڪان سوا سؤ روپين لاءِ پٽڪندو رهيو آهي!“ هن جي غريبيءَ تي اَرمان ٿيو پر اُتيئي خوشي ٿي ته وري به ڪنهن غريب جي ڪم اچي سگهيو هوس.

سومر ڏينهن رتن لعل گڏيو. پاڻ ڳالهه ڪڍي ئي ڪيڏي تنهن کان اَڳ موهن چيو، ”ياڻي، ڪاڪي جو ڪم ٿي ويو. شاباس اَٿيَو جو پوري خبر ڏنيَو.“ رتن لعل حيرانيءَ مان چيو، ”ڪهڙو ڪاڪو؟“ موهن چيو، ”جنهن ڪي ٽيون ڏينهن چني لکي ڏنو.“ هن چيو، ”پر موهن ته ڪنهنکي چني ڏني ئي ڪانه. هوُ تنهن ڏينهن وارو ڀائي، جو گيان گهر ۾ گڏيو هو، سو ته موهن وٽ آيو ئي ڪونه پر موهن وچي پڇيا ڪئي ته معلوم ٿيم ته هڪ رولو ۽ ٺڳ آهي. شادي ٻادي اَٿس ئي ڪانه. توهان پيسا ڏنس ڇا؟“ مان سن ۾ پئجي ويس. رتن لعل منهنجي دل وٺندي چيو، ”دادا! اِهي ڪم پيا ٿين. توهان ته نيڪ نيتي ڏيکاري نه، هن جو پاپ هن سان!“ موهن ڪجهيو ڪونه پر اندر سراپجي ويو.

رات جو هر هر پيو پاڻ کان پڇان، ”ايتري ٺڳي؟ ايڏو دوکو! ڪهڙو نه نماڻو ٿي لڳو ۽ ڪهڙو نه سچو! ڀونگي هو؟“ اَڳ به اهڙا به ٽي واقعا ٿيا هئا جن ۾ ٺڳجي ويو

جيڪڏهن ٻن هزارن جي هٿي نه ملي ها ته اڄ رستن جوڙائڻ جي بدران رستا پيو ڪٽيان ها." مونکان ٽهڪ نڪري ويو. ڪلندي چيم، "رستا جوڙايو پلي پر اهڙا جوڙايو جو ٻن مهنن اندر مٽي نه ٿي وڃن. رستن تي ڪم ته گهٽوئي پيو هلي پر ڏن ئي ڏوڙ ۾. پلا انجنيئر ۽ ٺيڪيدار ٿيا ٻت ته ڪم الهي ٻلهي جو ته ٿيندوئي. ايمانداري اڄ لپ وستو ٿي پيئي آهي." رميش چيو، "ايشور شاهد آهي ته مون سڄي وقت ۾ ڪا به بي ايماني ڪانه ڪئي آهي. عيبن کان آجو الله آهي پر ڏينهن رات اها ئي آرزو نا آهي ته حق حلال جي ڪمائي ڏي. هن مهل تائين مهر ڪئي اٿس، اڳتي به ننگ، آهي ننگيءَ تي." نيرن ڪيائين ۽ پورو پورو احوال ٻڌائين. هن جي زندگي ٻين انجنيرن کان نرالي هئي.

نيٺ چيائين، "سائين، هڪ وينتي آهي." مون چيو، "چئو سچڻ!" رميش جهيڻي آواز ۾ چيو، "مان قرض موٽائڻ تو چاهيان پر گڏيل وياج سان. مان ٻن هزارن ۾ انجنيري پاس ڪري سگهيس، پر اڄ ڪلهه ٽن سالن ۾ چار هزار گهٽ ۾ گهٽ لڳي ويندا. مان هڪ ڇوڪرو انجنيريءَ لاءِ پاڙهڻ تو چاهيان. توهان ڪنهن به نوجوان کي مدد ڏيڻ چاهيو ته مان حاضر آهيان. ڪو به گهرجائو هوشيار وديارٿي وديا کان وانجيو نه رهڻ گهرجي."

خوشيءَ مان مون سندس منهن ۾ نهاريو. منهن جي

ونون. مان رميش آهيان، ديوان روپچند رتيديري واري جو پٽ.“ مون اٿ پڪ سان چيو ”هائو برابر!“ رميش چيو ”سائين! ايشور جي ديا سان مان اڄ وڏي عهدي تي آهيان ۽ اِنهيءَ لاءِ توهانجو اَحسان مڃڻ آيو آهيان. اَٺن سالن کان پوءِ بمبئيءَ ۾ آيو آهيان. هن وقت سينٽر پي. ڊبليو. ڊي. ۾ سپرنٽينڊنگ اِنجنيئر آهيان. ڪيترو وقت شلانگ ۾ هوس ۽ پٺي رستا جوڙايم پر هاڻي دهليءَ ۾ آهيان. سالن کان سڪ هئي، سا اڄ پوري ٿي آهي. توهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي اَٿم.“ ڪنڌ نوائي چيائين، ”آسيس ڪريو.“ مون چيو، ”پيارا! آسيس پر پوءِ کان گهر، مان کهڙي وٽ آهيان؟“ رميش صدق سان چيو ”ڪري مٿان پر ڪنهنجي هٿان. اڄ مان هن پدويءَ تي هجان ئي نه ها جيڪڏهن مهلائتي مدد نه ملي ها. ياد اَٿوَ ته فرسٽ ايئر ۽ اِنٽر سائنس ۾ پرنسپال بناٽيءَ کي چئي منهنجي فِي معاف ڪرائي هئوَ؟“ مونکي ياد نه هو. اِنڪاري لوڏ ڏسي چيائين، ”ڀلا اِهو ته ياد اَٿوَ ته جيرامداس نائومل وارن کان پنجاهه روپيا ڊر ماهيانو سڪالرشپ وٺي ڏني هئوَ؟“ مان چرڪ پري اُٿيس. مون چيو، ”هائو، توکي مان سڃاڻان. جيرامداس نائومل جو نالو ٻڌڻ ته ياد اچي ويو. برابر جوهر کان سهائتا وٺي ڏني هئي مان.“ ڪنڌ ڌوڻي چيائين، ”هائو سائين جوهرمل! مون سان وڙ ڪري ڇڏيائين. اڄ پنجاهه روپين جو ملهه ڪونهي پر اُنهن ڏينهن ۾ گنج هئا،

ڏيڻ آيو آُئيئي؟"

رميش چيو، "سائين! هن دنيا ۾ پانت پانت جا لوڪ پيا آهن. سيني کي سمجهڻ ڪنهن ڪم آهي. پر ڪهڙي خبر ته انهيءَ بدڙي ڪيترن ڪشٽن سهڻ ڪانپوءِ لاچار ٿي اهو بيک ڌاريو هجي ۽ توهانکي نگي پنهنجو ڪارج سڌ ڪيو هجي؟" مون ڪنڌ ڌوڻي چيو، "نه سڄڻ! ورهاڱي کان پوءِ ڪيترن بيڪار ماڻهن دوڪــي ۽ دولاب تي ڪٽي پاڙيو آهي. مان به اڄتي ڪٽي توري پڪائي ڪندس پر هڪ جي ڪري سڀ چــو پوڳين؟ جانور ڪائيندي به چار جانور هٿ مان ڪري پون ته جانور ڪاڻڻ ڇڏي ڏبا ڇا؟ بڪ ۾ پاڻــي پيئڻ سان پاڻي وتين ڪــان وهــي وڃــي ته پاڻي پيئڻ ڇڏي ڏبو ڇا؟ درياه پار ڪندي ڪا بيڙي ٻڏي وڃي ته بيڙيءَ ۾ چڙهڻ ڇڏي ڏبو ڇا؟ هڪ دوکي ڪائڻ ڪان پوءِ سيني سان نيڪي ڪرڻ ڇڏي ڏيڻ کپي ڇا؟ نيڪي به پاڻ جاڻي، بدي به پاڻ جاڻي. اسين سائينءَ ڪان عدل گهرندا آهيون يا فضل؟ مالڪ ڪنهن سان پيد رکندو آهي؟ سج فقط نيڪ انسان جي گهر تي چمڪندو آهي يا بدڪار جي گهر تي به؟ برسات وسندي آهي ته صرف اندڪيءَ ۾ ڪرندي آهي يا ڪني ڪسيءَ ۾ به؟ هن جي سخا سيني لاءِ ساڳي آهي. هن وٽ ڪو به پيد ڪونهي، پيد انسان بڻايو آهي. بيائي سوارٿ جي ڪري پيدا ٿي آهي. سائين سوارٿ ڪــان مٿي آهي، بيائيءَ ڪان دور آهي. هن وٽ سڀ هڪ

نهار ڏسي چيائين، "اِئين ڇو ٿا نهاريو؟" مون چيو، "توهان مونکي منهنجي وڇايل شيءِ ڳولهي ڏني آهي." عجب مان پڇيائين، "ڪٿي؟" مون چيو، "وشواس وڃائي ويٺو هوس، ڇڱائيءَ ۾ اعتبار!" بيڏڙي واري سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائيمانس. ڳالهه پوري ڪري چيم، "ويچار ڪيو هئم ته ڪنهن به اڻ واقف سواليءَ جي سهائتا ڪانه ڪندس پر تنهنجي اڄ منهنجون اکيون کولي ڇڏيون آهن. ياد به ڪونه هو ته ڪنهن وقت تنهنجي مدد ڪئي هئم. خواب خيال به ڪونه هو ته هيتري ورهين کان پوءِ تون ايندين ۽ مدد کي قرض سمجهي قرض ادا ڪرڻ جو خيال ڏيکاريندين." رميش شڪرگذاريءَ جي آواز ۾ چيو، "هڪ شاگرد ته توهان جي مدد جي موٽ ۾ پاڙهيندس پر آسيس ڪريو ته پنهن جي ڪمائيءَ مان ٻين بـــ گهرجائو جيون جي مدد ڪري سگهان ۽ پنهنجو جيون سڦل ڪري سگهان." هن جي اکين ۾ آنسو هئا. پاونا جا آنسو، اِنسان ذات لاءِ همدرد ڳوڙها. منهنجي دل ڀرجي آئي. ڪا ويرم ته چپ رهيس پر نيٺ چيم، "ڇا ٿيو جي هڪ بيڏڙو ٺڳي ويو؟ هن دنيا ۾ تو جهڙا جيوَ به ته پيا آهن نه؟ تنهنجي اُدارچتائيءَ ۽ اَحسانمنديءَ مونکي نئين سر سجاڳ ڪري ڇڏيو. جنهن تو ڳالهايو تنهن منهنجو من مونکي چوڻ لڳو ته هيءَ سچ يا هوُ سچ؟ سوا سؤ روپئي وارو بيڏڙو ٺڳي ويو ته ٻين جي مدد ڪرڻ ڇڏي ڏنم ۽ هاڻي هيءُ جوان جو ورتل رقم ٻيڻي ڪري موٽائي

هڙا هاڃا ٿين، ٻري هن ڀنڀور ۾

دوست اسپتال ۾ پيو هو؛ ڏسڻ ويو ساڻس. ڪيس ڏسان تنهن کان اڳ، پڙ واري ڪمري جي ٻاهران ڪرسيءَ تي وينل مائيءَ اُٿي هٿ جوڙيا. مون ڪيس ڪونه سڃاتو. ويجهو ويس ته چيائين، "پاڳيءَ جي ماءُ آهيان. ڪراچيءَ ۾ ساڳئي محلي ۾ رهندا هئاسين." مون ڪيس سڃاتو. پڇيو مانس، "ڪير بيمار آهي؟" اجا جواب ڏئي تنهن کان اڳ، ڪوٺيءَ مان هڪ پاڻي ٻاهر آيو. مونکي ڏسي ڪيڪار ڪري چيائين، "پنجواڻي صاحب آهيو؟ دوست کي ڏسڻ آيا هوندا؟" مون سوال دهرائيندي پڇيو "توهانجو ڪير بيمار آهي؟" هن چيو، "منهنجي ننهن پاڳونتي. مهنو راتين جو ٿيو آهي جو هتي رهيا پيا آهيون. ويچاريءَ ڪشت ٻه ڪشت ڏٺو آهي. اِستو ڦاٽي پيو ۽ اچي ٻاڻ لڳيس." اکيون اُگهندي، سوز ڀري آواز سان چيائين، "ڪرم!" مون مائيءَ ڏانهن منهن ڪري پڇيو، "پاڳيءَ کي ٻاڻ لڳي؟" مائي اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. منهنجو من ڀرجي آيو. اهڙي وقت پرچائڻ لاءِ زبان مان اکر ئي ڪونه اُجهندا آهن. فقط سوچڻ لڳس "گلن جهڙي پاڳي، جوانيءَ جي بهار ۾ سڙي ڀسم ٿي ويئي! اِهو ڪهڙو ايشوري اِنصاف آهي؟" گويا مونکي جواب ڏيندي، ماءُ سڏڪي سان چيو،

سمان آهن. هو چڱن سان به چڱو ته برن سان به برو." رميش، چيو، "ياد اٿم اڃا تائين شاهه جون ٻه سٽون، جي توهان کي سال اڳ سمجهايون هيون." مون مٿي نهاريو ته هن چٽي آواز ۾ شاهه صاحب جو بيت پڙهيو:

چڱن سان چڱايون اِئين هر ڪو هوءِ
ڏوجهن ڪري نه ڪوءِ بڇڙن سان ڀلائيون.



آئت ڏيڻ چاهيم پر اِنهيءَ کي آئت کهڙو ڏجي جا آس وڃائي ويٺي هئي ۽ جنهن پل پل پئي گهٽيو ته وڃي ويچاري سگهي ٿي؟ ياڳيءَ کي ڏسندي مونکي ئي پڪ ٿي وئي ته ٻچي ڪانه سگهندي ته ماءُ کهڙي اُميد اندر ۾ سانڍي ويٺي هوندي؟ ڳلن تي ڳوڙها هئس. ڪنڌ ڌوڻي چيائين، ”مسافر مان به موٽي آيا آهن. پر هن حالت ۾ مون کي ته ڪو به آسرو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. مون ته موڪل ڏني اٿيمانس. وڃي سگهي ٿي.“ مون پڇيو، ”ياڳي ڪرمچند کهڙي وقت ايندو آهي؟“ سوال غلط پڇيو هئم پر مونکي کهڙي خبر ته ٻه سال اڳ، ڪوئمبٽور ۾ گذاري ويو هو! مائيءَ جهرندي چيو، ”پاڻ جيئرو هجي ها ته هيءُ ڏکيو ڏينهن ڇو ڏسڻو پوي ها؟“ مونکي اِهو جواب سمجهه ۾ نه آيو. سوچڻ لڳس، ”ياڳيءَ جي سڙڻ سان پيءُ جي مرتيوءَ جو سنبنڌ کهڙو ۽ جيڪڏهن ياڳي ڪرمچند جيئرو هجي ها ته هن هولناڪ حادثي کي ڪيئن روڪي ها؟“ ياڳيءَ جي سهري وچ ۾ ڳالهائيندي، رهڙ مان چيو، ”ڌيءُ جي ڏک، ۾ مائيءَ جي مت ئي منجهي ويئي آهي.“ مائيءَ سڙنديءَ دل سان چيو، ”آنڊي جي جر آهي، پر ياوري. ڏوهه ڪنهنکي ڏيان؟“ پيشانيءَ تي هٿ رکي چيائين، ”قسمت! ڀالي ته لاڏ سان هئم پر لوڏ ئي لهي ويئي.“ تڏو ساهه ڀري چيائين، ”هاڻي وڃي سگهي ٿي.“ ياڳيءَ جي سهري جو منهن ڪامٽي هٽي ويو. مون ڏٺو ته سيٺ جو جهڳڙو تو

”ڪرم! بابا ڪرم!“ منهنجي مرضي ٿي ته مان اندر وڃي پاڳيءَ کي ڏسان. پاڳيءَ چيو، ”هلو، هلي آسيس ڪريوس. بيهوش پيئي آهي. ڊاڪٽر ته ٻپ ڏيئي ويو آهي. اسان پنهنجي پاران ڪين گهٽايو آهي پر جڏهن پاڻ مهر ڪري.“ مان اندر ويس پر وڃي پڇتايم. سڄي رڙي پيئي هئي. آهستي ساهه پئي کڻيس پر لڳو ائين ٿي ته منٺ جي مهمان آهي. پاڳيءَ گهڙڻ سان ڪرسيءَ تي ويٺل مائيءَ کي چيو، ”پروفيسر پنجواڻي صاحب آهي.“ مائيءَ ڪان چرڪ نڪري ويو. مون چرڪ ڏنو. عجب لڳم. چرڪ سياڻپ يا آجيان جو نه هو پر حيرانيءَ جو. مون چيو، ”مونکي ڏاڍو ڏک آهي جو توهان تي هيءَ آپدا آئي آهي.“ هن مائيءَ ٻه اکر چيا، ”ڪرم!“ سيني اِهو هڪ اکر ’ڪرم‘ ڪٽي ڪنت ڪيو هو. برابر ’ڪرم‘، نه ته پاڳيءَ جهڙي پلي چوڪري اهڙي پوڳدا چو پوڳي؟“ مان نڪرڻ تي هوس ته مائيءَ چيو ”آسيس ڪجوس ته وڃي سگهي ٿي.“ وڏي پيڙا ڏني اَٿس. اوجاڳا، خرچ ...... پاڳيءَ کي اِهو ڳالهائڻ نه وڻيو. ڌيمي آواز ۾ هڏيءَ سان چيائين ”توکي اونو خرچ جو.“ مائي سمجهي ويئي. پاڳيءَ چيو ”سائين! لهڻا ڏيڻي آهي. حساب رهيو پيو آهي ته اوس ڏبو.“ مونسان گڏ گوري پيڻ ٻه هئي پر هوءَ اندر نه هلي. مون سمجهيو ته هوءَ منهنجي دوست جي ڪوٺيءَ ۾ هوندي پر ٻاهر نڪرڻ تي ڏٺم ته هوءَ پاڳيءَ ماءُ جي پير ۾ ويٺي هئي. مائيءَ کي

انڪائي سگهندو؟ مائيءَ لاءِ ڇپائين نه ڏاڍي رعب واري
آهي. پنهنجيءَ نيابت ۾ ته اَصل ڪان بدنام آهي. پاڳيءَ ماءُ
ڪي گهڻن روڪيو پر پٽسو ڏسي منجهي ويئي. هاڻي ته هر
هر جانا پري پٽي ڇپائين توبهه، پاوي." مونکان ٽڌو ساهه
نڪري ويو. ڏک ۽ حيرانيءَ مان چيم، "ڏاڻو ڏيتي ليتيءَ
جي آهُوتيءَ ۾ اڃا به پيٺون قربانيون پون!" گوريءَ چيو،
"هيءَ هڪڙي وڏيڪ." مان وسميءَ ۾ اچي ويس. سوچڻ
لڳس، "علمي طبقي وارا اهڙن ڳالهين تي اَعتبار ڪندا؟
شهرن ۾ اڄڪلهه جي وايو منڊل کي ڏسي سمجهجي پيو ته
ڇوڪرن ۾ ساهس اچي ويو آهي ۽ ڇوڪرين ۾ سس جي
ڪرڪر سهڻ جي طاقت ۽ ضرورت نه رهي آهي پر هيءُ
واقعا ڏسي عجب پيو لڳي ۽ ڏک ٿئي ته هيءُ سڌارو فقط
ٻاهران پيو ڏسڻ ۾ اچي نه ته اندر اِهو روڳ جئن جو تئن
قائم آهي. ڳوٺن ۾ ۽ خـود شهرن ۾ سواءِ ڪن ڳاڻ ڳٺين
آزاد خيالن ماڻهن جي اِها جهت پٽ، ڏيتي ليتيءَ جـي
ڇڪتاڻ، ماءُ پـيءُ جي ڏاڍائي ۽ مڙسن جي لاچاري ۽
بيپرواهي بلڪل اِئين ئي قائم آهي جئن اڳي هئي. پاڳيءَ
جهڙي گل ڦل راتـي آپگهات ڪري ويئي! ١٩ صديءَ ۾
اِهو واقعو رواجي سمجهجي ها پر ٢٠ صديءَ جي ٦٤ سال
۾ اهڙا واقعا ٿين! شرم جي ڳالهه ڇٽبي." گوري چيو "ڇو
سن ۾ پئجي ويا؟ توهان سمجهو ته سماج اهڙن ڪلورن ڪان
آجي ٿي چڪي آهي؟ دهلي دور آهي." منهن جي واٽ

تني سو ڳالھ کي ڪانـي چيم، ”چڱو، اسين موڪلايون ٿا.“ هو ڪجھ جواب ڏين تنهن کان اڳ، مان ۽ گوري اُتان هلي وياسين.

دوست جي حال پرسي ڪري جڏهن اسپتال ڇڏي ٻاهر آياسين تڏهن مون چيو، ”گوري، سيٺن جو لڪر ڏٺءِ؟ مونکي ته ڳالھ سمجھ ۾ ئي نه آئي.“ گوريءَ چيو، ”مون سڀ ڪي سمجھيو.“ مون پڇيو، ”مائيءَ توکي ڪجھ ٻڌايو ڇا؟“ چيائين، ”سڀ ڪجھ. پڪ اٿس ٻـر ٿابتي ڪانهيس. ياڳي اِسٽو ٻاريندي سڙي نه آهي؛ جيائيءَ مان بيزار ٿي پاڻ ساڙيو اٿس. ڇوڪري ڪانويٽ ۾ پڙهيل، اِنٽر پاس ته ڇوڪرو اَڻ پڙهيل، پيءُ جي ڪمائيءَ تي پلجندڙ سس ڪرڪر ڪاڏل ۽ سهرو مڇؤ مڙس. ڇوڪريءَ جو پيءُ گذاري ويو، ماءُ تي ويئي لاچار! سس ڇوڪريءَ جي زندگي زهر ڪري ڇڏي. چار سال ٿيس پرڻيءَ ٻـر مائيءَ جي آڻ آڻ بعد نه ٿي. ٻار اچڻو هوس ته سسٽس نوٽيس ڏنس ته جي پٽ جائو ته واڌائي ڏه هزار ڪٽي اچج ۽ جي ڌيءُ جائي ته پنجن هزارن جو سون آڻج. جائو مئل ٻـار. بس پوءِ پٽ پاراتو شروع ٿي ويو.“ مون چيو، ”اچا اهڙا ڪلوُر ٿين پيا ڇا؟“ گوريءَ چيو، ”ملڪ منيا آهن پر سياڱ ڪونه ڦريا آهن.“ مون پڇيو، ”پلا ياڳيءَ جي مڙس ڇو نه دخل ڏنو؟“ گوريءَ چيو، ”دخل ڏي ته لاوارث ٿي وڃي. پيءُ جي ڪمائيءَ تـي رهندڙ پٽ، ماءُ ۽ پيءُ سان مهاڏو

سمجهندي هئي. اسين به ڪيس خوش ڪرڻ لاءِ عجب مان
ڇپندا هئاسين ”پري! ڪير؟ ڀڳونتي!“ تپ ڏيئي چوندي
”ها- مان، ٻيو ڪير؟“ ڀاڳي اسان لاءِ وندر هئي- سهڻي،
سباجهي ۽ سمجهو! دل ۾ چوندو هوس ”هيءَ ڇوڪري
وڏي هوندي رڻ ڪندي“ هڪ دفعي هن ويني ڪتاب
۾ مورتون ڏٺيون. مورتون ڏسندي هڪ هنڌ ٽڪٽڪي
نهاريندي رهي. مون ڏٺو ته صفحو نٿي ڦيرائي سو آهستي
آهستي وڃي هن جي پٺيان بيٺس. هوءَ ته پنهنجي پورن
۾ پوري هئي. هڪ رنگين تصوير ۾ نظر اٽڪيل هئس. واقع
ئي مورت اهڙي هئي جو من ڇڪي وٺي. ويهوم گذري
ويئي پر هوءَ محو رهي. آخر مون پڇيو ”ڏاڍي پيئي وڻيئي
ڇا؟“ ڇرڪ نڪري ويس. ”ائي الا“ ڪري، اُٿي بيٺي.
مون ڏي منهن ڪري وڏڙين وانگر چيائين ”ائين بار کي
ڊيڄاربو آهي؟“ گود ۾ کڻي، مون کيس منٿي ڏني.
پڇيو مانس ”ڀاڳي مورت ۾ ڇا آهي؟“ يڪدم چيائين
”وڏي ٿيندي ته اهڙي ٿيندي. سني آهي نه، ”دادا؟“
مون چيو ”تون به سني آهين. وڏي ٿيندينءَ ته هن کان
به سهڻي ٿيندينءَ.“ ناز سان چيائين ”پوءِ راجڪمار سان
شادي ڪنديس.“ دل ۾ چيم ”جيڪڏهن تنهنجي سندرتا
ڦولاري ته راجڪمار قدمن ۾ ڪريا پيا هوندءِ!“ ٻاهران
چيم ”مونکي به انهيءَ وقت گهرائج.“ تڙڪي هٽي چيائين
”پوءِ توهين راڳ ڳائيندا؟“ کل اُڇي ويئي. مون پڇيو

ماں فقط لفظ نڪتو ”افسوس!“

گهر آيس ۽ اچي ڳالهه ڪيم. سيني کان ڇرڪ نڪري ويو. ”ڀاڳي!“ ها ڀاڳي! هرڪو کيس سڃاڻندو هو. انهيءَ وقت کان جڏهن هوءَ ابوجهه ٻچي هئي! ڀڳونتي نالو هوس پر پيار مان ڪوٺيندا هئس ڀاڳي. ڀاڳي ته نه هئي، ڀاڳهي هئي. پنجن سالن جي مس هئي پر سڄو ڏينهن پيئي ڳالهائيندي هئي. هر هر گهر ۾ پيهي ايندي هئي ۽ اچي منهنجي چاچي جي ڏيءُ سان راند روند ڪندي هئي. ساڳئي ماڙي تي ٻنهي ساموهون واريءَ فليٽ ۾ رهندي هئي. اسان سڀني کي وڻندي هئي. گورو رنگ، وار ڇهڪ ڪارا ۽ گهنڊيدار، اکيون چمڪندڙ، نڪ سڌو ۽ ڳالهائڻ مٺو! ڪنهن کي اهڙو معصوم ٻار نه وڻندو؟ ٻنهي پوري لڳندي هئي. اسين ٻه پيا کيس گڏيءَ وانگر نچائيندا ڪڏائيندا هئاسين. ڀائي ڪرمچند جي ڏيءُ هئي. ڀائي ڀلاوڙو هو. ڪپڙي جي دلالي ڪندو هو. مڇيءَ مانيءَ وارو ماڻهو هو.

ڀاڳي ۽ ليلا ساڳئي سڪول ۾ وڃڻ لڳيون. سڪول ۾ ويئي پر اسين سڀ ڦاسي وياسين. جيڪي سڪول ۾ ٻڌي، سکي اچي سو اچي گهر ۾ ٻڌائي. ”دادا، ڳالهه ٻڌايانءِ؟“ ڪاڏي پئي ويندي. پر جڏهن ٻه چئجيس ”ها“ تڏهن يڪدم ڪري رينگٽ شروع ”هڪ هئي پري. نالو هوس ڀڳونتي. اکيون مٽڪائي چوندي ”سٺي آهي نه آکاڻي؟“ ته ڪير چوي؟ ٺهڪ پيئي ڏيندي هئي. پاڻ کي پري

ٻاڳيءَ کي مارڻ لاءِ سنيري آئي. رڙ ڪري چيائين "ڪالهه جهليو مانءِ جو ته انهيءَ مٿي پناڻ کان ميوو نه وٺج؟" مون ڏانهن نهاري چيائين "مان ته مري ويندس! مٺا پناڻ ٻارن کي پڪائي ويندا آهن. توهين پوليس کي ڇتايو، مٿي کي ڪاٺ ۾ وجهايو." ڏسان ته ڪرڙيءَ وانگر پيٺي ڪنبي. مونکي گرديو ٽئگور جي مشهور ڪهاڻي "ڪابولي والا" ياد اچي وئي. آئنده ڏيندي مون مائيءَ کي چيو "اهڙو هڪ پناڻ هڪ ڪهاڻيءَ ۾ پڙهيو اٿم، مٿان هيءُ به اهڙو نيڪ هجي." ڪند لوڏي چيائين "پناڻ ڪٿي نيڪ ٿيندو؟ ڀر هن جو ڪم ڪهڙو جو ٻار کي مفت ميوو ڏئي؟ اُڇليو اهو ميوو. مٿان نشي جي دوا مليل هجيس." ٻاڳيءَ جي پلاند مان ڪاجا ڪڍي، هڪ وات ۾ وجهندي مون چيو "ڏسان، مون ٿي ڪهڙو ٿو اثر ٿئي! ميوو ڪاڏم ۽ انهيءَ سان گڏ ڪابولي والا جي ڪهاڻي مائيءَ کي ٻڌايم. پويون حصو آڪاڻيءَ جو ٻڌي، مائيءَ جي دل کي جهٻو آيو پر اتي ٿي چيائين "نه، نه، سڀ پناڻ اهڙا هوندا ڇا؟ مان ٻاه ڏيان مٿي کي." مون چيو "ڇتا نه ڪر پيڻ، سپاٽي کان وٺي هو ايندو ئي ڪونه." مائيءَ سامت جو ساه کنيو. مائي ڪائي جڏهن ٻاڳي اسان جي گهر ۾ آئي تڏهن منهنجي چاچيءَ چرچو ڪري چيس "اڙي، پناڻ ڪٿي ويٺي ته؟" بيپرواهيءَ سان چيائين "پري آهيان. دونهون ٿي دريءَ مان اُڏامي اچانس. پريءَ کي پر ٿيندا آهن نه دادا؟ جادو

”راڄڪمار لاءِ لک روپيا ڏيتي ليتي ڏيڻي پوندي.“
حيرانيءَ مان پڇيائين ”ڏيتي ليتي ڇا دادا؟“

ڀاڳيءَ جون ڪيتريون ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. هڪ ڏينهن ڪاليج مان موٽندي اچا محلي جي در تائين پهتس ته مٿان ڀاڳيءَ جي گهر مان ڀاڳيءَ جي ماءُ جا سڏ ٻڌم ”ڀاڳي، ڀاڳي مٿي اچ! جلدي اچ.“ ڏسان ته هڪ پٺاڻ پيو ڀاڳيءَ جي پلاند ۾ ڪاجا ۽ اکروٽ وجهي. مٿان ماڻس بيٺي رڙيون ڪيون. مون چيو ”ڀاڳي، ٻڌين ڪانه ٿي؟ مٿان ماڻهين پيئي رڙيون ڪري!“ اٻوجهائيءَ سان چيائين ”اکروٽ ۽ ڪاجا؟“ پٺاڻ مون ڏانهن نهاري چيو ”صاحب، بڙا پيار هو گيا هئه اِس بچي سي. روز آڪي اِس ٽائيم اِس کو اکروٽ اور ڪاجو کلاتا هون.“ پٺاڻ جو پيار نسوارت هو پر هوڏانهن ماءُ ٻڌي ويٺي هئي. مٿان آواز آيو ”ڀاءُ، مٿي وٺي اچو ڀاڳيءَ کي. ميوو واپس ڏيو مٿي کي“ پٺاڻ پڇيو ”ڪيا بولتي هئي؟“ مون سڌي نموني چيو ”ڊر گئي هئه.“ عجب مان پڇيائين ”ڊر گئي ڪيون؟“ ڪهڙو جواب ڏيانس؟ ڏک نه ٿيس تنهنڪري چيو مانس ”پرديسي هو، جان پڇان نهين هئه.“ دل ۾ آيو ته چوانس ”پٺاڻ آهين، مسلمان آهين، ڏاڙهيو آهين ۽ عام طرح ڀؤ رهندو آهي ته پٺاڻ ٻارن کي ڀڄائي ويندا آهن.“ پر مان ڪجهه چوان تنهن کان اڳ پٺاڻ چيائين، ”ڦر نهين آئونگا، سلام!“ هليو ويو پر ڏٺم ته ڏک ڏاڍو ٿيس. مٿي آيس ته ڀاڳيءَ ماءُ

سائين ڏاڍو آھہ، مٺان ڪا سڀنو ساھي

ديوان ڪندنداس جو ٨٧ جنم ڏن ھو. ٽيھن سالن ڪان سيا ٽانس. ٽيھن سالن ۾ ھتي توڙي سنڌ ۾ شايد ڪو سال گتو ھجي جو مون ڪيس جنم ڏن جون واڌايون روبرو نہ ڏنيون ھجن. ھن دفعي بہ وڏي پريم ۽ شرڌا سان ونس ويس. البت ھن دفعي ڪو شغل ڪونہ ڏيٺو ھو جو سندس صالح پٽ سنسار مان سڌارجي ويو ھو. ساماٽل پٽ جو ڏک ۽ ايڏيءَ اوستا ۾، ڪھڙو نہ ڏکري آھي! پر ھيءُ ستت پرش اھو ڏک بہ سھاري ويو. سائينءَ جو بل يا برڌ اوستا ھو وسارو؟ جوانيءَ ڪان ونئي اج ڏينھن تائين ھڪ ڏينھن بہ پرارٿنا ڪان سواءِ ڪونہ گذريو اٿس. تپ ۾ يا نعيديءَ وڏيءَ پيڙا ۾ دھراس چٺي پوءِ سمھندو. اَرداس نت نيم سان ڪندو آھي ۽ وڏي ويرم وينو ڏٽيءَ ڪي ڏيائيندو آھي. درويش دل اِنسان آھي ۽ اسين سڀ سندس سنتوش، سھن شيلتا ۽ پريم جي ساراہ ڪندا آھيون. جن ڪي ٻليءَ جو بل آھي تنھنجو چت سدائين نرمل تو رھي. ھيڏي عمر تي ويٺو آٽس تہ بہ ھر حال ۾ راضي. مون ڪيس ڪنجھندو، ڪرڪندو يا ڪرپندو ڪونہ ڏٺو آھي. بخار جا ٻٺ پيا پرندس تہ بہ آرام ڪرسيءَ ۾ ليٽيو پيو ھوندو. ڪٺي ڪو پڇندس تہ ”ڪئن آھيو؟“ تہ ٺھ پھ چوندو، ”مونکي ڇا

ٻه ايندو اٿس نه؟ مون ٻرين جون گھٽيون آڪاٽيون پڙھيون آھن. ٻڌايانو آڪاٽي؟" مون سندس واٽ تي ھٿ رکي چيو "ھڪ ھٿي ٻري. نالو ھوس پڳونتي اھا آڪاٽي نه؟"

جلد پاڪستان ٿيو. ڪرمچند ڪٽنب سميت ڀ-ھ-ر ين ڏينھن ۾ ئي نڪري ويو. وقت گذري ڪيترين ڳالھيون وسري وڃن. ھي سنبعد ٻه وسري ويو. سورھن سالن ڪان پوءِ پاڳيءَ سان گڏجاڻي ٿي ٻر ڪھڙين حالتن ۾! واعدي موجب شاديءَ تي ڪونه گھرايائين ۽ نه مون سندس شاديءَ تي گيت ڳايو. شاديءَ تي نه ٻر موت تي ويوسانس. جنھن وقت سندس سريو کي باه وچڙي ويئي تڏھن پاڳيءَ جا اکر ياد آيا "ٻري آھيان دونھون تي دريءَ مان اڏامي ويندي س. ٻريءَ کي ٻر ٿيندا آھن نه دادا! جادو ٻه ايندو اٿس نه؟" دونھون ڏٺم. جڏن دونھون مٿي چڙھندو رھيو تڏن ڏٺم ته دونھون ٿري ٻري ٿي پيو. ٻري پڳونتي! مسڪرائيندي پئي ويئي. منھنجي ڪنن ۾ ٻري رھيا ھئا اکر "ٻري آھيان. دونھون تي دريءَ مان اڏامي وينديس."

اندر مان آواز ٿيو "پناڻ ڪان ٻچي وئينءَ ٻري! ٻر اھڙن پناڻن وٽ تو جھڙيون ٻريون گھٽيون قابو ھونديون؟ تو وانگر اڃا گھٽيون ٻريون دونھون تي اڏامي وينديون؟ ٻر ۾ بينل ھڪ دوست چيو "پروفيسر صاحب، ھلو." چرڪ ٻري مون چيو "ھلو." اندر ۾ چيم:

ھڙا ھاڃا ٿيين، ٻري ھن پنيور ۾.

ٻہ ڀان چيائين، ”گڊ مارننگ.“ گڊ مارننگ اهڙي تہ ڪڙڪي
واري آواز ۾ چيائين جو مونکي سندس سنڌ وارا ڏينهن
ياد اچي ويا. ڇا تہ هن مانجهي مڙس جو رعب هوندو هو!
سنڌ جي ٻرک وڪيلن مان هڪ هوندو هو. اُپر سنڌ ۾
اهڙو ڪيس مشڪل هوندو هو. پبلڪ پراسيڪيوٽر ٻيا بہ
گهڻا ڏٺم ۽ ٻڌم پر هن ديوان ڪسي ونڻ وارو ڪونہ هو.
هوشيار ۽ ايماندار! وڏن وڏن ڪيسن ۾ ٽڙ جي زميندارن ۽
رئيسن لکن جون رشوتون آڇيون هوندس پر هيءُ سچيو
سچو منش پنهنجي مارڪ تان ڪڏهن بہ نہ ٿڙڪيو. ڪورٽ
۾ ويهندو هو تہ ڪنهنجي پرواہ نہ ڪندو هو. آواز جو
ڪليل، دل جو پختو، سرير جو سڊول، جڏهن بہ ٻهي تقرير
ڪندو هو تڏهن جج داد ڏيندا هئس. سرڪاري وڪيل
جو مدو پورو ڪري پنهنجي وڪالت شروع ڪيائين تہ بہ
سيڪو ڪيس عزت سان ٻڌندو هو ۽ سندس آڏي پڇا پسا
دليلن جو داد ڪندو هو. دل جو بہ بهادر هوندو هو.
سب سنڌ ڇڏي آيا، هيءُ بہ ڏيہ وڪيل سنڌ ۾ ئي رهي
پيو. پنج ڇهہ سال تہ ورهاڱي کان پوءِ بہ اُتي رهيو پيو هو
پر نيٺ جڏهن سندس گهر تي ڪن غونڊن ڪاہ ڪئي
تڏهن ڏيہُ کي وٺي هندوستان ۾ هليو آيو. سندس اسٽري
بہ گذاري ويئي ۽ ٻيءَ طرح بہ ڇڙ ڪاٺ رهي تنهنڪري
ملڪ سان الوداع ڪري اچي ڀارت ۾ پنهنجو آستانو ٻڌايائين.
اِنهيءَ کي بہ ٻارهن سال گذري ويا. سندس ڪليل ڪيڪار

آهي؟ ٿورو تپ آهي؛ سياڻي ٽائين نيڪ ٿي ويندس." ۽ اُنس ٻين واري رپڙه پيڙه ۾ نه اُنس سرير جي رنجھ ڪنجھ. ڳالهائڻ جو مٺو، سياڻ جو ٻاجهارو، پنهنجي پرائي سان پريم جي ورتڻ ڪرڻ وارو فقيرن جيئو! پيريءَ جي ڪري ٻڌي گھٽ وڌ ٿــو، نيڻن جي جوت ۾ ذرا جهڪي ٿي اُنس، ڏند ڪوڙا اُنس، گھمڻ گھتڻ ۾ پورو ته ٻه روز ۾ ڏاڪٽيون گھر جون لهي ۽ چڙهي، اڌ ميل پنڌ ڪري، پوري سوري ماني کائي، سڄي محلي جو سير ڪري، سيني سان راست ڪري اچي. سڄي ڏينهن ۾ منجھند جي مانيءَ کان پوءِ اڌ منو ڪلاڪ آرام ڪري ۽ نه صبح جو ڇهين ٻجي کان رات جو ڏهين لڳي ٽائين ڪٽ تي نه ليٽي. اڄڪلھ جي جوانن کي ٻه ڪو وجھ ملي ته ڏينهن جو ٽي چار ڪلاڪ سمهي پون پر هيءُ پريو مڙس بستري کان ٻر. آرام ڪرسيءَ ۾ آهليو پيو هوندو ۽ پيو ڪو نه ڪو ڌرمي پستڪ پڙهندو. سرير ۾ جي اُهـا چستي ڪانه اُنس. حافظو هاڻي مڙيو ٿي هئيو اُنس جو نيون ڳالهيون ٻڌڻ سان وسري ٿيون وڃنس باقي عجب آهي ته جوانيءَ واريون ڳالهيون اڃا ياد اُنس. مان جڏهن ڪيس گڏجان تڏهن جهڪي ڪيس پرڻام ڪري ڪانئس آسيس وٺــان. ٨٧ جنم ڏن ٿي جينوٽيڪ هيڪ ڪٽڻ جي رسم ڪانه ٽيٺي هئي نه ٻه ساڌارڻ واڌاين ڏيڻ لاءِ وٽس وڃڻ ڌرم ۽ فرض سمجھيم.

ديوان آرام ڪرسيءَ ۾ ويٺو هو. در ۾ اندر گھڙيس ته

لنبو ٿئي ته مالڪ جي عطا ڪيل مئِ جي مٽ مان جام جي مٽان جام پي پنهنجي پياس کي پورو ڪريان. بادشاهه ظفر جو بيت ايندو اٿم ته هڪ قسم جي خوشي اندر ۾ محسوس ڪندو آهيان ۽ سمجهندو آهيان ته جڻ منهنجي ويچار جي ترجماني ڪري ويو آهي:

نشہ ـ عشق کا گر ظرف دیا تا مجهکو
عمر کا تنگ نہ پئمانا بنایا ہوتا!

مان اِئين چاهيندو آهيان ته عمر ايتري وڏي هجي ها جيتري مالڪ مئِ موجود ڪري ڏني."

بابا گنڀيرتا سان چيو، "بادشاهه ظفر سٺو شاعر هو پر پڪ اٿم ته جڏهن کيس گرفتار ڪري، ٻچڙن کان وڇوڙي، اَندو ڪري، گهر ۽ وطن کان دور ماندلي جي جيل ۾ باندي ڪري رکيو ويو هوندو تڏهن اهڙي قسم جو شعر ڪونه چيو هوندائين."

مون حيرانيءَ مان پڇيو، "بابا! اچا مغلن جو اِتهاس به ياد اٿوَ؟"

هن چيو، "ڇو ڪين؟ پراڻيون وارتائون ذهن ۾ ٽڪيون آهن. عمر جي ڪري هلندڙ واقعا وسري ٿا وڃن. ماضي ياد، حال ۾ حيران، آئينده کان نا واقف! اڄڪلهه جيڪي پڙهان سو وسري وڃي پر "ڪريما" اڄ به ياد آهي. فردوسيءَ جي شاهنامي جا وڏا وڏا ٽڪر برزبان آهن. رام، شاهه ظفر جوانيءَ جي وقت ۾ برابر عمر دراز منگي

ٻڌي منهنجي وات مان نڪري ويو، ”اڃا جوان آهيو بابا! سوَ ورهيه ته ضرور پورا ڪندا.“ مهرباني ڇوڻ جي بجاءِ ڇيائين، ”اڃا جيئان؟ گهڻوئي ڏٺم!“ ٿڌو ساهه ڀري ڇيائين، ”جيڪو ويو سو مڪت ٿيو. قيد ۾ آنند ڪهڙو؟“ مون ڇيو، ”بابا! سنسار جيڪڏهن قيد آهي ته سونهرو قيد آهي. هن ڪانپوءِ ڪهڙي دنيا هوندي، ڪير ڄاڻي؟ مان ته ڪڏهن سوچيندو آهيان ته انسان جي عمر ايتري ننڍي ڇو مقرر ٿي! پنجاهه سٺ ستر سالن ۾ آخر انسان ڪري ڇا ٿو سگهي؟ پهريان پنجويهه سال وڃن ساماڻجڻ، پڙهڻ يا پاڻکي ٻنندي ڏاريءَ لاءِ تيار ڪرڻ ۾، ٻيا پنجويهه سال پاڻکي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۽ گرهست آشرم کي سنڀارڻ جي ڪشمڪش ۾، باقي ٿورا بچيل سال وڃن رنجهه ڪنجهه ۾ ۽ پاڻکي تندرست رکڻ جي يتنن ۾.“ ڇيائين، ”شاهوڪار وري به جئن جو تئن پئسي جي آسري تي پيا ٽگن پر پٽ، اندريون آرام پئسي سان به خريد ڪري نٿو سگهجي. پر پئسو يا ٻدارت، عهدو يا اقبال، سونهن، جواني يا ناموس به ته بي بقا ”چيزون آهن. چندرما ڀلي پورنماسيءَ جي ڏينهن آسمان ۽ ڌرتيءَ کي پنهنجي چمڪ سان چمڪائي ڇڏي پر چندرما جي سهائيءَ تي ڀروسو ڪهڙو؟ اڄ پورنما ته سڀاڻي اُماس!“

مون ڇيو، ”بابا! توهين جيڪر اڃا جيئڻ نه چاهيو؟ سچ ٻڌايو! مان ته جيڪر چاهيان ته هن جيون جو سفر

مون جهڙا ٻڍڙا پيا جيئڻ ۾ جوان جوان هليا وڃن. ٻاونجاهه ورهين جو مس هو ته ٻڍڙو هليو ويو ۾ مان ستاسي ورهين جو ٻڍڙو وينو سڌس وڇوڙي جي ڏک سهڻ لاءِ جيئان!"

ٻهريون دفعو، تيهن ورهين جي واقفيت ۾، مون کيس ڏراسائيءَ واري نوع ۾ ڳالهائيندو ٻڌو. مون پڇيو، "ايترو ايشور ۾ وشواس اَٿوَ ته به اِئين گهٻرائجي ويا آهيو؟" سوال پڇيائين، "ڪارڻ ڪونهي؟ صبر سان سٺ ڪري پوگهيندو آيو آهيان پر اِنهيءَ جي معنيٰ اِها ته نه آهي ته مان ڏک ئي محسوس نه ڪندو آهيان. پر هاڻي باقي ڏسڻو ڇا آهي؟ ڇا نه ڏٺم؟ ماستري به ڪيم ته وڪالت به ڪيم، سؤ روپين تي گذر به ڪيم ته هزار به خرچيم. ٽيهه روپيا پگهار به مليو ته ڪيسن ۾ لک به جمع ڪيم. جوانيءَ ۾ جيڪي محفلون ڪيم سي اڄا به ٻارن کي ياد هونديون. اُهو ڏينهن ڪونه هوندو هو جو پارٽي نه هوندي هئي، مون لاءِ رنڌڻو اَلڳ هيٺ هوندو هو، جتي طعام پيا تيار ٿيندا هئا. سر غلام حسين ڪسان وٺي مسٽر پرمانند بئريسٽر تائين سڀ مون وٽ اچي لهندا هئا. ڇا ته شغل لڳندا هئا ۽ ڇا ته خرچ ٿيندو هو! لاج جو ميمبر هوندو هوس؛ آهستي آهستي سڀ عهدا ماٽيم، ڇهه ته سونا ٻلا ۽ تغما اڄ به منهنجي ڪٻٽ ۾ رکيا آهن. جهوني ۾ جهونو ميمبر مان آهيان. گهر جي جيون به ڏاڍي سکي هئي. اڄڪلهه ته شرم ٿو اچي پر اسانجي ڏينهن ۾ گهڻن ٻارن وارن کي لڄ

هوندي، پر پوين ڏينهن ۾ جيئڻ کان بيزار هوندو. سندس هو شعر ياد اٿيئي جنهن جو اسان وٽ رڪارڊ هوندو هو؟" سوچي چيائين، "لگتا نهين هـ دل ...؟"

مون چيو، "ڪجهه تہ ياد آهي." چيائين، "پڙهہ."

مون پڙهيو:

لگتا نهين هـ دل ميرا اُجڙي ديار ۾
ڪس ڪي بني هـ عالم ـ ناپائدار ۾
اِن حسرتون سي ڪهدو ڪهين اور جا بسين
اِتني جڳهہ ڪهان هـ دل ـ داغدار ۾؟
روتا هـ بد نصيب ظفر دفن ڪي ليئي
دو گز زمين ڀي نہ ملي ڪوئي يار ۾!

ديوان جي اکين ۾ ڳوڙها ٽڙي آيا، ڀريل آواز ۾ چيائين "ساڳيو بادشاه آهي نہ جنهن ڪنهن وقت وڏي عمر جي خواهش ڏيکاري هئي؟" تڏو ساه ڀري چيائين، "هلندي هلائي، ڪنهن جو محتاج نہ ڪري، پنهنجي گنج مان ڏيندو رهي، سمجهہ سالم رکي ۽ مت اوچي رکي، تہ واه نہ تہ اج وڃي وڃي. پر اِهي سڀ ڳالهيون ڪيئن ٿيندئين؟ دنيا آهي ڏک جي نگري. سک سان گڏ ڏک، گڏيو ئي پيو آهي. سک لاءِ جيو وٽ وڏو آدر آهي پر ڏک لاءِ نفرت. سک ڪيڏو بہ سهاري ٿو وڃجي، پر ڏک جو اُٽو بہ مشڪل ٿي ٿو پوي. ڀڳوان موت پيدا ڪري اِنسان تي اُحسان ڪيو آهي نہ تہ دنيا ۾ ڀائيندال هجي ها، پر افسوس اِهو آهي تہ

ڪانه هئي. سڪ جي پئي گذري. پر خبر اٿيئي نه تہ
ڪٿي وڏو پٽ ٻاريسٽر وڇوڙي جو داغ ڏيئي هليو ويو؟"
ڳوڙها ڳيهندي چيائين، "روز سندس مورت اچي اکين آڏو
بيهندي آهي. مان ڳالهيون ڪندو آهيانس. روز سندس
تصوير تي ڦولن جي مالها چاڙهيندو آهيان. ڪالهہ رات ١١
بجي ڇرڪ ڀري اٿيس جو خيال آيو تہ اڄ هار ڪونہ چاڙهيو
اٿم. خاطري ڪري وري وڃي سمهيس. آنديءَ جي جهڙ
ڏاڍي ٻچڙي آهي. سمجهان ٿو تہ اولاد اَمانت آهي ۽ جي
ايشور اَمانت ٿو وٺي تہ انهيءَ تي هائدوس ڪرڻ
ناشڪرگذاري ۽ خيانت آهي پر دنيا جو موه بہ تہ پربل
آهي! ڏاڍي مرضي اٿم تہ باقي ٻارن مان موه نڪري پر
رت جي ڇڪ بہ ڇڏي نہ! ڇوڪريون پرڻيون ڪونہ. هڪ
ٽيءَ پرڻي پر گرهستي جيون ۾ گهڻو گهاري نہ سگهي. هن
جي بيزاري ڏسي ٻين ڇوڪرين بہ نہ پرڻجڻ جو پڻ ڪري
ڇڏيو." مون چيو، "بابا! هي سڀ ڳالهيون مان ڄاڻان
ٿو، توهان پاڻ کي پريشان نہ ڪريو." ڪنڌ لوڏي چيائين،
"اِها ئي تہ مونسان ڳالهہ آهي نہ جو ساڳي ڳالهہ ور ور
ڪري ٿو ڪريان! اِها آهي پيري! پيري آهي زندگيءَ
جي شام. شام آئي تہ سج لهندو. منهنجي زندگيءَ جي بہ
شام اچي وئي آهي. اِجها رات آئي. رات جو سمهبو آهي
تہ ٿڪ لهي. موت بہ رات آهي جنهن ۾ زندگيءَ جو ٿڪ
پورو ٿو ٿئي. صبح جو تازو توانو ٿي اِنسان اُٿندو آهي. نئين

کانءِ ايندي هئي. ١٣ ٻار ته مونکي ٻه هئا! ٧ پٽ، ٦ ڌيئر.
مان شان ڪيڏو هو! جوانيءَ ۾ پنهنجي ڪم، تيز فهم،
فضيلت ۽ نصيب سان وڏن وڏن ججن تي رعب وجهي
ڇڏيم. اُنهن ڏينهن جا انگريز عملدار هوندا ٻه درياهه دل
هئا. ڪنهن سان دل ٻجهين ته چاڙهي ڇڏينس. ڪيترن
آفيسرن جي مونسان دل ٺي ويئي. اُنهن جي اُتساهه ڏيکارڻ
سان مان ٻه چڙهندو رهيس. پهرين اسسٽنٽ ته پوءِ پبلڪ
پراسيڪيوٽرس ٿيس. ڪوڙ ناڻي جا ڪمايم ۽ گڏ ڪيم. ماکي
منٺي چڱي پر جي پٺيان ماکيءَ جي مک، جو ڏنگ نه
هجي! جڏهن سمجهيم ٿي ته دنيا سرڳ، پوري آهي، عيش
عشرت جو مڪان آهي، سک جي نگري آهي تڏهن مون
کي هڪ ڌڪو آيو. جوان، مڱيل پٽ گذاري ويو. ڌاڍو
صدمو رسيو. اڃا اهو سور جهڪو ئي نه ٿيو هو ته ٻيو پٽ
گذاري ويو، ائين پنج پٽ هليا ويا! پنج پٽ! پهرين
پٽ جي سرڳواس ٿيڻ کان پوءِ سائين ياد آيو ۽ موت جو
اُنيءُ ٿيو. نت نيم پاٺ شروع ڪيم. پوڄا پاٺ ٻه چڱا پر
ڪرم ڪير نه ڀوڳي؟ مونتي دک، پٺيان. دک، آيو پر مون
مالڪ کي ڪين ڇڏيو. ڪٿي ڇڏيانس جڏهن اڳين ڪرمن
جو نتيجو پئي اکين سان ڏٺم؟ جي هن جنم ۾ ٻه ڇڏي
ڏيانس ته ايندڙ جنم ۾ هو منهنجو سات ڪٿي ڏيندو! دک
وساري ڇڏيم پر هن کي نه وساريم. ڪمائي جٿن جو ٿٿن
رهي. خوب ڪمايم. ٽائيڪا ٿياسين. ٻار صالح هئا، چڱا

زندگي گهڙي ڪم جي؟ پاڻي وهندو ڀلو، فقير ٽڙندو ڀلو. ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته جيڪڏهن موت نه هجي ها ۽ هرڪنهن جيو جي گهر ۾ سؤ سؤ ڏاڏا ۽ اوڙيون ڏيڏيون هجن ها ته هن دنيا جو ڇا حال ٿئي ها! اڄڪلهه ماڻهو هڪ ڏاڏي مان ڪڪ، هڪ پيءُ مان بيزار ته هيڏي ساري ڪٽنب سان سندس حالت ڇا هجي ها؟" ڪليءِ چيائين، "برهما پيو اُتپتي ڪري ها، وشنو پيو ڪاڏي پهچائڻ جا يتن ڪري ها ۽ مهيش پيٽش وڻي وڃي هميشه لاءِ ڪئلاش تي سماڌيءَ ۾ وهي ها. پٽ، وڏي عمر لاءِ دعا نه منگ، ڪارائتي جيون لاءِ پرارٿنا ڪر." ٿڌو ساهه ڀري چيائين، "صبح، منجهند، شام ۽ رات! جمڻ، جواني، پيري ۽ موت! تفاوت ڪونهي. آسيس ڪر ته باقي جيون دک ۾ بنا گذري." مون ڪڏهن به هن بزرگ سان هن قسم جو بحث ڪونه ڪيو هو. هن ٨٧ جنم ڏن تي سندس گيان جي گفتن سان ڪرتارٿ ٿي ويس. مالڪ هر ڳالهه ۾ راز رکيو آهي. ڪير سندس ڳجهه ۾ هٿ وجهي؟ اِنسان ڀلي پيو نيون نيون ايجادون ڪري ۽ روز بروز قدرت جون پروليون سلي، پر جيوت ۽ موت جو سوال ڏي آهي جنهن هو بيوس ٿيو پوي. مون وري به پرڻام ڪندي اندر ۾ چيو، "ٻاهران سيتل لڳندو آهي پر اندر ۾ هن شخص کي ڀ، طوفان آهي!" هائو زندگي وير جو لاهه چاڙهه آهي. سک ۽ دک ٻيڏيا ٿيا آهن. سچي ڳالهه آهي ته جي موت نه هجي ها ته

جيون آهي نئون صبح. موت جو ڊپ ڪونهي. جهوني عمارت ضرور ڊهندي ۽ انهيءَ جاءِ تي نئين عمارت جڙندي، منهنجو سريو به هڪ جهوني عمارت آهي. ڊهي نه ڇا آهي؟ هيءُ پراڻو پڃرو ڊهي ته پڪي مڪت ٿئي."

مون پڇيو، "بابا! مرڻ جو ڊپ ڪونه ٿئو؟" جواب ڏنائين، "اصل نه. موت ڊيڄاريندڙ نه آهي. هو ته پاڻ پيري، مرض ۽ دکن جي پڄاڻي تي ٿو اچي. پر جيڪڏهن انسان کي موت جو ڊپ آهي ته پاڻ ڇڏو. موت جي ڊپ ۾ انسان بيپرواهه نه ٿو رهي سگهي. جڏهن ڊپ اُٿس ته هڪ ڏينهن هلندس تڏهن سستي ڇڏي پنهنجي جيون سڦل ڪرڻ جو يتن ٿو ڪري. منش چاهي ته هن ٿوري جيون ۾ به اهڙا ڪم ڪري ٿو سگهي جو امر ٿي وڃي. دنيا ۾ هيڏا سارا ڪارناما ڪنهن ڪيا آهن؟ وگيان رستي قدرت تي غالب ڪير پيو آهي؟ انقلاب ڪنهن آندا آهن؟ سڌارا ڪنهن ڪيا آهن؟ ٿوري عمر به ڪارائتي چڱي؛ وڏي عمر، لاچاريءَ ۽ بيزاريءَ جي، ڪهڙي ڪم جي؟ مان اڃا به جيئان ۽ وڃان وڌيڪ ڪمزور ٿيندو! يار دوستار، استري، پائر ۽ ٻار هڪ هڪ تي هلندا رهيا ۽ مان اُنهن کي ياد ڪري پيو جهڄان! ڪيستائين؟ جيستائين منهنجو ڪو به نه رهي؟ مان اڪيلو ٿي اڪيلو رهجي وڃان ۽ ڪروڙن ۾ پاڻ کي ڌاريو پيو سمجهان! ڪو به سڄڻ منهنجي سات ڏيڻ وارو نه رهي ۽ ضعف جي وس ٿي کٽ تي پيو هڄان ته

اڇي مڻهون ڪان ٻهڻر اندر جي اڃائي

حشو، حشن ڪڏهن حشمت به ڪري ڪوٺيندا هئس. هو گونبو هو. پاڙي جو ”دادا“. حشن جو وڏو ڌاڪو هوندو هو. هو آرٽلري ميدان جو مالڪ هوندو هو. عام ماڻهو ته ڇا پر پوليس به ڪانئس ڪؤ کائيندي هئي. جوئا ڪرڻ سرڪاري جرم آهي؛ پر هيءُ فٽ پاٿ تي پنهنجي پاٽاري وٺي ويٺو چڪو ڦيرائيندو هو ته ڪيس ڪو اکر به نه چوندو هو. گهڻو ڪري، سندس سرپرستيءَ هيٺ، جوئا پيا ڪندا هئا ۽ هيءُ رکپاليءَ لاءِ پنهنجو نال اُڳاريندو هو. پٽ سرڪار جو، حڪم حشن جو! ايرانيءَ جي ريسٽارنٽ هجي يا هندوءَ جي ويسي، گهڙي ويندو اندر ته ڍينگه مئنيجر به ڪيڪار ڪري چوندس ”حشن سيٺ، ڪهڙي خبر آهي؟“ چانهه جو ڪوپ ۽ ڪئنچي ڇاپ سگريٽ هڪيو حاضر هوندو هو. بڪ لڳنديس ۽ ماني کائيندو ته ڪنهن کي مجال نه آهي ته پئسو گهريس. گهرڻ جي ضرورت به ڪانه هوندي هئي. ڳنڍ ۾ هوندس ته مئنيجر کي به خرچي ڏيئي ويندو، پر جي ڦانڪ هوندو ته پنهنجو حق سمجهي کانو کائي اُٿي ويندو. جڻن سڃو ٿئن سندس سيٺ وڏي هوندي هئي. شڪل جو ڪارو، بدن جو سپيڪڙو قد جو پورو پنو. خبر نه هجي ته ڪيس هڪ چماٽ جو خرچ سمجهي، پر جن کي

إنسان کي ڪير جهلي سگهي ها؟ دنيا جو ڇا حال ٿئي ها جيڪڏهن ڪنس، راوڻ، هرناڪش، چنگيز خان، نادر شاهه، اورنگزيب، نيپولين، زار، هٽلر، مسوليني، سٽالن ۽ مائو چائو جهڙا ماڻهو مرن ئي نه ها يا هزارين سال جيئرا هجن ها؟

ايشور إنسان کي وڏي شڪتي بخشي آهي پر هڪ ڳجهه ڪانئس لڪائي رکيو اٿس. جيئڻ ۽ مرڻ جو ڳجهه، زندگي ۽ موت جو راز، هستي ۽ نيستيءَ جو ڀيد. إنسان آيو ڪٿان؟ ويندو ڪيڏانهن؟ ايندو ڪڏهن؟ ويندو ڪڏهن؟ إها ڳجهارت ڪير سلي! اُٺي وينو جا آهي ڪوريءَ جي من ۾. ٺاهي پيو ڊاهي، ڪنڀار وانگر. إنهيءَ ڪري ته درويش چئي ويو آهي ته اَلله ڏايو آهه. حقيقت آهي ته:

سائين ڏاڍو آهه مٿان ڪا سيئو ساهي
ڪري وينو ڪار ڪنڀار جي
هڪڙا ڀڃي ڀيا ٿو ڏاهي.

جنم ٽيپ ملبس ته پناڙي مان هل هنگامو بند ٿئي، پر مجال
هئي ڪنهن کي جو مٿس دانهن ڏئي! مان نئون هوس،
مونکي خبر ڪانه هئي ته آرٽلري ميدان تي راڄ حشن جو
آهي. مون ته ڪيس ڏٺو به ڪونه هو. برنس روڊ تان وڏي
آرٽلري ميدان جي پهرين روڊ تي ڏسان ته ماڻهن جو انبوهه
بيٺو آهي، چوڌاري گول ڪري ويٺا ماڻهو تماشو ڏسن!
وچ ۾ ٻه جٽا پاڻ ۾ جنبيا بيٺا آهن. هڪ چڱو مٺارو مڙس
۽ ٻيو سنهو سپيڪڙو ڇوڪرات! ڪنهن ٻه دخل ڪونه ٿي
ڏنو. مان جو اچي بيٺس ته ڪنهن سري جاءِ ڏيندي چيو
”پروفيسر صاحب، ڏسو نانگه نوڙ جي لڙائي!“ مون حيرانيءَ
مان پڇيو ”هن کي ڇڏائڻ وارو ڪو به ڪونهي؟ هيءُ سان
جهڙو بدمعاش ته هن ڇوڪر کي ڇيهون ڇيهون ڪري
ڇڏيندو.“ اڃا مان وڌيڪ ڪجهه چوان تنهن کان اڳ ڌڪاءُ
ٿيو. مينهن جهڙو مڙس اچي زمين تي ڪريو. ڪريو ته پيو
رهيو. ناسن مان رت پئي وهيس؛ سن ۾ سمهيو پيو هو.
عجب مان چيم ”هيءُ ڪانيءَ جهڙو ڇوڪرو ٻلب جهڙي
مڙس کي دسي ويو!“ ڇوڪر رڙ ڪري چيو ”مقابلو ڪر
مڙس جا پٽ!“ ٽڪ اُچلائيندي چيائين ”حشن سان ٿو
هٿ اٽڪائين؟“ ٽهڪ ڏيئي چيائين ”سوئر، ڪريو ڪٿئن
پيو آهي! اُٿي ٿي رڙ ڪري چيائين ”ڪمو! پاڻيءَ جو
گلاس ڪٿي اچ.“ ريسٽارنٽ جو ڇوڪر ٻه گلاس ڪٽي ڊوڙندو
آيو. حشن پاڻيءَ جون لپون ڀري ڪريل ماڻهوءَ جي منهن

سندس ڦڙتائي، انگريزن ۽ مٿي جي ٽڪر جي خبر هئي
سي ڪانئس ڪنارو ڪندا هئا، ڪؤ ڪائيندا هئا! رعب هوس،
ٺهڪري وڙهڻ جي ضرورت ڪانه پوندي هئس. پر
جيڪڏهن ڪو هوريائي ڏيڪاري سائنس هٿ اٽڪائيندو هو
ته هڪدم داداگيري لاهي ڇڏيندو هوس. ٽريون ٽي چار،
ٽڪ ٽي گوشائي به، پيشانيءَ تي ٽڪر ٽي لـي، پيٽ تي
لتون ٽي پنج! اڳلي جو ساهه ٽي منجهائي ڇڏيندو هو،
رتوڇاڻ ڏسي ٺهڪ ڏيئي کلندو هو. ڪريل ورو ڏيءَ کي
اٿاريندو به پاڻ هو. انوکي ٻچڪار ڏيئي چوندو هوس "ماءُ
ڳان موڪلائي آيو هئين ڇا؟ حشن جي حڪومت ۾ لات
به دخل نه ڏئي، تون ڪهن موت کي سڏڻ آئين؟ پهريون
دفعو اٿيئي، معاف ڪيو مانءِ. وري زور آزمائي ڪيئه ته
هڏيون پيهي سيمينٽ ڪري مڪان ٺاهڻ جي ڪم آڻي
ڇڏيندو سانءِ. هن لتي ۾ وري پير رکيو اٿيئي ته، گهمڻ
پاڙي ڪري ڇڏيندو سانءِ" ڳالهائيندو به ويندو هو ته پنيءَ
تي ڏڪ به هڻندو هلندو هو ۽ گارين جو به ٽوڙيو وسائيندو
ويندو هو. جنهن وقت به ڪنهن سان لڙي تنهن وقت
پوليس وارو عدم پيدا، لڙائي ختم ٿئي ۽ حشن هليو وڃي
ته سپاهي اوچتو پرگهٽ ٿي "ڇا هي ڇا ٿيو، ڇا ٿيو؟"
جي ڌم لڳائي ڏيندو. پوليس وارو لڪ ڇپائون ڪري پر
حشن جي برخلاف شاهدي ڏيڻ جو ست ڪير ساري؟
پاڙي وارا ٻڄندا هئا، اندر جو اندر ۾ چاهيندا هئا ته ڪا

جو جهڳڙو بند ڪرائڻ.“ ٻانهن کي وڌيڪ زور ڏيئي پڇيائين ”خبر اٿيئي اهو ڪير آهي؟ حشن اهو اٿيئي! سيٺي دادائن جو دادا. سيٺي لوفرن جو ليڊر!“ مان گهر ويس. منهنجي چاچي مونکي وات تي ئي حشن جي هاڪ ٻڌائي. مان اندر جو اندر ۾ چوڻ لڳس ”هڪ گونڊي جو ايڏو رعب!“

مهنو ڏيڍ پاڙي ۾ ڪو به هل هنگامو نه ٿيو. حشن جئن جو تئن پنهنجي بادشاهي ڪمائيندو رهيو هڪ رات اٽڪل ١٠ ٻجي ماراماري ٿي ويئي. ٻئي ڪنهن لتي جو لوفر اسان جي پاڙي ۾ آيو هو ۽ اسانجي پر ۾ رهندڙ ڀائي هيمنداس جي ڌيءَ سان ڪونئس ڪئي هئائين. ڇوڪري پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ سان صدر جي طرف کان ٿي آئي ته روڊ تي هڪ گونڊو اچي هن جي اڳيان بيٺو گهوري چيائينس ”هن وقت ڪٿان پيئي موٽين ظالم!“ ڇوڪري گهٻرائجي ويئي ۽ ڀاڻس ڀڄي ويو. نشي ۾ ٽُٻ گونڊو اڳتي وڌي، جئن سندس ٻانهن پڪڙڻ تي هو تئن، ڪنهن اچي پٺيان زوردار مڪو هنيس. گار ڏيئي چيائينس ”منهنجي ڀيڻ مان ٻه ٿئو رهين حرامزادا!“ اک ڇنڀ ۾ ٻه گونڊا هڪ ٻئي ۾ ڳنڍجي ويا. حشن بجليءَ وانگر ڦڙت هو، طوفان وانگر تيز. ٽڪر ئي ٽـــي! پيو گونڊو ٽيڙ کائي وڃي پري پيو. حشن ناسن تـي ٽڪر هڻندو هو ۽ انهيءَ ٽڪر ۾ ماهر هو. رت ڏسي وڏي ۾ وڏا ويڙهو هنياءُ هاري وهندا هئا. پنهنجي وروڌيءَ کي ڪرندو ڏسي هن دفعي حشن ٽهڪ ڪونه ڏنـــا. تمام

تي زور سان هٽڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ”ڇوُ، هوش ۾ آءُ، متان دل ۾ حسرت رهجي وڃئي هجيئي!“ حشن جي حشمت تي عبرت ڪاڏم ۾ وڏو عجب لڳم هيترن تماشبينن تي جن وچم پئي ڪين چڏايو ڪونہ. روم ۾ وڏا ٿيئٽر هوندا هئا جن ۾ انسان ۽ شينهن جو مقابلو ٿيندو هو يا قيدي ۽ زبردست بيل جي وچم ويڙه ٿيندي هئي تہ ماڻهو مزي ڏسڻ لاءِ پيسا ڏيئي اچي پهچندا هئا. اهڙي راند راجائن جي راند ڪري ليکبي هئي. اتهاس ۾ اهڙيون ڳالهيون پڙهي اندر ۾ سيسرات پيا اُپرندا آهن ۽ ڪيترن وقتن تي اعتبار نہ ايندو آهي، پر هيءَ لڙائي ڏسي مان دنگ رهجي ويس. سوچڻ لڳس ”هن سڌريل زماني ۾ بہ جهنگلي جيوَ، وچ رستي ۾ پيا وڙهن ۽ پيا ماڻهو بيٺا تماشو ڏسن!“ مان اڳتي وڌڻ لڳس تہ منهنجي پاڙيسريءَ مدنداس چيو ”ايڏانهن ڪيڏانهن ديوان؟ رستو پلجي پيا آهيو ڇا؟“ مون چيو ”هنن کي جهلڻ وارو ڪونهي ڇا؟ هڪ ماڻهو پيو ڪسجي ۽ هيترا ماڻهو بس ڪري بيٺا هڪ لفنگي جي لفنگائي ڏسن.“ مدن چيو ”ديوان توهان گهر وڃو، هن ڪتراڳ ۾ توهانجو راڳہ ڪم نہ ايندو، هتي توهانجو ڪيرتن ڪارائتو نہ ٿيندو، بين جي لفرن ڪان هٽي وڃو، توهان جو ڇا؟“ منهنجو ڇاڇو بہ ڪو پرم بيٺو هو. منهنجي بيهودي بهادري ڏسي، بانهن ۾ هٿ وجهي، چيائين ”ماني تي نري‌ئي، تون هل گهر، پيا مري ويا، باقي تون آيو آهين بن بدمعاشن

ڇڏ يائين. گهر ٺائين پهچائڻ آيو. پيسا ڪيڏي ڏنا مانس ته چيائين ”پائي، پيسا ڏنا اٿم. حشو جي حشمت پيسن سان خريدي نه سگهبي آهي، حشو جي ٽيڪي اُجوري تي نه وڪامندي آهي.“ مون سندس ٽورا ميڙيا ته چيائين ”پنهنجو فرض پورو ڪيم. مان ڇا بس هجان پر پاڙي جي عزت ۽ عصمت مٿان منهنجي جان به قربان آهي، مهرباني ڇا جي ٿا ميڙيو؟ ڪواچي اسانجي ننگن تي حملو ڪري ۽ مان ڏسي چشم پوشي ڪري وڃان ته حيف آهي منهنجي تخم کي. جيسين مان جيئرو آهيان تيسين ڪو هن پاڙي ۾ اچي اسانجي بهوُ بيٽين ڏانهن بري اک ڪڍي نهاري ته اکيون ڪڍي ڇڏ يانس.“

حشو انهيءَ رات گرفتار ٿي ويو. هن ٻئي گوندي کي ڪولوندڙيءَ جو ڌڪ لڳي ويو هو سو هوش ۾ ئي نه ٿي آيو. مري وڃي ۽ پوءِ سوال جواب ٿئي ۽ مونجهارو پيدا ٿئي تنهنڪري پوليس انسپيڪٽر سرجوشي ڪري پاڻ وڃي گرفتار ڪيس. حشو گرفتاريءَ وقت ڪابه اڙٻنگائي نه ڏيکاري. خوشيءَ سان چيائين ”وٺي هل انسپيڪٽر صاحب، مان تيار آهيان. مون ڪو گناه ڪونه ڪيو آهي، مون ته پاڙي جو ننگ رکيو آهي.“ اهي ئي ساڳيا اکر هن جيلخاني ۾ سنڌ جي هوم منسٽر ٽالپر کي چيا جڏهن هو جيل ڏسڻ ويو. مير صاحب گهمندي جڏهن حشو جي اڳ آيو تڏهن حشو کيس سلام ڪري چيو ”راڄ قائم هجيئي،

غصي مان چيائين "چوري معاف، ٻاڪي ۾ ڀائيواري، لٽ
۾ حصو، باقي هڪ عاجزا تي حملو ناجائز!" ڪريل گونڊي
کي ٽڪ هڻندي چيائين "تون اٿيئي شيطان جي اولاد!
ڪراچيءَ ۾ نئون آيو آهين؟ خبر ڪانه اٿيئي ته ڪراچي
حصن ۾ وراهيل آهي ۽ منهنجي لٽي ۾ منهنجي موڪل ڏاران
ڪو به نٿو اچي سگهي؟ خبر ڪانه اٿيئي ته هي پاڙو منهنجو
اُبو، امڙ آهي؟ منهنجي گهر ۾ منهنجي ڏيءُ پيڻ تي ڪو
وحشي اچي حملو ڪري؟ لخ لعنت اٿيئي جانور جا ٻچا."
لت هڻي چيائينس "اُٿ، نڪري وڃ منهنجي پاڙي مان نه
ته جان ڪان نه ماري وجهانءِ." هٿ سان منهن اُگهڻ لڳو
ته ڪجهه آلو لڳس. هٿ ڏسي ته رت سان ڀريو پيو آهي.
وڌهندي خبر ئي ڪانه پيئي هئس ته ٻئي گونڊي جي هٿ
۾ جهليل هڪ ننڍڙي اوزار جي ڇهنب لڳي ويئي هئس،
جنهن پيشانيءَ ۾ چير ڪري وڌو هوس. خلق اچي مڙي
هئي. چوڪريءَ جو پيءُ به اچي پهتو. ٻئي ڏينهن هيمنداس
پاڻ مون سان سربستي ڳالهه ڪئي. بس حسن جي ساراه
جا ٻيڪ پئي ٻڌائين. چي "ادا، گونڊو آهي، پر اشراف
گونڊو آهي." مون چيو "اشراف ۽ گونڊو؟" چيائين "انيڪ
عيب اٿس پر پاڙي جو رکپال آهي. وس ويندي ڪنهنکي
آزار ڏيندو ڪونه، پر هن هوندي ڪنهن کي به مجال نه آهي
جو زال ذات ڏي ميري اک سان نهاري سگهي. اڳي به
اهڙا ايڪڙ ٻيڪڙ واقعا ٿيا آهن پر رات ته ڪمال ڪري

ها ٽيسين ڇوڪري ٿي ڪڇي وڃي ها سائين!“ وزير چيو ”چڱو، داد ٿيندو.“ پر اندر ئي اندر گوندي سان سهمت ٿي ويو. دل ۾ هن جي همدردي حشن سان ٿي وئي هئي.

مير صاحب منهنجو هم ڪلاسي هو. مان پيو ونس ايندو ويندو هوس. خبر هئس ته مان ڪاليج جي ويجهو آرٽلري ميدان ۾ رهندو آهيان. مان جڏهن ساڻس وري گڏيس تڏهن مون سان حشن جي ڳالهه ڪيائين. مون نهه پهه چيو ”آهي گوندو، پاڙي جو دادا، پر جيڪي توکي جيل ۾ چيائين سو صحيح آهي.“ پڪ پڪ ڪري مير صاحب فقط چيو ”تڏهن ته واقع ئي انعام جي لائق آهي.“

جنهن ڇوڪريءَ جي رکيا ڪئي هئائين تنهن جي شاديءَ ڏينهن مون کيس شادي پنڊال ۾ ڏٺو. ٻه گلن جا هار اچي گهوٽ ۽ ڪنوار کي وڌائين. اکيون پوري دعا ڪندي چيائين ”خير سدائين خير! شال سدائين سکي هجو.“ اکيون کولي چيائين ”پيرڻ! مان غريب آهيان، جيل مان نيون ڏينهن ڇٽو آهيان، جيب خالي آهي ته ته سلڪ جي ساڙهي متان وڃهانءِ ها.“ هٿ ڀ گهيري چيائين ”ون، هيءَ چٽن جٽن جي پاس، دولها دلهن جي پاس آهي.“ نيڪ گوئيءَ جي اکين ۾ ته پاڻي اچي ويو، پر پلڪون منهنجون ٻه پسي ويون. مون ڏانهن نهاري چيائين ”صاحب، تنهنجو سلام سپاڻي ڪرڻ ايندس. تو مونتي ٿورو ڪيو آهي ديوان، ڪڏهن ٻه نه ڀلبدس.“ مان ڪجهه چوان تنهن کان اڳ شرڌا

کي قاعدا ڀڃياءِ." مير صاحب عجب گاڏڙ دلچسپيءَ مان پڇيو "قاعدا ڀڃيا يان؟" حشو چيو "هائو، حاڪم! جيل ۾ ڏوهين کي موڪلڻ گهرجي ۽ نه نيڪن کي." وزير پڇيو "نيڪ جيل ۾ ايندو ڪٿي؟" ادب سان پڇيائين "انگريز جي راڄ ۾ نيڪ جيلن ۾ ڪونه پيا هوندا هئا؟ اوهانجي راڄ ۾ آءٌ نيڪ ناحق قيد ۾ ڪونه پيو آهيان؟" وزير پڇيو "تو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟" جواب ڏنائين "پنهنجي ڀاڙي جي ليبگريءَ جي عزت بچايم، پنهنجي پيٽ جو ڀرم رکيم، پنهنجي ڌيءُ جي عصمت تي حملي ڪندڙ حيوان کي زندگيءَ جو سبق سيکاريم." جيل جي سپرنٽينڊنٽ چيو "حضور، هي مشهور گونڊو حشو آهي، جنهن آرٽلري ميدان ۾ اُڌم مچايو آهي." تمام نمرتا سان حشو چيو "پر حضور پڇو ته سهين مونکي ڪهڙي ڏوهه ۾ گرفتار ڪيو اٿن؟ مان گونڊو برابر آهيان، پر گونڊي کي حق نه آهي ته پنهنجي پيٽ جي عزت بچائي؟ مونکي شاهد آهن. حضور! ڪيس بيهندو ڪونه. مان قسم کڻي ٿو چوان ته مون کي ناحق ٻڌيو اٿن. هڪ بدمعاش هڪ نينگريءَ سان همٿ چراند ڪئي ۽ مون سندس مٿي لاهي ڇڏي؛ انهيءَ لاءِ مونکي انعام ملڻ کپي يا سزا؟" وزير چيو "قاعدو هٿ ۾ ڇو کنيئه؟ يڪدم پوليس ۾ اطلاع ڇونه ڪيئه؟" ڪلي چيائين "قبلا اهڙن وقتن تي پوليس وارا رفو چڪر ٿي ويندا آهن. مان جيسين پوليس چائڙيءَ تي پهچي فرياد ڪريان

اسان جڏهن پاڪستان ڇڏيو تڏهن حشن پوليس وارو هو. خبردار، ايماندار ۽ فرمانبردار! نوڪريءَ تي پڪو پاڙي جو رکيڪ! دادا هو ته رعبُ هئس، پر پوليس وارو ٿيو ته پاڻ وڌيس. هاڻي ته هيڪاري بازن جي پورهئي ۽ ايمانداريءَ جي اوت هئس! بمبئي ۾ به گونڊا آهن. پاڙي پاڙي ۾ دادا! جڏهن به ڪنهن دادا کي ڏسان تڏهن ياد اچيم حشن! حشن ڪارو، سنهو، پيشانيءَ تي نيشان وارو. حشن جا اکر هر وقت ياد ايندا آهن "مڙي ويو، ڀڄي نه ويو. اهو ئي ته منهنجو تغمو آهي، ميڊل آهي، اِنسانيت جو ٺپو آهي." هن جا اهي اکر تري ايندا آهن هڪ درويش جا اکر "نيڪ ۾ نيڪ جيوَ ۾ ڪا ڪمزوري هوندي، بري ۾ بري جيوَ ۾ ڪا خوبي." برابر، پوءِ اسين ڪير ڪنهن جي لاءِ رايو جوڙيون، اسين ڪير ڪنهن جي اعمالن جي فتويٰ ڏيون؟ سچ آهي ته:

بري ۾ بري جيو ۾ ڪا چڱائي
چڱي ۾ چڱي جيو ۾ ڪا برائي!
ڏسي رنگ ۽ روپ ڀلجي نه وڃ تون
اچي منهن کان بهتر اندر جي اڇائي!

سان چيائين ”تنهنجي ڪري مان آزاد آهيان، تنهنجي ڪري مان زندگيءَ جو نئون دور شروع ڪندس. مونکي ڪيس ۾ ڇڏي ڏنائون. وزير صاحب سفارش ڪئي، تنهن جي خاطريءَ تي ڇڏي ته ويس پر ٿورن ڏينهن ۾ پوليس وارو ٿي ايندس. وزير صاحب مونکي پاڻ وٽ پنهنجي بنگلي تي گهرائي مونکي هدايت به ڪئي ۽ انعام به ڏنو.“ مون پڇيو ”ڪهڙو انعام؟“ هن چيو ”اهو ئي، گوندي مان پوليس وارو ٿيڻ جو!“ وزير صاحب چيو ”تو ۾ خوبيون آهن، اهي چڱيءَ ريت استعمال ڪر. دادا ٿي جيڪڏهن پنهنجي پاڙي جي رکپالي ڪري سگهين ٿو ته پوليس وارو بڻجي پنهنجي زندگي به سڌار ۽ پنهنجي پروس جي حفاظت به ڪر“ مون پڇيو ”عادت جو ڇڏي ويٺي اٿيئي.“ اڻ ۾ روڪي چيائين ”ٿائينڪو ٿيندس، روزگار وارو ٿيندس ته مونکي ڪهڙي پيئي آهي اٿامار جي؟“ ڪلي چيو مانس ”چانهه جو ڪوپ ۽ ڪٿڇي چاپ سگريٽ؟“ پاڻ به ڪلي چيائين ”پوليس وارا وري گهٽ چور آهن ڇا؟ چانهه جو ڪوپ سگريٽ ته سندن موروثي حق آهي.“ بتين جي روشنائي ۾ هن ڪاري سپيڪري حبشي جو منهن ڪاري للپاڪي وانگر پئي چمڪيو. ظاهر ظهور سندس پيشاني تي نيشان هو. مون پڇيو ”ڦٽ مڙي ويو؟“ چيائين ”مڙي ويو، بهي ڪونه ويو، پر پل هجي. اهوئي ته منهنجو تغمو آهي، ميڊل آهي، انسانيت جو نپو آهي.“

أٽاٽ کانهي، أٽاٽ آهي ته نشڪام، نسوارتي ڪم ڪندڙن جي. مان نٿو سمجهان ته هن شخص کي ڪنهن به سنستا ڪولڻ ۾ پئسي جي اَرچڻ پيئي آهي. هيئنر حالت اهڙي آهي جو ڪيترا شاهوڪار ٻاٽمرادو، گهڙي اچي ٿا لکن جون ڳوٺڙيون هن جي اڳيان رکن ته ڪنهن يوگيا ڪاريه ۾ لڳايو. هاڻي ته ڏنل پئسن جو جيڪر ڪاٿس حساب به نه وٺن. حيدرآباد جو ڀائيبند طبقو خاص طور سندس چاهڪ آهي. ڏنڌي ڏاڙيءَ جي صلاح ڪرڻي هوندن ته هن سان ڪندا، ليڻ ڏيڻ جو مونجهارو هوندن ته اچي هن کان سلجهائيندا، ڪٿي ڪا چوڪ ڪري آيا هوندا ته اُن کي سڌارڻ جي وات هن کان اچي پڇندا، سڪرت جو ڪم ڪرڻو هوندن ته هن سان ئي اچي اِچا پرگهٽ ڪندا. اهي ڀائي ته ڪيس ياءِ ڪري سمجهندا آهن پر سنڌ جي ٻين پرانتن جا ماڻهو به مشوره ۽ مدد لاءِ وٽس ئي ايندا آهن. هن وٽ به سڀ سمان آهن ڀيد ڀاو کان پري آهي. جاتيءَ پرانت جي اپاڌين ۾ الڪيل نه آهي. دماغ جو روشن، ڳالهائڻ جو چٽو، دل جو ڪليل، همت جو ڪشادو، ارادي جو پختو، طبيعت جو ٻاجهارو ۽ نيڪيءَ ڏي مائل هڪ مانجهي مڙس آهي. سنڌين کي خاص فخر آهي جو اهڙو آدرشي ۽ اُتم جيو وٽن موجود آهي. مان تمام چڱيءَ ريت سڃاڻانس ۽ جيترو ويجهو آيو آهيانس اوترو وڌيڪ ٿو پيار ۽ عزت ڪريانس. سنڌ ۾ فقط سندس نالو ٻڌو هئم پر همت

"مهر ڪر اي مهر جا والي نماڻن مَاڻ نون"

ناميارو وڪيل آهي، هڪ برک بئريسٽر. فضيلت ۽ لياقت جو صاحب آهي. ڪرمنل لا ۾ قابل آهي ته سول لا ۾ ونجڻ جو ڪونهي. سياو جو سباجهو ۽ اصولن جو پڪو آهي. هر طرح وشواس پاتر. اِهو ئي ڪارڻ آهي جو اصيل هڪوار هن وٽ آيو ته وس پڄندي ٻئي وڪيل ڪي پنهنجا چوٽيڙا ڪونه ڏيڪاريندو. انڪم ٽئڪس، سيلس ٽئڪس، ٽرسٽ ائڪٽ ۽ ٻين اهڙن منجهيل معاملن ۾ هي ملوڪ مڙس پنهنجو مٽ پاڻ آهي. سڌو سنوانئو، سچو پر قابل وڪيل آهي. جج هن جو مان ڪندا آهن ۽ جننا وٽ هن جو قدر آهي. ودّيا لاءِ ته خاص چاهه اٿس. لڪين روپيا ڪاليجن ۽ سڪولن جي اَڏڻ ۾ ڪنا ڪيا اٿس. وديا دان اُتم دان آهي پر ٻيا به ڪيترا ڪاريه آهن جن ۾ هن سچڻ دل و جان سان سهائتا ڪئي آهي. اسانجي جاتيءَ ۾ ڪيترا ڏنوان شخص آهن جي دان ڏيڻ چاهيندا آهن. پر اتي ڏيڻ چاهيندا آهن جتي سندن ڏن صحيح طريقي سان سڦل ٿئي. اهڙن ڪيترن دانويرن جي اُدارچتائيءَ جو لاڀ هن صاحب پورن ريت ورتو آهي. هونءَ به ڪنهن ڪاريه لاءِ پئسي جي

لاڪيٽو مڙس. پنج سال ٿيا آهن تہ هر سال چيڪ ايندو آهي جنهن مان گهٽ ۾ گهٽ چئن شاگردن جي مدد ٿيندي آهي.

اهڙو آهي هيءُ اسانجو بڙ بسٽر ديوان. ڏاڍو مشغول ماڻهو آهي پر مشغول ماڻهوءَ کي ئي فرصت هوندي آهي. پيو نہ تہ جڏهن ڪنهن ڪلب جي ڪنڊ ۾ وينو پنهنجا فائيل جاچي ڏٺن وڃي پاسي ۾ ويهجيس تہ ڪلاڪ اَڌ ساڻس ملي پوندو. وينو تہ پنهنجي ڪم ڪي وساري ڇڏيندو. اهڙيءَ تہ پابوهہ، همدرديءَ ۽ سچائيءَ سان ويهي رهاڻ ڪندو يا صلاح ڏيندو جو من ٿي ٺاري ڇڏيندو. آرتوار جو ڏينهن هو، ڪلب ۾ وينا هئاسين؛ اچي دنيا جون ڳالهيون نڪتيون ڪوڙ ۽ سچ جو اچي ذڪر ڇڙيو. چار ڄڻا هئاسين پاڻ ۾. هڪ ڄڻي چيو ”ڪوڙ ڪمائيندڙ ماڻهو ڪيترو نہ چڙهي ويا آهن؟ پئسو ڪمائڻو هجي تہ ڪوڙ ڪمائڻو پوندءِ“ ٻئي چيو ”سرڪار اهڙا تہ نيم رکيا آهن ۽ ٽيڪسون وڌيون آهن جو سڌو سنئون ماڻهو ڌنڌو ۽ واپار ڪري پيٽ گذران بہ نہ ڪري سگهندو.“ مون پڇيو ”انسان جو سک ۽ آنند صرف پئسي تي منحصر رکن ٿا ڇا؟“ ديوان چيو ”دنيوي پدارٿ ۾ دنيوي سک ملن ٿا پر اندر جي آنند لاءِ من جي سچائي گهرجي. مون ننڍي هوندي هڪ سبق پڙهيو سو پڪو ڪري ڇڏيم. مون محسوس ڪيو آهي تہ نيڪي وئون نٿي وڃي.“ ”اسان پڇيو ڪهڙو سبق سکيا؟“

هندستان ۾ تمام نزديڪ آيو آهيانس. ڀيريان پٽل به سون لڳندو آهي پر هي سونو شخص روبرو ۽ ويجهو به نج سون جو ٺهيل ثابت ٿيو آهي.

هڪ ڏينهن ڪاليج جي آفيس ۾ ويٺو هوس ته ڪنهن اچي منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. ڦري ڏٺم ته ديوان ويٺو آهي. دستوري پيار ڀري آواز مان پڇيائين "ڪٿي آهين رام؟" مان ڪجهه چوان تنهن کان اڳ پاڻ ئي چيائين "ڪهڙا وينو ڪلارڪ سان واعدا ڪرين؟" مون چيو "ڪن شاگردن جي فين جي جوابداري کنئين اٿم، اهو پوري ڪرڻ لاءِ چيائين. مون پيا ته سڀ پئسا ڀريا آهن باقي روپيا پنج سؤ رهيل آهن سي ڀڳهار مان ڪاٽڻ لاءِ چيو مانس." عجب مان پڇيائين "ڀڳهار مان ڪاٽائيندين؟" مون ساڳارڻ نموني ۾ چيو "ڪونه ڪو سائين، جو پيارو اچي پورت ڪندو. پر جيسين ڪو سچڻ سهائتا لاءِ رسي تيسين ته ڀڳهار مان ئي پورت ڪبي!" ڪيائين ڪونه. پنهي تي ٽپڪڙي هٽي هليو ويو. صبح جو ڪاليج ۾ آيس ته پنج سؤ روپين جو چيڪ اچي ڪنهن ڏنو. فون ڪيمانس پر اجا شڪرگذاري ميانس تنهن کان اڳ چيائين "تون ڪرين تو ته مان چو نه ڪريان؟ هر سال پنج سؤ روپيا اسانجي ٽرسٽ مان ڀڇندا رهندءِ. وڏيڪ جيڪي گهرجيئي سو گهري وٺج. ڀين جي مدد لاءِ گهري وٺڻ ۾ شرم ڇا جو؟"

روپيا پنج سؤ پر سندس لفظ لک روپين جا! آهي به

”انهن ڏينهن ۾ جج ديوان ...... مل هوندو هو. ڏاڍو سچيار ۽ دلير ماڻس. انصاف ته جڻ جو تڻ ڪندو هو پر ٻين ججن وانگر لڪ چپ ڪري گهر جي ديوارين ۾ ويهي ڪونه رهندو هو. يار ويس ماڻهو هو. ڪيترن وڪيلن سان ڪلب سنگت هوندي هئس مون تي مهربان ٿي ويو.“

هڪ دفعي وري به اهو ساڳيو ناظر مون وٽ لنگهي آيو ۽ چيائين ته ”فلاڻو ڪي فلاڻو ڪيس ڪٽو.“ مون انڪار ڪيو ته چيائين ”جج صاحب جي مرضي آهي ته هيءُ ڪيس ڪٽو.“ مون هائو ڪئي. جڻ وقت ويو گذرندو تڻ مونکي جج صاحب ويو اتساهت ڪندو.

هڪ دفعي مونکي ڪوٺائي چيائين ”اڄ مونکي گاڏي ڪانهي، تون مونکي پنهنجي ڪار ۾ گهر ڇڏي سگهندين؟“ مون چيو ”خوشيءَ سان“ چيائين ”بزار مان هڪ ٻن هنڌان خريداري ڪرڻي اٿم سو جي اعتراض نه هجي.“ مون ست به پوري ڪرڻ ڪانه ڏنيس. چيم ”خوشيءَ سان ديوان صاحب“ هو مونکي ساڻ ڪري بزار ۾ هليو ۽ سڄي بزار ۾ سڀ سان رام رام ڪندو هليو. هڪ ٻن هنڌن تي بينو به پر ڪو خاص ڪم ڪونه هوس. مون ڪيس گهر ڇڏيو ته پٺي ٿيريندي چيائين ”لياقت به اٿيئي، فضيلت به. تون نالو ڪيڏندين. ايشور جي آسيس ٿيندءِ“ منهنجو مَن پرجي آيو.

ديوان مون تي ايڏو مهربان ڇو هو؟ ٻن سالن ڪانپوءِ

کلندي چيائين ”هڪ چرچو هو پر چرچي مان سائيا ٿي پيٺي. پر جيڪي ٿيو سو چٽيءَ طرح ياد اٿم.“ اسان جي چوڻ تي ڳالهه ٻڌايائين. ڪهڙي نه سکياداڻڪ ڪهاڻي!

چيائين ”ٻئريسٽري پاس ڪري اچي حيدرآباد سنڌ ۾ پرئڪٽس شروع ڪيم ولائت مان ٿي آيو هوس آکهه سنئيءَ مان هوس، ڀيرو جوان هوس، اُنهن ڏينهن ۾ ٻئريسٽرن جو مان ٻه وڏو هو سو ڏچ مچ سان اچي وڪالت شروع ڪيم. اچڻ سان اچي هزارن جا ڪيس ڪو نه ڪيم پر پڪو ويچار ڪيو هوم ته پاڻ کي سستو ڪو نه ڪندس. سک!“

هڪ ڏينهن ڪورٽ جي حاطي مان ٿي لنگهيس ته ناظر سڏ ڪري مونکي ويهاريو. مون ڪيس چيو ”چئو؟“ ناظر صاحب چيو، ”ديوان، هڪ سمڻ جي مشين نيلام ٿيڻ آئي آهي، توهان کي کپي ته وٺي ڏيانوَ.“ مون پڇيو ”ڪنهن جي مشين آهي؟“ اِشارو ڪري چيائين ”هن مائيءَ جي، مسواڙ جي بقايا رهيل اٿس؟ تنهن لاءِ مشين ضبط ٿي اٿس.“ مون پڇيو، ”گهڻي بقايا اٿس؟“ چيائين، ”ست روپيا“ پريان ڏٺم ته مائي ويڙهي سيڙهي ڪنڊ ۾ ويٺي هئي ۽ ويٺي رنائين. انهيءَ ڏينهن سؤ روپيا مليا هئم سو اَلاجي ڪهڙي اُمنگ وچان اهو سؤ روپيه جو نوٽ ڪڍي ناظر کي ڏنم ۽ چيم ”ست روپيه ڪاٽي باقي پئسا مائيءَ کي ڏيئي ڇڏج. ويچاريءَ غريب جي مشين پاڻ وٽ رکي ڇا ڪبي؟“

تہ مان هنن سان ذرا وڌيڪ گهائل مائل آهيان ۽ هنن جو لحاظ گهٽ ڪندو آهيان. هن سامهون ويٺل ننڍڙي بئريسٽر لاءِ تمام جام چوندا آهن، تہ، مان ڪيس ڏاڍو پيار ڪندو آهيان. هڪ دفعي تہ منهنجي بزرگ دوست ديوان...داس بہ چئي ڏنو تہ وڪيلن ۾ اهو خيال ويهجي ويو آهي تہ هن بئريسٽر جو ڏاڍو اونو اٿو، مان قبول ٿو ڪريان تہ اها ڳالهہ سچي آهي. الزام نہ پر حقيقت آهي. هاڻي ٻڌو انهيءَ جو ڪارڻ. وچڙ وقت سبب ٻڌائي ٿو وڃانو.

منهنجي پٽ جي شادي ٿيڻي هئي، مونکي نئين نمونہ لاءِ هڪ سبڙ جي مشين کپندي هئي. قدرت سان هڪ غريب مائيءَ جي مشين ضبط ٿي آئي. مسواڙ جي بقايا رهي پيئي هئي. ناظر اچي ڳالهہ ڪئي ۽ چيائين تہ مشين سستي نڪري سگهندي سو مون بہ ڪٽي چيو تہ پلي وٺي ڏي. ٿوري ئي وقت کان پوءِ اچي هن بئريسٽر جي ڳالهہ ڪيائين تہ ڪئن أدار چنائيءَ سان مشين بہ ڇڏائي مائيءَ کي ڏنائين تہ انسان گڏ خرچ پکي لاءِ چاليهہ روپيہ بہ. هن نوجوان بئريسٽر جي انهيءَ هلت مونتي گهرو اثر ڪيو. مان پاڻکي پوندا هٽڻ لڳس. سچو ڏينهن پاڻکي ويٺي ورجايم. ”تو جهڙو آهين! آزمودگار ۽ بزرگ ماڻهو! هڪ مسڪين مائيءَ جي مشين سستي وٺڻ ٿي چاهيئہ؟ توکي قياس تہ ڪونہ پيو پر هيڪاري لوڀ ٿيئہ. شاباس آهي هن نوجوان بئريسٽر کي جو اينري ننڍيءَ اوستا ۾ انسانيت جا ايڏا انگ تو

معلوم ٿيم جڏهن جج ديوان رٽائر ٿيو. پارٽيءَ تي تقريرون ٿيون. هن صاحب به ڳالهايو. چيائين ”٣٥ سال نوڪري ڪيم ۽ هاڻي رٽائر ڪرڻ جو وقت آيو آهي سرڪاري ملازم کي هڪ ڏينهن رٽائر ڪرڻو آهي ئي. مان پينشن تي وڃان ٿو ۽ جيتوڻيڪ توهان سان الوداع ڪندي ذرا ڏک ٿئيم ٿو ته به سراسري منهنجي من ۾ خوشي آهي. مان جج هوس ۽ پنهنجي نقطه نگاهه کان نياءُ ڪيم. ٻيا عملدار پينشن کان پوءِ موٽي پنهنجي پنهنجي شهر واپس ويندا آهن پر مونکي رٽائر ڪرڻ کان پوءِ به هتي پنهنجي حيدرآباد ۾ ئي رهڻ جو شرف ملندو. مونکي ڪيترائي دوست آهن. پڪ اٿم ته عهدي ڇڏڻ کان پوءِ به انهنجي دوستي قائم رهندي. دنيا عجيب آهي. انسان جڏهن اقبال ۾ آهي تڏهن گهڻائي متر ٿي پوندا اٿس پر توهان جي پڪ ڏيڻ ڪانسواءِ ئي مان چئي سگهان ٿو ته توهين مون کي ڌاريو نه سمجهندا پر اهو ئي پيار ڏيکاريندا جهڙو جج جي وقت ڏيکاريو اٿو. پاڻ آهيون، پاڻ ئي رهنداسين. ديوان وڏي اُمنگ ۽ سچائيءَ سان ڳالهايو. ڪنڌ لوڏ ۽ تاڙين سان حاضرين هر هر پئي ڪيس ڌنيواد ڏني ۽ پنهنجي پڪيءَ دوستي جي پڪ ڏني. جج صاحب تقرير جاري رکندي چيو ”آخر ۾ هڪ ڳالهه چيڻ ٿو چاهيان ۽ انهيءَ جو نبيرو ڪرڻ به. هتي هڪڙا ٻه وڪيل وينا آهن جن سان منهنجو گهرو رستو رهيو آهي، شايد ٻين وڪيلن کان وڌيڪ. سس پس پيو ٻڌندو آهيان

توهانجي زندگي مان اسانجي سنڌ ۽ هند جو هونهار جوان سبق پرائين." ديوان کي سڀ سڄاڻن نالو به نهايت پيارو اٿس پر هن آکاڻيءَ لاءِ ڪٿي ٿا ڪوٺيونس ٻريسٽو! شال هن ٻريسٽو جي جيون مان سکون ته ديا، پريم، ڌرم ۽ نيڪيءَ جهڙن گڻن کي گرهڻ ڪرڻ سان انسان پنهنجي ماڳ تي رسندو جتي آنند ئي آنند آهي. اچو ته سائين بيوس سان گڏ ايشور جي در آراڌيون:-

"مهر ڪراي مهر جا والي نماڻن مان ٿون
جنون ۾ نمط منهنجي چڱائي،
ڏي سڄي سا چاهه ٿون
ڪر ڏکين لاءِ درد پيدا، منهنجي هن هردي اندر
دل اجڙ ڪر سبز سائين، پريم جل سان پاڻ ٿون"

ڏيکاري." موڏانهن منهن ڪري چيائين، "جوان، مان ته
ڇا پر توجهڙن جيون تـــي ڀڳوان به راضي آهي. اهوئي
ڪارڻ هو جو هڪ ڏينهن توکي پنهنجي ڪار ۾ گهر پهچائڻ
لاءِ چيو هئم. ڪار جي ضرورت ڪانه هئي پر مون ڄاڻي
واڻي ائين ڪيو ته بزار مان لنگهندي هرڪو ماڻهو ڏسي ته
مان تنهنجو دوست آهيان؟"

وڪيل کي مخاطب ٿي پڇيائين "هاڻي ٻڌايو ته هي
جوان منهنجي پرگهور جي لائق آهي يا نه؟ اڃا ته ٻچو آهي
پر ويهي ڏسو ته هو ڪيترو ٿو نالو ڪڍي. هڪ ڏينهن
هي وڪيل سچائيءَ ۽ لياقت سان سنڌ ۾ نالو ڪڍندو."
ٺريستو ڳالهه جاري رکندي چيو "مون جهڪي ڪيس پرنام
ڪيو. سڀني تاڙيون وڄايون. بس اهو ڏينهن اهو شينهن
دل ۾ پڪو ارادو ڪيم ته سنڌ جي واٽ وٺندس ۽ دل ۾
ديا ڌاريندس." دري آواز ۾ چيائين "مان پڪ ٿو ڏيانو ته
انهيءَ واٽ وٺڻ سان مونکي هر طرح لاڀ ئي رسيو آهي.
مان ايشور جا لک ٿورا ٿو مڃيان جو مونکي پوري پير تي
ٿو هلائي پر شڪرگذار آهيان انهيءَ ديوان ...... مل جـو
جنهن هڪ ننڍڙو مثال ٻڌائي منهنجي چت ۾ چمڪندڙ
چڻنگ کي اُتساه جي هوا ڏيئي پيهيت ڪري ڇڏيو." ڪلي
چيائين "رام! تون ئـي چئه ته نيڪي وئرت وڃي ٿي؟"
مون بـه ڪلي چيو "توهانجي مثال مان ئي ظاهر آهي تـه
وڏي ٿيڻ لاءِ ڪوڙ ڪمائڻ جـي ضرورت ڪانهي. شال

سهين." سيٺ منگهرمل پاڻ دروازي تي بيهي سڏ ڪيو "اڙي بابا، ڇا آندو اٿيئي؟" تمام مٺي آواز ۾ فضيلت سان ٻڪي واري جواب ڏنو "سائين ويهه وڙ آندا اٿم. سڀ ولائتي! سلڪ، ڪريپ، ساٽين، گلبدن، زربخت، جارجيٽ، پلش. سائين گهر ۾ شادي هجي ته سمورو ڏاجو اتي ئي ڏيئي وڃان. پٽ ڪانسواءِ ڇڪنو، پاپلين..." سيٺ سندس ڳالهائڻ تي موهجي ويو. خيال ڪيائين "طبعيت به نيڪ ڪونهي. پاڻ ئي در تائين پهچي ويو آهي، ڏسڻ ۾ ڇا آهي؟"

ڪونو ٻڪائي، سيٺ صاحب جي پٺيان، گهر ۾ گهڙيو. ڪونو ڳالهائڻ جو چٽر هو. شڪل شبيهه ۾ به ساڌارڻ ٻڪائي نه ٿي لڳو. ادب سان ٿي ڳالهايائين پر هرويو اجائي خوشامد به ڪانه ٿي ڪيائين. ڪپڙو ڏيکاريندي هڪ ڳالهه جو خلاصو ڪري ڇڏيائين ته اگهه ۾ گهٽ وڌائي نه ڪندو ۽ نه ڪپڙي ڏيندي ڪپت ڪندو.

سيٺ کي خواب خيال به ڪونه هو ته هڪ ٻڪائيءَ وٽ اهڙو سٺو ۽ ايتري وڙ جو ڪپڙو هوندو. مائيءَ کي به ڪپڙو وڻيو. ويا ڦاڙائيندا. سادن ٽن سون جو ڪپڙو خريد ڪري ويا. جن ڏينهن جي ڳالهه آهي تن ڏينهن ۾ روپئي جو ملهه هو. سٺي ۾ سٺو ڪپڙو ڇهين پنجين روپئي وال، زريءَ جو مان هو پر انهيءَ جو به کهڙو اگهه! اڄ جا ٿيءَ پنجاه روپئي نه ملي سا تن ڏينهن ۾ پنجن روپين ۾ ملي.

ڪنهنجي ڪمائي
ورتڙ وچي ڪانءُ ٽي

سيٺ منگهرمل بادهه واري جي ڌيءُ جي شادي ٺهيل هئي. تاريخ مقرر ٿي چڪي هئي تنهنڪري سيٺ ويچار ڪيو ته لاڙڪاڻي وڃي ڏاجو ۽ ڦاڙائي اچان ۽ زر زيور جو به آرڊر ڏيئي اچان. ميهڙ جي سيٺ ڏانڊومل سان سيٺپي ڳنڍي هئائين سو ڌيءُ کي سڀ ڪجهه چڱو ڏيڻ ٿي چاهيائين. اچا وڃي زال سان صلاح ڪيائين ته ٻاهران هوڪو ٻڌائين :- ”ڪونو ڪپڙي وارو لاڙڪاڻي مان آيو، پٽ پٽيهر، گهر وڃي ڀهرائڻ آيو. اڳهه ڪفائتي، ڪپڙو سٺو، سڌ ڪري وٺو، سڌ ڪري وٺو.“ هوڪو ته ڪونه ٿي ڏنائين پر گيت ٿي ڳايائين! گهر جي ياٽين جو ڌيان ڇڪجي ويو. سيٺ جي گهر واريءَ چيو ”گهرايوس ته ڪپڙو ڏسونس.“ سيٺ چيو ”هن وٽ وري ڇا هوندو؟“ گهورڙئي وٽان ڪو اهڙو ڪپڙو ملندو ڇا جو ڌيءُ کي ڏاجي ۾ ڏجي.“ ٻاهران آواز آيو ”ڏسڻ جو ملهه ڪونهي. نه وٺي ته نه وٺو. ڏسو، هڪوار ڏسو. نيڻ ٺري پوندو. من ٺري پوندو. سستو به ڏيان، سو به گهر وڃي!“ مائيءَ مڙس کي چيو ”هيءُ ته ڪو انترجامي آهي! گهرايوس ته

”مان ڪجو“ تہ ڪنوار يتا چوندا ”ڪوبہ نہ چوندو تہ اسين
بين ثاني شريڪن کان گهٽ پياسين.“ شرط لڳي پيئي
آهي. گهوٽيتا خوش تہ ڪنوار يتن شان رکيو، ڪنوار يتا
خوش تہ فلاڻي ڪ فلاڻي سيٺ جيڪو سينگار ۽ ٺٺ ڪيو
هو تنهن کان گوءِ کڻي وياسين. سنڌين تہ بمبئي وارن جا
وائيسرائي قيرائي ڇڏيا آهن. ڪاريءَ ڪمائيءَ وارن تہ
جنسي ڪيس ڪري ڇڏيو آهي. مري ويا آهن وچ ۾ حق
حلال جي ڪمائي وارا. وچولي درجي وارا تہ نہ رهيا آهن
هيڏانهن نہ هوڏانهن.

سيٺ منگهرمل، سندس ڌرمپتني ۽ پاڙي جون مايون
ڪپڙو ڏسي خوش ٿيون. ڪوٽو بہ ڏايو راضي ٿي لڳو.
هن هڪ دفعو وڌيڪ ڪپڙي جا وال ڳڻي حساب ملايو تہ
ٽي سؤ باهٺ روپيا ٿيا. سيٺ منگهرمل جي زال چيو
”هيترو ڪپڙو ورتو اٿئون ۽ اگهہ بہ توتي ڇڏيو اٿئون؛
هاڻي پاڻ گهٽو ٿو گهٽ ڪرين؟“ سيٺ صاحب چيو
”ڏيوس پورا سايا ٽي سؤ روپيہ.“ ڪوٽوءَ چيو ”مالڪ،
هڪ روپئي تي ٽڪو منهنجو آهي. هن سودي ۾ مونکي
ملندا ٽي سؤ باهٺ ٽڪا، سي ٿيا، سائين نيڪي ڏيئو سوا
يارهن روپيہ. روزي ڪمائيندي ڪوڙ نہ ڳالهائيندس.“ سيٺ
پڇيو ”روپئي تي ڪل هڪ ٽڪو فائدو رکيو اٿيئي؟“
ڪوٽوءَ هٿ ٻڌي چيو ”سائين مالڪ جو فائدو الڳ. اگهہ
مقرر ڪري ڏيندا آهن. منهنجو اُجورو روپئي تي ٽڪو.“

اڄ ڪلهه ڪا ڇوڪري ڪپڙو ڳهڻو نهرائي تہ ڳهڻو لڳي
وڃيس؟ اڳي ويهه وڳا نهراءِ تہ لڳن چار سؤ روپيه. ويهن
روپين وڳو! ڇيهه تي ويو. اڄ ويهن روپين ۾ سٽي ساڙهيءَ
لاءِ بلائوز بہ مس ملي. ويڊيءَ جي ساڙهي ڪائي هزار روپيه!
هزار روپيه خرچي ڪنوار اچي ويڊيءَ تي وهي ئہ بہ ڪانہ
ڪا ڏيک ڏيندي "سيٺ فلاڻي مل جي ڌيءُ جي شاديءَ
واري ساڙهي هن ڪان سٽي هئي. لڳي بہ تہ پندرهن سؤ
ويس نہ!" مهانگائي تہ وڌي ويئي آهي پر وڌي ويئي
آهي ان مهانگائي سان سيڻي جي سيٺ. ڪپڙو تہ نهيو پر
مٺي مڻديءَ تي ڪيترو خرچ اچي ٿو وڃي! ڇو ڪين
ايندو؟ ڪيڏانهن ويهه روپيه سون جو تولو ۽ ڪيڏانهن ١٦
سؤ روپئي ڏهه گرام! ڪيڏانهن ١٣ روپيه گني ۽ ڪيڏانهن
١٠٠٠ روپئي گني! ويهه وڳا، ويهه تولا سون، اڍائي سؤ ونو،
سؤ ڏيڻ جون ديگيون، سوا سؤ لاڳا، گهوٽ ڏاڏي، گهوٽ
پيءُ، گهوٽ ماءُ جو وڳو، بسترو، وڇڻو، لاپو، ٽڪر، پيتو
سڀ هزار ڏيڻ ۾ پورا ٿي ويندا هئا. شاهہ شاهوڪاري شاديءَ
تي خرچ اينترو هوندو هو. وچولي درجي وارا سٽن اٺن سؤن
۾ سرخرو ۽ غريب غربي جو ڪارج سڌ ٻن ٽن سؤن ۾.
اڳي ڇا هو ۽ هاڻي ڇا آهي! جمن ٿڌ ٽئن وڌ. نفرياڻيءَ
جو پٽ ٿورو پڙهي آيو تہ ڏهه هزار روڪ گهرندو. شاهوڪارن
جو تہ دماغ آهي آسمان ۾. پنجاهه هزار روپيه بلبن، ٻنڊ ۽
ٻنڊال لاءِ ڪپن. ڪاڏو پيتو تعهڪان سواءِ. گهوٽيتا ڇوندا

هي ته قيمتراءِ پيءُ جي پر نه پاڙي. جوانيءَ جي نشي ۾
ـب ڪجهه دف ڪري ڇڏيائين. وريل جـي صحبت ۾
جي عيش ۾ پيو. پئسو ۽ جائداد مٺو، وڏو رهيو ڪونه،
جوانيءَ جي الڙپائي، خوشامدڙيا اچي مڙيا! بابا ويچارو
يمت به ويو. کهڙا وينا ڦوڙا ڦولجن." ڪونوءَ نراڙ تي
ت رکي چيو "انگه ازلي آهي قادر، تو پڙي ۽ ناڻي."
سيٺ جي ڏرمپتنيءَ چيو "سچ ٿو چوي ويچارو. پڳوان
ـازن ۾ برڪت وجهندس." وڏي همدرديءَ سان سيٺ
چيو "سونن هندورن ۾ لڏيو هو مکي مونومل جو پٽ قيمت!
کيلو ۽ سڪيلڌو پٽ هو. قدر ڪري ها ته اج ڪونوءَ
جون مانيون ڪتا به نه کائين ها! ڪجا مکي مونومل جو
ونو ۽ ڪجا بچڪائي!" ڪونوءَ جـو منهن ڳاڙهو ٿي ويو
ر نهر سان چيائين "شڪر آهي، روزي ملي پيئي. ماءُ بـه
يائـر ۽ هڪ پيرڻ. سراسر ٨٠-٩٠ روپيا ماهيانو بچندا آهن.
چڙو پيهنجو آهي. اهو پيرڻ لاءِ رکيو اٿم. پرڻبي ته اهو گهر
وڪٽي ڪارج ڪندس." سيٺ پڇيو "بابره ۾ گهڻا ڏينهن
رهندين؟"

"به ڏينهن سائين."

"ڪٿي لٿو آهين؟"

"سيٺ ويڌيمل جي ڪوٺيءَ تي."

"مونکي اج شام جو اوطاق تي ملج. ڪو خيال آيـو
آهي. بڻيائنو، ايماندار جوان آهين. تنهنجو ڳالهائڻ ۽ روش

سيٺ کي ڪوڙوءَ جي ڳالهائڻ ۾ سچائي محسوس ٿي.
چيائين ”تڏهن هي ٻڪو تنهنجو نه آهي!“ نمرتا سان
ڪوڙوءَ چيو ”نوڪر آهيان. سيٺ ٽڌارام واري جو ٻڪائي
آهيان. هونءَ ته ڪنهن کي به ڪپڙو ڪيڏي ڪونه ڏيندا
آهن پر مون تي اعتبار اٿن تنهن ڪري سؤن هزارن جو مال
ڪيڏي ڏيندا آهن.“ سيٺ پڇيو جيڪڏهن مفرور ٿيل اڳهه
ڪان مٿي وڪٽي وڃين ته؟“ ڪوڙوءَ چيو ”مالڪ سان
ڪپٽ ڪجي ته رب رسي وڃي. سائين سمت ڏني آهي.
شاهن سان ڪڏهن به ڪوڙ نه ڪندس. وساه گهاتي، ماءُ
گهاتي!“ منگهرمل جي دل کي جهٽڪو اچي ويو. مٿي تي
هٿ رکي چيائينس ”پائي پائي ڪري وٺ. توتي وشواس
آهي. ٻڪائي ۽ سوناري تي وشواس ايندو ڪونهي پر
تون نرالو ٻڪائي ٿو لڳين. اصل لاڙڪاڻي جو وينل آهين؟“

”نه سائين! مان راڌڻ جو وينل آهيان. مکي موڙومل
جو نالو ٻڌو هوندءِ، مان انهيءَ جو پوٽو آهيان.“ عجب
مان سيٺ چيو ”مکي موڙومل جو پوٽو آهين! قيمت راءِ
جو پٽ؟ قيمت راءِ به ته گذاري ويو نه؟“ ٽڌو ساه پوري
چيائين ”مکي موڙومل جي پوٽي جو هيءُ حال وڃي ٿيو
آهي؟“ ڪوڙوءَ شانتيءَ سان چيو ”شڪر آهي، جنهن به
حال ۾ رکي. تقدير سان ڪير پڄي سائين؟“ سيٺ چيو
”ناميارو مکي هو. سندس ديهانت تي مان پرچاڻيءَ لاءِ آيو
هوس. تون ته تن ڏينهن ۾ ڄائو مس هوندين. افسوس

ڪونوءَ چيو ”شاهه شاهوڪاري وياج ڏيندس.“ سيٺ
چيو ”مکي مونومل جي صدقي ۽ تنهنجي لڇڻ جي ڪري
وياج به نه وٺانءِ؟“ ڪونو چپ ٿي ويو. سوچڻ لڳو
”سپنو نه ڪو نه ٿو لهان؟“ ڇرڪ نڪري ويس جڏهن آواز
ڪن تي پيس ”تو لاءِ هزار روپيه ڪڍي رکيا اٿم.“ ڪونوءَ
جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. گهٽيل آواز ۾ چيائين ”مان
توهانجو ٿورو لاهي ڪٿي سگهندس؟ مونکي ته توهان
ٻهريون دفعو ڏنو آهي. ايڏو اعتبار ڪندا مونتي؟“ سيٺ
چيو ”سچو ماڻهو پري کان پڌرو. مان نٿو چاهيان ته تو
جهڙو هوڻهار جوان ساري عمر ڀٽڪندو رهي. مکي مونومل
به ڪيترا ڪريل گهر چاڙهيا هئا. دان پڄ ۾ اڃا به ڪيس
ڪيس ياد ڪندا آهيون. هن پوکيو، تون لڻ.“ ڪونوءَ
چيو ”لاڙڪاڻي وڃي مان پنهنجي سيٺ سان ڳالهه ڪندس.
ڪپڙي ڪٽڻ جي جيڪا سهوليت ڏنائين سا اچي توهان
کي ٻڌائيندس. ڪيس ڇڏڻ کان اڳ سندس آسيس وٺندس.“
سيٺ چيو ”شاباس پٽ، جڏهن چوندين تڏهن پئسا ڏيندس
پر جي لکي موڪليندين ته به ڏياري موڪليندس.“ سيٺ
سان ڳالهائي ڪونو ڪريءَ تي موٽي آيو. حيرت ۾ حيران!
هر هر پئي ”شڪر شڪر“ ڪيائين. هو ڏانهن سيٺ منگهرمل
دل ئي دل ۾ پئي چيو ”ٿورو لٿو. هڪ دفعي منهنجي
چوڻ تي مکي مونومل هڪ غريب ماستر جي ڌيءُ جي
شاديءَ لاءِ پنج سؤ روپيا ڏنا هئا. پاڻ اهڙو رڃ مڙس!

ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان. شام جو اچ ته گڏجي سوچينداسين."

پئسا وٺي ڪونو ٻڪائي گهر مان نڪتو. خوش هو جو هڪ ئي گراهڪ وٽان سوا يارهن روپيا ڪميشن بچي هئس پر انهيءَ خوشيءَ سان گڏ هو سندس دل ۾ هلڪو ڏک پيءُ ڏاڍي جي نالي ٻڌڻ سان ٿيو هوس. پر هڪ پل ڏک ٿيس. ڪونو جوان هو پر نعيڙي اوستا ۾ ڏنو ٻڌو گهڻو هٿائين تنهنڪري عمر کان وڌيڪ اڳيو هوس. دک انسان کي گياني ٻڻائي ڇڏيندو آهي. شام جو جڏهن سيٺ منگهرمل جي اوطاق تي پهتو تڏهن ڏاڍي ڪيڪار ٿيس. سيٺ صاحب اڳ ئي سوچي ويٺو هو. پنهنجائيءَ سان چيائين "پٽ، مون ويٺي تنهنجي آئيندي بابت سوچيو. مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن توکي ٿورا پئسا پنهنجا هجن ۽ اُنهن پئسن سان تون ساڳيو ڌنڌو ڪرين ته گنج ٿي پوني." ڪونوءَ چيو "پورت مس ٿي ٿئي. اڃا به پنج ست قرض بيٺو هوندو." سيٺ چيو "تو جهڙي سپٽي ۽ سمجهدار جوان کي قرض ڏيڻ کان ڪو به نه هٻڪندو. اهو سمورو ٻڪو گهٽي جو هوندو؟"

"هزار بارهين سوين جو؟" سيٺ مشڪندي چيو.

"جيڪڏهن توکي هڪ هزار روپيه مان اُڌارا ڏيان؟"

ڪونوءَ ايمانداريءَ سان چيو "ته اڌ فائدو توهانجو؟"

سيٺ ڪنڌ لوڏي چيو "۽ جي فائدو نه وٺان ته؟"

نه ڇڏجي. پنجن سالن ۾ پنجن دوڪانن جو مالڪ بڻجي پيو. بمبئيءَ جا مکيه هنڌ ڪري پڪڙيائين. چرچگيٽ اسٽريٽ، فيروز شاه مهتا روڊ هن طرف ته مرين لائين اسٽيشن ۽ لئمنگٽن روڊ هن طرف. سنڌين سان بيا به ڇڪجي آيا. بي حد ڪمايائين پر هٿ ڪونه ڪيائين. ڪيترن هنڌن تي گڏ بو هو پر جتي به گڏجي اتي اهائي لاڙڪاڻي واري ڪيڪار!

ڪاليج جي سنڌي سرڪل جو شؤ هو. دوست سمڪ ايسراڻيءَ جي دڪان تان لهي سيٺ ڪونومل جي دڪان تي ائڊورٽزميمنٽ وٺڻ لئه ويس. اندر گهڙيس ته ڏاڍيءَ سڪ مان ڪيڪار ڪري سيٺ ڪونومل چيو ”اچ وڏا ڀاڳ، جو پير ڀريا اٿوَ.“ مون چيو ”ڪم سان آيو آهيان.“ جواب ڏنائين ”شال روز ڪم پونوَ هونءَ ته وقت ئي ڪونه ٿو مليوَ. حڪم ڪريو حاڪم!“ مون ساڻس ڳالهه ڪئي ته نهه پهه، چيائين ”اڪيمن سان. پنجن ئي دڪانن جي گڏي ائڊورٽزميمنٽ وجهو پر هلو ته سيٺ سان گڏجايانوَ.“ مون پڇيو ”توهانجو سيٺ؟“ اندر ڪوٺيءَ ۾ وٺي ويو. ڦرندڙ ڪرسيءَ تي سيٺ مگهرمل ويٺو هو. سڃاتائين. مون به کيس سڃاتو. منهنجي پيءُ سان لوڪلبورڊ ۾ گهاٽو ناتو هوندو هوس ۽ اسانجي پاسي ووٽ ڪرڻ وارو ماڻهو هو. اٿي بيٺو. پاڻ ڪجهه چوي تنهن کان اڳ، مون چيو ”خبر ڪانه هئي ته هن دڪان ۾ ڀائيوار آهيو.“ ڪونومل چيو

جيڪڏهن سندس پوٽي لاءِ مون ڪجهه ڪيو ته ڇا ٿيو؟ اُڌارا پئسا واپس آندائين ته به نه وٺندو سانس. سالن جي ڳالهه ڪٿي اچي ڪونوءَ ياد ڏياري! شڪر آهي شڪر آهي.” ڪونوءَ سيٺ ٽڏارام جي آسيس ۽ سيٺ منگهرمل جي مدد سان ڪم شروع ڪيو پهرين ٻچڪو، پوءِ سائيڪل ۽ پوءِ ننڍڙي پڙي. پڙيءَ مان ٿيو دوڪان. سکر ۽ ڪراچيءَ مان ڪپڙو اچڻ لڳو. ٿورن سالن ۾ ڏاڪو مٿائي ڇڏيائين. ڪونو ٻچڪائي سيٺ ڪونومل ٿي پيو. ڏن ۾ وڌيو پر من ۾ نه. سڀ سان هٿ جوڙ. ڳالهائڻ جو مٺو ته هوئي. تنهن ۾ خبر پئجي ويئي ته سخن جو سچو، اگهه جو پورو، سڀاءَ جو سٻاجهو، دل جو وڏو ۽ هٿ جو ڪشادو آهي. نهي نڪي ويئو ته اچي لڳي جنگ. بس پو ٺجي پيو. خوب ڪمايائين. واهه ڪونومل تنهنجا ڀاڳ! پيءُ قيمت راءِ مکي مونومل جي ڪمائي ڪٽ ڪري ڇڏي، ساري ملڪيت لٽائي ڇڏي. پٽ ڪونومل پيءُ جو قرض تــه پائي پائي ڪري موٽائي ڏنو پر پيءُ ڏاڏي جي نالن ۾ ڪوهه ڪٽائي ڇڏيا.

وقت آيو ورهاڱي جو. هن لڏيو، هن لڏيو ته ڪونومل ڪٿي رهي؟ ڪونومل به نڪتو. ٻه هزار روپيه رشوت ڏيئي پيس پر ڪٽي ڪوڏي آيو. اچڻ سان اچي مولجي جينا مارڪيٽ ۾ دڪان ورتائين اڪــه ڇنڊ ۾ گراهڪي ناهي ڇڏيائين. سنڌي ڪهڙو جو وٽس نه اچي؟ شادي ٿئي ۽ ڪونومل جي دڪان تي نه چڙهي ته ڏاجو ئي پورو

ڪارخانو وڌم ته اتي به پاڳ ڪونه پرايو. سون جا زيور به ڪاٽي وياسين. بمبئيءَ ۾ هڪ پراڻو مٽر هو تنهن کي ڏسڻ ويس. پڇيم ته آسودو آهي. ڏٺم ته دوڪان مشين جي پرزن سان ڀريل هوس، فون هئس، ٻاهر موٽر بيٺي هئس، شارڪ اسڪن جو سوٽ پيو هوس. ڏاڍيءَ اُڪير سان وڌي ويو سانس پر مونکي ڏسي، سندس منهن مٺي ٿي ويو. ڏاڍي رکي نموني ۾ مليو. پئسا ته ڪونه ڏنائين پر هڏيون ڏيئي ڪڍيائين. مان مجبور هوس پر هن منهنجي مجبوريءَ کي نه ڏٺو. مان سمجهي ويس ته هو پئسا ڪڏهن به ڪونه موٽائيندو. نراس ٿي سندس دوڪان تان هيٺ لٿس. جڏن پنهنجي پورن ۾ هلندو ٿي هليس تڏن منهنجي ڪن تي منهنجو نالو پيو. پٺتي نهاري ڏسان ته هڪ دوڪان جي در تي ڪوڙومل کي بيٺل ڏٺم. يڪدم سڃاتو مانس. مان ويجهو آيو سانس ته پيرين پئي چيائين ”مالڪ گماشتي جو دوڪان ائين لتاڙي ويندو.“ مونکي اندر وٺي آيو. حال احوال ڏنو سين. مون به لڪ لڪاءُ ڪونه ڪيو. پنهنجو حال سڻايو مانس ۽ چيو مانس ”مان ساڳيو ڏنوان ۽ هلنديءَ وارو سيٺ منگهرمل نه آهيان پر قسمت جو نڪرايل ڪنگال منگهرمل. عجب جي حد نه رهي جڏهن ڪوڙومل نيازمنديءَ سان چيو ”جنهن کي ڪوڙوءَ جهڙو نوڪر آهي سو ڪنگال ڪئن چئبو؟“ ڪنجيون هٿ ۾ ڏيندي چيائين ”قسمت ملايو آهي نه ته بمبئي جهڙي شهر ۾ ڪير ڪنهن سان ملي؟ توهان منهنجا پتا ۽ مان توهان جو ٻچو. هڪ هزار ڏيئي جيڪڏهن توهين منهنجو آئيندو نه ٺاهيو ها ته اڄ به

”مالڪ آهي، پائيوار ڇا جا؟ مان سندس گماشتو آهيان. هڪ ٽوري نه پڇانس. جيڪي آهيان سو سندس مهرباني سان.“ سيٺ منگهرمل چيو ”پٽ به اهڙو احسانمند ۽ وفادار نه آهي. مان ڪوڙومل جا کهڙا گڻ ڳايان؟“ ڪوڙومل نيازمنديءَ سان چيو ”ٻانهو آهيان. ڪرم چڱا اٿم جو بابي جي شيوا ڪرڻ جو شرف مليو اٿم.“ مون چيو ”پائي پرولين ۾ نه ڳالهايو. تون هن جو احسانمند ۽ هو تنهنجو آياري! آخر آهي ڇا؟“ ڪوڙومل چيو ”رسوئي هيٺ اسان سان ڪريو ته سڄي ڳالهه ٻڌايانوَ. عجب جهڙي آکاڻي آهي.“ سيٺ منگهرمل شامل راءِ ٿيندي چيو ”عبرتناڪ افسانو آهي.“

عجيب آکاڻي يا عبرتناڪ افسانو مان ڪٿن ٿو چوڻي سگهان؟ ويهي رهيس. ماني به کاڌم ۽ ڳالهه به ٻڌم. ڪوڙومل وارو حصو ڪوڙومل پاڻ ٻڌايو ۽ سيٺ منگهرمل وارو منگهرمل. سيٺ ڪوڙومل واري حصي کي دهرائڻ جي ضرورت ڪانهي باقي ٻڌو منگهرمل جو بيان.

چيائين ”خبر اٿو ته اسين زميندار هئاسين. ٻٽوارو ٿيو نه اسان کي به اچي لنگهڻ جي لڳي. زمينون ڇڏي، روڪڙ ۽ سون کڻي اچي هندستان ۾ وارد ٿياسين. اسين زميندار ڇا ڄاڻون ڌنڌي واپار مان؟ رقم ئي رکي ٿي ويئي. جڏهن سنڌ ۾ هئاسين تڏهن ڪيترن دوستن ۽ مائٽن پيسا ورتا هئا پر هٿ ڪو منهن ئي نه ڏيي. ٻڙودي ۾ وڃي برف جو

ڪرم جو سنسار آهي
جو ڪري ٿو سو ڀري

ڪيدارناٿ نگر سيٺ هو. شاهوڪار ۽ هلنديءَ وارو هو. ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ هو. جي - پي ۽ آنرري مئجسٽريٽ هو. آمدني عمدي هيس. ڏه هزار روپيه ماهياني اُپت! سئنيما گهر سندس هو، وڏي گراج جو مالڪ هو. سون جا ڪورا هيس ۽ ٧٦ گهرن جون ٻه واڙيون هيس. جن ڏينهن جي ڳالهه آهي تن ڏينهن ۾ روپئي جو ملهه وڏو هو. ڪائڻ پيٽ جو ڪوڏيو، عيش عشرت جو شوقين هو. پئسو پڻس ڪمايو هو، پاڻ اُڏائيندو هو. پڻس سريندرناٿ اصل ڪنڀار هو. ڌيري ڌيري ويو وڌندو. دلن مٽڪن مان مايا جوڙيائين. مٽيءَ مان سون ڪيائين. جيڪو مٽيءَ مان سون ٺاهي سو ٿيو ڪيمياگر! سريندر صحيح معنيٰ ۾ ڪيمياگر هو. پهرين دلن دلين مان ۽ پوءِ ڪچين پڪين سرن مان ڌن ٺاهيائين، جنهن ويو ناڻو ڪمائيندو تنهن ويو ملڪيت وڌندو. ملڪيت وڏي ملهه ٿي پيئي. سريندر جڏهن مئو تڏهن ڪيدارناٿ وٽ ٻن لکن جي پونجي هئي. ڪيدارناٿ وٽ ملڪيت هئي ۽ ملڪيت مان ايندڙ ماهياني ڪمائي! هو هوشيار ماڻهو هو. پيءُ جي مري وڃڻ ڪانپوءِ

ٻڪائي هجان ها. اڄ مان ھونجيءَ وارو آهيان ۽ ھونجي پٽي توهان آهيو." انهيءَ ڏينهن کان وٺي ڇهه مهنا ٿي ويا، ته هن دوڪان جي سنڀال مون کي ملي آهي. مون کونوءَ لاءِ ڇا ڪيو جنهن لاءِ مون سان ايڏو ڀال ڀلائي؟" مون چيو "شاباس اٿس، ڪو ته مائيءَ جو لال لائق ڏيکاري! اعتبار تـه مونکي به جيڪر نـه اچي ته اچا به کونومل جهڙا جيوَ هن جڳ ۾ آهن ۽ ڏسان به وينو، ٻڌان به وينو، ڪئن نه اعتبار ڪريان؟" کونومل چيو "نيڪي هوندي ته پيءُ جي پيار کان سگهيس. سائينءَ منهنجي ٻڌي. مونکي منهنجو بابو مدد لاءِ موڪليو آهي. ٻوڪين به اهو جنهن ٻوڪيو آهي. جو ٻوڪيندو سو اوس لڻندو." کونومل جي شرڌا، ايمانداري ۽ سڪ ڏسي اکين ۾ آنسو اچي ويا. گهر آيس، اچي پيءُ سان ڳالهه ڪيم. ڪنڌ لوڏي چيائين "ابا ڪنهنجو ڪيو وڃي ٿو ڇا؟" مون چيو "سائين کوڙين ۾ ڪو هڪڙو جو ڪريل سان قرب ڪري، جنهن کي مايا جي پيچ ۾ ڪنهن جو احسان ياد اچي. قرض وٺڻ وارا گهڻا ۽ اهڙن وقتن تي موٽائي ڏيڻ وارا ورلي."

هنن ۾ وڃي سمهيس ته هر هر پٺي سيٺ منگهرمل ۽ سيٺ کونومل جا چهرا ڪاين آڏو ڦريا ۽ هڪ درويش جا اکر هردي ۾ هريا:-

جيڪي ٻوڪين سو لڻين ياد ڪر ڀائي
نيڪيءَ سان نيڪي ملي بديءَ سان برائي
ڇڏائيءَ جو ٻوڪر ٻج ته ٿيئي عمر سجائي
ڪنهنجي ڪمائي وڃي ڪانه ڪا.

ڏياري جڏهن هن پنهنجي محل جو مهورت ڪيو هو تڏهن انهن تي لڳو ته ڄڻ سيٺ وڏي ڌام ڌوم سان ٿئين شادي ڪئي هئي! ماڻس ملوڪ هو. ڏاڍو رعب وڌي ويس. بس پئسو ٻـ اپو، عقل ٻه ٽيو ۽ اُدار چتائي ٻه ٽي ته ڪير نـه سندس سلامي ڪري؟ جيڪا سنستا برپا ٿئي تنهنجو سڀاپتي هـو، جيڪي چندا ڇيڙا ٿين تنهن ۾ اَڳـرو، جنتا سان به پورو، سرڪار سان به سرخرو. ويو عهدا هٿ ڪندو ۽ ويو مٿي چڙهندو.

خوبيون خوب هئس پر ڌن ۽ پدوين جي ڪري پاڻ کي ڪجهه سمجهڻ لڳو. ڌنيرام ته هو پر ڌن جي اَيمان ۾ منيرام ٿـي پيو. هڪ اَيمان ٻيو عيش عشرت! پهرين ماس مدرا کان پري هو. پر هڪوار جو هريو ته جهل ئي نه ڏئي. هٿ ڪشادي شاهوڪار جا سؤ سلامي! خوشامدڙين جا ميڙاچي مڙيا. هڪ چويس سخي آهين، ٻيو چويس اَن داتا آهين، ٽيون چويس ڀڳوان آهين؛ ويچاري جي مت ئي منجهائي ڇڏيائون "حضور حضور" جي ڌني لڳي پيئي هجي. هيءَ ٻه وجهي خوشامد تـي مٿو ڪوڙائيندو. ڀلا پرواه ڪهڙي هئس؟ پئسو پاڻيءَ وانگر ٿي آيو؟ ڪهڙي پرواه هئي جي پاڻيءَ وانگر وهندو ٿي ويو؟ هن جي من ۾ اهو ئي ويچار ته عمر الاجـي ڪيتري، ڪنجوس ڇو ٿي گذارجي؟ مالڪ پئسو ڏنـو آهي خرچڻ لاءِ يا ميڙڻ لاءِ؟ ڪلي چوندو هـو "ميڙڻ ڪم ڀنگين جو." هنجو اهين چوڻ ۽ چاپلوسن جون

ملڪيت وڏائي ساڻن ٽن لکن جي ڪيائين. هونءَ ته مسواڙي گهر خالي به پيا هوندا هئس، پر ورهاڱي کان پوءِ شرڻارٿين اچي سڀ گهر وسايا. منهنجي واقفيت ڪيدارناٿ سان ١٩٣٨ ۾ ٿي جڏهن ڪانپور ۾ ويس. ڪنهن دوست وٽ رهيو پيو هو. مونکي وٺي هليو پنهنجي ڳوٺ، جو ڪانپور جي ڀر ۾ هو. ڪهڙي نه عاليشان بنگلي ۾ رهيل هو! بنگلو نه پر محل هو. اصل اهو محل هڪ مل جي انگريز ويونگه ماسٽر پنهنجي رهڻ لاءِ ٺهرايو هو. ڇا ته منجهس سک رکيا هئائين! جن ڏينهن ۾ فلش جو خيال به ڪنهن کي ڪونه هو تڏهن هنجي گهر ۾ ٽانڪيون هونديون هيون ۽ اندران ئي اندران پاڻيءَ جي نيڪال جو بندوبست هوندو هو. ويهڻ جو ڪمرو، مانيءَ جو ڪمرو، سمهڻ جون ڪوٺيون، اليڪٽرڪ جو ٻڌمو! مطلب ته انجنير پنهنجي علم ۽ اَنڀوَ جو پورو اُپيوگ ڪيو هو. هندستان ۾ خاص آيو هو مل جي سنڀال لاءِ. جئن هندستان ويو واڌارو ڪندو ۽ ڀارت جا جوان ولائت جي ملن مان ماسٽريءَ جو ڪم سکي آيا تئن هي ڌاريا ماهر ويا پنهنجي ديشن ڏانهن واپس ورندا. وقت آيو جڏهن هيءُ انجنير به پنهنجي ملڪ واپس وريو. وڃڻ کان اڳ جاءِ نيڪال ڪيائين. ڀلا اهڙي جاءِ ايڏي وڏي قيمت تي ڪير وٺي؟ هڪ ئي سيٺ هو جو اهڙو ساهس ڌاري سگهي. پوري هڪ لک ۾ اهو محل ۽ سڀ آئوٽ هائوس ۽ گراجون ڪيدارناٿ ورتيون. رنگ روپ

وٺندي هئي. جڏهن ڇوڪري سينئر ڪيمبرج ۾ پاس ٿي ۽ مائٽي ٻه سٺي آئي تڏهن هن فيصلو ڪيو ته ڪم ترت اُڪلائجي.

هڪ ڏينهن سيٺ کان امانت ۽ ڇوڪريءَ لاءِ آسيس وٺڻ لاءِ مايا ديوي پنهنجي ڌيءُ سونيءَ کي ساڻ ڪري وٺس ويئي. دل ۾ خيال هوس تہ اُدارچت سيٺ سهايتا ڪري سونيءَ کــي پنهنجي ڌيءُ سمجهي پڙهائي ڏيندو. آخر ٻہ تہ اُنهيءَ سڪول جو چيئرمن هو جنهن ۾ هوءَ ماستري ڪندي هئي! ويئي سڱن لاءِ ڪن ٻــہ ڪپائي آئي. پل ڪيائين جو سونيءَ کي ساڻ وٺي ويئي. سونــيءَ جو اندر اڇڻ ۽ مدن ديوتا جو اَڻ ڳس ٻاڻ سيٺ جي سيني ۾ لڳڻ. هونءَ تہ ماستريا ڻيءَ سان ساڌارڻ نموني ورتڻ ڪندو هو. پر هن دفعي ميون مناين جون پليٿون پرجي آيون. سونيءَ جي ڪا ساراهہ ڪيائين! چمڪندڙ اکين سان حيرت ڀرئي آواز ۾ چيائين ”هيءَ آهي تنهنجي ڌيءُ؟ هن هيري کي هن مهل تائين ڪهڙي لاڪر ۾ لڪائي رکيو هــوءِ؟ هيءَ تہ پٽ راڻي ٿيڻ جي لائق آهي. سترهن سؤ وٺڻ آئي آهين؟ سٺ هزار خرچ ٿي وڃن تہ ٻہ مــان خرچڻ لاءِ تيار آهيان. ڇا ڪندو آهي ڇوڪرو؟“ مايا موهہ ڀرئي آواز ۾ چيو ”مل ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر جو سٽينوگرافر آهي. ڇوڪرو سٺو آهي. ڏيتي ليتيءَ جي ڇڪ ڪانہ آهي. پاڻ گهري ورتي اٿن پر مان چاهيان ٿي تہ هڪڙوئي ٻار آهي، ساهہ اهڙي ناهي ڏيانس جو ائين نہ چون تہ پــيءُ ڪونہ هوس تنهن

واه واه جون ڏنيون لڳائڻ. اُيمان ۾ اِنسان اندو تي پوندو آهي. اُيمان سان گڏ هن ۾ ڪروڌ به آيو ۽ ڪام به! دارونءَ جا ڍنگ لٽجڻ لڳا ۽ دل جي بهلائڻ لاءِ ياڙي تي سنديون اچڻ لڳيون! ڪا محفل لڳي ته اُن شهر اچــي ليئي، پلا ڪير هن شيٺهن مڙس، فـراخ دل، سيٺي سان ونڊي عيش ڪرڻ واري پوتـار جي ڪوٺ تي حاضر نه رهي! پنهنجي شهر جو راجا هو پر لکنو ۽ ڪانپور ۾ ايندو هو ته به سندس سپاٽپ وارا ۽ هم خيالي عياشي دوست رات ڪري ڇڏيندا هئا. ماڻهو هن وٽ ڏراوتون رکندا هئا. وياج ڏي يا نـــ ڏي. هنڪي پئسي جي گهرج توري هئي جو وياج تي پئسو وني! هيءَ ته پاڻ اُنهن ماڻهن لــي تورو ڪندو هو جن جا پئسا پاڻ رکندو هو. حفاظت هڪ طرف پـر هيءُ سيٺ بنا شرط شروط جي پاڻمرادو وياج به ڏيندو هو. هڪ وڏوا جا وڏس سترهن سؤ روپيه هئا. هن ويچاريءَ غريب ماسترياڻيءَ روپيه روپيه ڪري سترهن سؤ ميڙي سيٺ وٽ امانت ڪري رکيا هئا. لکيت ڪير وٺـــي؟ ٽن ڪي تسيا ڏيئي پنهنجي ڌيءُ سونيءَ کي ڪانپور جي بورڊنگ هائوس ۾ وڌو هئائين ۽ سينئر ڪيمبرج ڪرايـو هئائين. پتيءَ جي گذاري و چڻ ڪانپوءَ ڌيءُ ۾ پـران ڪٽي وڌا هئائين ۽ هرڪنهن نموني سندس سک جو اونو رکي پيٽي خرچ پريندي هئي. ماستري به ڪندي هئي ته خانگي پڙهائي جو ڪم به ڪندي هئي. پرت جي ڪم ۾ به پڙ هئي. مهني ۾ هڪ ساڙهي به سواري

ٻڌهن ماستريءَ کان به جواب ڏياري موڪليائينس. مايا هن ٿيل ڦهر جي خبر ڪنهن سان به ڪانه ڪئي. پنهنجو شهر ڇڏي ڪانپور آئي ۽ اچي سربستي ڳالهه ڇوڪري سان ڪيائين. ڇوڪر غيرت وارو هو ۽ اوچ آدرش وارو. شادي ٿي ويئي. هونءَ شايد مهنو اڌ پوي ها پر هاڻ ته پاڻ پريمي ترت پرم جي ڪڙيءَ ۾ قابو ٿي هڪ ٻئي جا ٿي ويا. ڇوڪري جي پيءُ مايا کان چار چوڙا ۽ چار جوڙا وٺڻ کان به انڪار ڪيو، پر مايا جي ڳوڙهن ڳاڙڻ ڪري لاچار ٿوري ساهه سويڪار ڪرڻي پيس. ويڌيءَ ڪانپوءِ ڌيءُ کان موڪلائيندي چيائين ”منهنجي منڙي سوئي، آنسنا ته گهڻا ڪيا هئم پر نرڏئيءَ نراس ڪري ڇڏيو. شڪر آهي جو ماءُ جو ڪرتويه پاليم ۽ ڌوئي ٻڌجي ڌيءُ کي ڌتارجڻ نه ڏنم. پر ياد رکج ته جنهن اسانکي ڦريو آهي. سو ڦربو. جنهن مونسان دوکو ڪيو آهي سو ويلي جي ورونهن لاءِ سکندو. هڪ اَبلا جي آنسن جو بار پرٿوي به سهي نه سگهندي آهي. ديوڪيءَ جي درديلي پڪار ٻڌي ڀڳوان ڪنس کي ناس ڪرڻ لاءِ جنم ورتو، سيتا جي ستيا قائم رکڻ لاءِ راوڻ نابود ٿي ويو، اهليا سان اتياچار ڪرڻ ڪري اندر ڪوڙهه جو شڪار ٿيو، ته ڇا مون اَبلا جي آهه ٻڌي هن بدڪار جو ٻڻ ناس نه ڪندو؟“ پاڻيءَ جو ڦوٽو پريان ڪهڙو . شاندار لڳندو آهي! پر حقيقت ۾ انهيءَ هوا جي ڦوڪڻي جي حيثيت ۽ حقيقت ڇا؟ ماڪ جي بوند ڪهڙي نه خوش نما

ڪري گهٽتائي پيئي." سيٺ پنهنجائيءَ سان چيو "مان وڏو آهيان نه! ڪاٻه گهٽتائي نه ٿيندي." مايا ۽ سوني ايترو آدر پائي خوش ٿي موٽيون. پر ٻن ٽن دفعن جي ملاقات ڪانپوءِ ٻنهي محسوس ڪيو ته سيٺ جي مدد جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. انومان سچا نڪتا. سيٺ جا اشارا، صلاحون ۽ آڇون سوارت سان ڀريل لڳيون. هڪ ڏينهن جڏهن مايا ديوي سيٺ سان اڪيلي گڏي تڏهن ته هن ظاهر ظهور پنهنجي هوس ڏيکاري. دولت جي عيوض عصمت! معصوم نيڳري جنهن کي ماءُ ٻاڻ ماري پاليو تاتيو نپايو هو تنهنجي ڏاجي جو ملهه هو سيٺ جي نيچ نيت جي پوئواري! مايا سراپجي ويئي. جوش ۾ گهڻ وڏ ڳالهائي ويئي. سيٺ سئوهن سؤ روپيه آلي ويو. ماسترياڻي مايوس ٿي اُٿي، پر اندر ۾ ڏک سان گڏ غصو هوس. اُٿندي چيائين "نگو سيٺ جا اهي ڪرتوت!" ڪلي سيٺ چيو "وٺڻ چاهيان ٿو ته قيمت ٻه ادا ڪرڻ ٿو چاهيان! پر بدنام ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪج. ٿوڪان اڳ مان هلائي ڇڏيندس ته ڌيءُ جي شاديءَ لاءِ سهائتا وٺڻ آئي هئي ۽ جڏهن مون پنج سؤ روپين ڪان وڌيڪ ڏيڻ ڪان انڪار ڪيو تڏهن پنهنجي ڌيءُ جي آڇ..." مايا ڪنن کي هٿ ڏنا. اوطاق ڇڏي ڀڳي. دل مان آه ڪهڙي نڪتي هونديس! ابلا جي آه آسمان مان ٻه پار هلي وڃي. ست ڏينهن سيٺ مايا جي موٽڻ جو انتظار ڪندو رهيو پر جڏهن هوءَ نه آئي،

”ٽون انکم ٽئڪس آفيسر آهي ته ڇا ٿيو؟ اهڙا آفيسر منهنجي کيسي ۾ پيا آهن. ٽڻ منٽ ڪري ته بدلي ڪرائي ڇڏيانس.“ ويندي انکم ٽئڪس آفيسر گنڀيرتا سان چيو ”اهڙي ڪوڙي زبان ڪپجڻ جي لائق آهي. هن ڏينهن کي ياد ڪري هنجون هاريندين.“ ٽهڪن جي گونج ۾ اهي اکو گم ٿي ويا!

مهاپرشن جو چوڻ آهي ته منش کي اکين ڪنن ۽ زبان تي ضابطو رکڻ کپي. ٽن پوڙن واري تصوير ڪنهن نه ڏٺي هوندي؟ مهاتما گانڌيءَ کي اها تصوير پياري هوندي هئي. هڪ سنت ڪوي چيو آهي:-

ڪن بند ڪر، چشم بند ڪر،
بند ڪر پنهنجي زبان
سامهون دلبر اچي بيهندءِ، اوس پو بي گمان.

ڪن بند ٿئي جي گلا ٻڌڻ کان، اکيون بند ٿئي جي برائي ڏسڻ کان، زبان بند ٿئي جي ننندا ڪرڻ کان. سامي صاحب ڪين چيو آهي:-

چڱا سي چڄن چڱو جن جي چت ۾
برائي ڪنهن جيو جي، سامي ڪين ڏسن
ديا درشٽ رکي ڪري سڀ تي ڪرپا ڪن
سدا سم رهن اِستٿت آتم پد ۾!

زبان ضابطي ۾ نه لايدائڪ، هڪ اجائي ٽيڪي جي ڪري زيان ڪري وجهي. هڪ ٽيڪو تقدير ڦيري ڇڏي.

لڳندي آهي پر ترڪي جي تابش سان ڪئن عدم پيدا ٿي ويندي آهي! سمنڊ جي ڪناري تي واريءَ جو محل ڪهڙو نه موهيندڙ ڀاسندو آهي پر هڪ لهر ۾ ڪئن لڙهي ويندو آهي! تاس جي پتن جو گهر ڪهڙو نه دل ليائيندڙ لڳندو آهي پر ٿونگي سان ڪئن اچي پٽ پوندو آهي! انسان جي هستي به ڇا آهي؟ سا به هڪ ايماني انسان جي! ايشور ايمان کي ڪائيندو آهي. ڪيدارناٿ پنهنجي پونجي ۽ پدويءَ جي مد ۾ مدهوش ٿي ويو. پدو به ڪيترا دفعا هٿائين نه ايمان کي ٺوڪر ملندي آهي. اهو به پدو هٿائين نه غريب جي آهه سان ايشور جو ڪوپ ڪڙڪندو آهي پر پدارت جي نشي ۾ هن ۾ انهيءَ سچ پروڙڻ جي ساڃهه ڪٿي؟

شام جو وقت هو. سيٺ پنهنجي موج مستيءَ ۾ هو. سنگتين ساٿين سان وينٺي رنگ رچايائين ته هڪ ماڻهو اندر گهڙي آيو. بنا اجازت هڪ اڻ سڃاتل شخص جو اندر گهڙي اچڻ هنکي نه آئڙيو. بد مذاق سان پڇيائين ”در مان اندر آئين يا آسمان مان ٽپڪي پئين؟“ ملاقيءَ چيو ”سائين ضروري ڪم لاءِ آيو آهيان.“ ڪڙڪ آواز ۾ چيائين ”ضروري ڪم لاءِ ۽ پڇڻ ڪانسواءِ؟ هيءَ منهنجي اوطاق آهي، ڌرمشالا نه آهي!“ ڌاريو شخص ڪڪو وڪو ٿي ويو ۽ پنهنجي هلڻ لڳو. نشي ۾ چڪناچور بي سرت جانور سان وڌيڪ ڳالهائڻ مان ڇا حاصل! بيعزتو ٿي اهو شخص جڏهن در ڪان ٻاهر ٿي نڪتو تڏهن سندس ڪن تي آواز پيو

۾ گروي ڪري ورتي. گروي مدي واري هئي. ڪيس پورو
ئي نه ٿيو هو ته مدو پورو ٿيڻ لڳو. ڪيدارناٿ ششدر هو!
انڌيري ۾ ٿي ٽاڪورا هڻيائين. روشنيءَ جو ترورو به نظر نه
ٿي آيو. مدو پورو ٿيو ته گروي ٿيل ملڪيت نيڪال ٿي
ويئي. ڪيدارناٿ ڪنگال ٿي ويو. اعتبار نه ٿو اچي ته ائين
ڏسنديءَ ڏسندي لک ڪک ٿي ويا، پر جڏهن قسمت ڦري
تڏهن آسمان ۾ اڏامندڙ انسان پاتال ۾ غرق ٿي ويو. ڪيس
هارايائين، اپيل ۾ هارايائين! ڪوڏيءَ ڪوڏي جو محتاج
بڻجي پيو. محل جنهن جو ٺهيل بيٺو هو پر مالڪ ٽڙجي ٻاهر
نڪتو، سنيما اهائي لڪشمي ٽاڪيز هئي پر انهيءَ مان
ايندڙ لڪشمي جو اڌڪاري ڪيدارناٿ نه هو. گراج زور
سان ٿي هلي، پر انهيءَ گراج ۾ سيٺ جي موٽر مرامت لاءِ
به اچڻي ڪانه هئي. واڙيون وسيون پيئون هيون، مسواڙ
وٺڻ وارو منيب به ساڳيو هو پر اصلوڪو مالڪ جيڪڏهن
چاهي ته هڪ ڪوٺيءَ ۾ مسواڙي بڻجي به ويهي نٿو سگهي.
ڪيڏي ڪڙي سزا!

ڪي چوندا ته اَبلا جي آهن ڪري اگر تگر ناس ٿيس،
ڪي چوندا ته اعمالن جي سزا مليس، ڪي چوندا ته زبان
کي قبضي ۾ نه رکڻ ڪري ايڏو زيان ٿيس! پر مان چوندس:

"ڪرم جو سنسار آهي، جو ڪري ٿو سو ڀري"

ڪانپور جي هڪ ڌرمشالا ۾ هن سيٺ جو مقام آهي.
سندس استري ۽ ٻار لوڪ ۾ آهن. پاڙ اسپتال جي جنرل

ڪيدارنات جو مقدر ڦري ويو. ڦيرڻ وارو سائين، پر
هٿ هن پنجابي انڪم ٽئڪس آفيسر ڪندن لعل جو. ٻن
ڏينهن جي اندر اچي ڪيدارنات کي نوٽيس سهڙيو ته ڏهن
سالن جا چوپڙا پيش ڪريو. ڏهن سالن جا چوپڙا!
ڪيدارنات ڀرين ته شيخي ڏيکاري پر پوءِ وڪيلن جي
خاطري نه ڏيڻ ڪري گهٻرائجي ويو. هٿ پير هلايائين،
معافي وٺڻ لاءِ به تيار ٿيو پر پنجن ندين جي پاڻي پيئل
ڪندن لعل کهل ڪانه ڪئي. انڪم ٽئڪس آهي سينٽرل
گورنمينٽ جو کاتو تنهن ڪري آفيسر تي مڪاني يا پرانتڪ
وڏن ماڻهن جو اثر به ڪونه پيو. چوپڙا جاچي آفيسر سائين
ٽن لکن روپين جي تقاضا ڪئي. قاعدي موجب ڪيدارنات
کي ڀرين اهي روپيا جمع ڪرائڻا هئا ۽ پوءِ وڃي ڪيس
لڙڻو هو يا اپيل ڪرڻي هئي. هونءَ به چوندا آهن ته انڪم
ٽئڪس آفيسر ۽ صوبيدار جي نه دوستي چڱي نه دشمني
چڱي. بيٺل هو ته ڪيدارنات جا اڻ ڳڻيا دوست هئا پر
ڪرڻ کان پوءِ ڪير سندس ساٿ ڏيئي پاڻ کي به ٻوڙي ها
وڃي؟ جڏهن ڪٿان به پئسا نه مليا تڏهن ڪيس ساري
ملڪيت گروي رکڻي پيئي. 1951 ۾ ملڪيت جا اگهه ڪريل
هئا. ڪوريا جي جنگ جو وقت هو. خبر نه آهي ته انهيءَ
لڙائيءَ جو اثر هندستان تي ڪهڙي ڪارڻ پيو پر حقيقت
آهي ته جاين جا اگهه ڪري اچي پٽ پيا هئا. وڏيءَ
مشڪل کانپوءِ هڪ واپاريءَ سڄي ملڪيت سائين ٽن لکن

اڄا پيا آهين سڀ نه ويا سنسار مان

شريف نالو اٿس، ٧٦ ورهين جو آهي، چترڪارن جي گهراڻي مان آهي. ٻن سؤن ورهين کان پشت به پشت تصويرون چٽڻ جو ڪم سندس ڪٽنب ۾ ٿيندو آيو آهي. اڄڪلهه لاهور ۾ ٿو رهي ۽ نئشنل ڪاليج آو آرٽس جو ڊائريڪٽر آهي. چونڊ شاگرد سندس رهبريءَ هيٺ نقاشيءَ جي هنر ۾ پيا اڳتي قدم کڻن. سچي ڪلاڪار وانگر هو پنهنجو هنر پاڻ سان کڻي وڃڻ نٿو چاهي. هو چاهي ٿو ته محنتي ۽ محبتي جيوَ منجهانئس فيض پائين. پهاڙي ۽ مغلائي چترڪاريءَ ۾ هو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اصل وينل پٽيالا رياست جو آهي. جائو نپنو ئي اُتي. وڏڙن وانگر هن به جوهر ڏيکاريو ۽ مهاراجا هنجو قدر ڪيو. هو پٽيالا رياست جو هڪ رتن هو. ڪلا هنر ۽ ڪنهن به گڻ جي قدر ڪرڻ لاءِ پٽيالا مشهور هوندي هئي. سنگيتڪار، چترڪار، ساهتيڪار، پهلوان، راند يگر خواه ٻيا فنڪار ايامن کان رياست ۾ مان پائيندا رهيا. رياست جا والي جيتوڻيڪ هندو هوندا هئا، ته به هن ڏس ۾ ڪو به ڀيد نه رکندا هئا. هندو مسلمان هن وٽ يڪ سمان هوندا هئا. ڪلا، ڌرم ۽ جاتي کان اوچي آهي. اهو ئي ته ڪارڻ آهي جو هن دربار ۾ فتح علي جهڙا ڳائيندڙ، گاما جهڙا پهلوان ۽ شريف جهڙا چترڪار ايڏي

وارث ۾ آهي. پڇڻ وارو ڪو بہ ڪونهيس! ڪنجهي ٻيو ڪري پيو ۽ ھر ھر ٻيو چوي:

”وڏوا جا پئسا واپس ڪندس! ڪنهن سان ڪؤڙو نہ ڳالهائيندس!“ پڇتاءُ جا ڳوڙها ڳاڙي پيو پر هاڻي ڇا ٿيندو؟ لالچ جي لڪير ڪير ميٽي؟ جيڪي ٻوڪيائين سو لڻيائين! شال ٻيا سندس حالت مان عبرت حاصل ڪن! سنسار برابر اسرار آهي. صاحب وٽ حساب چڪتو آهي. سچ آهي جئن درويش چيو آهي:

”ڪرم جو سنسار آهي جو ڪري ٿو سو ڀري“

پيار نہ رهيو، پائيوارن ۾ پائپي نہ رهي، دوستن ۾ دلداري نہ رهي. انتقام اچڻ سان، اکين تي پٽي ٻڌي، انسان کي انڌو بڻائيندو آهي. ساڃهہ نہ رهي، هوش نہ رهيو تہ پنهنجا ئي ڇا جي، سالن جا سنبند ڇا جا؟

پٽيالا ۾ جڏهن خبر پيئي تہ لاهور ۽ ٻين هنڌن تي هندن سان هر طرح جي حرمتي ٿي آهي ۽ سندن مال ملڪيت ۽ ننگ لٽجي ويا آهن، تڏهن پٽيالا جا هندو ۽ خالصا حساب چڪائڻ لاءِ اٿي کڙا ٿيا. هــونءَ بدلو مائٽن ۽ دوستن جو چڪائبو آهي، پر هتي تہ ڳالهہ ئي اوڙ ٿي وئي. سياڻپ ٻنا سڀ هندستان جا هندو هڪ ٻئي جا حامـي ٿي پيا ۽ سڀ پاڪستان جا مسلمان هڪ ٻئي جـا همدرد همراه! پٽيالا پنهنجي ڪانہ پيئي. رڻ مچي ويـو. باهيون، ڪوس ۽ لُوٽ! قوم جي ڪروڌ کي روڪڻ ڪنهن آهي.

شريف جي محلي تـي حملو ٿيو. ڪنهن ڪاهي آيــو شريف سمجهيو تہ موت اچي ويو. ٻاهر ماڻهن حشامن نعرا ٿي هنيا ۽ محلي جي اندر هرهڪ جيو جي اندر ۾ ڌڪڙي هئي. جي ٿا ٻاهر نڪرن تہ ٿا ڪسجن ۽ جي ٿـا اندر رهن تہ ٿـا سڙي ڀسم ٿين. فسادي محلي کـــي باهہ ڏين، تنهن کان اڳ هڪ ملٽري لاڙي انهيءَ طرف آئي. ملٽري ڏسي ماڻهو هٽيا، پر زور سان نعرا هڻندا رهيا. لاريءَ جـي چارج ۾ هڪ نوجوان ڪئپٽن هو، جنهنکي محلي ۾ رهندڙ مسلمانن کي سلامتيءَ سان شونارٿـي ڪئمپ ۾ پهچائڻو هو. ملٽريءَ

عزت پائيندا هئا! هاڻي مهاراجا جي مرتبي گهٽجڻ ڪري رياست ۾ ڪلا جو قدر گهٽجي ويو آهي رتن ڇڙوڇڙ ٿي ويا آهن، نه ته سوين سال هن رياست جو رنگ اهڙو هوندو هو، جهڙو وڪرماجيت ۽ اڪبر جي دربار جو.

ست ورهين جي ڄمار تائين شريف پٽيالا ۾ رهيو، پر ورهاڱي هن شريف ڪلاڪار کي به پٽيالا ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو. ورهاڱي کان پوءِ جتي ڪٿي فساد شروع ٿي ويا. لکين جيو ٻڪرين وانگر ڪسجي ويا ۽ رت جون نديون وهيون. جنجي گهٽائي اتي انهن اُڌم مچائي ڇڏيو. اتهاسي ڳالهه آهي ۽ ويجهڙائي جي زماني جي، تنهنڪري انهيءَ کي دهرائڻ جو ضرور ڪونهي. سڀ کي معلوم آهي ته ڌرم مذهب جي تعصب ۾ انسان ڪيئن انسانيت کوهي ويٺو، ديد وڃائي ويٺو، زندگي جا قدر ڀلائي ويٺو! سياستدانن حرفت هلائي پاڻ کي پدوين تي پهچايو ۽ ويچارن ڀورڙن، سادن، هشن تي خوش ابوجهه پوئلڳن سڀ ڪجهه وڃايو. پٽيالا به انهيءَ ونجوگهه جي بڇڙيءَ بلا کان ڇٽي نه سگهي. نفرت جي آگ اڀرڪي اُٿي، بدلي جي باهه ڀڙڪي اُٿي. جيڪي هڪ ڪيو، تنهن جي موٽ ٻئي ڏني. لاهور ۾ قتل عام جاري ٿيو، ته امرتسر ۾ اندير مچي ويو. راولپنڊي ۾ رولو ٿيو، ته دهليءَ ۾ دنگو مچي ويو. ڪراچيءَ ۾ ڪوس ٿيو، ته ڪلڪتي ۾ ڪيس مچي ويو. حيدرآباد ۾ هلر ٿيو، ته پٽيالا ۾ هنگامو مچي ويو. انتقام! پاڙيسرين ۾

ٿي تہ جيڪر مان هٽي وڃان؟ پوءِ اُستاد کي ڪيئن ڇڏيندس؟" آواز آيو، "اُستاد مسلمان آهي، مسلمان دشمن آهي، دشمن کي پناهه ڏيڻ پاپ آهي." چندن چلائي چيو، هٽي وڃو، "مونکي پنهنجو فرض پالڻ ڏيو." سپاهي ساوڌان ٿي بيٺا، رائيفل سڌا ٿي ويا. گولين هلائڻ جي حڪم ڏيڻ کان اڳ چندن وري بہ چيو، "رتو چاڙڻ نٿو چاهيان. پائرن تي گوليون هلايان تہ حيف آهي، پر جي وچن پيگ ڪريان تہ لعنت آهي. جيسين مان جيئرو آهيان، تيسين منهنجي اُستاد ۽ هن لاريءَ ۾ ويٺل سندس ساٿين جو وار بہ ونگو نہ ٿيندو آهي." ائين چئي چندن پنهنجي نيڍڙي گن - گولي مشين مٿي ڪئي. سٽ سٽ ڪري گوليون آسمان ۾ اُڏاڻيون. پل ۾ ٥٠ ٽڪاءُ لڳي ويا! وڳوڙين سمجهيو تہ انهيءَ مشين جي منهن ۾ وڃڻ ۾ اجائي هورڀائي ٿيندي. لاڙي هلي ۽ خلق پري ٿي.

چندن جو پرڻ پڙي آيو. شريف ۽ سندس محلي وارا شرنارٿي ڪئمپ ۾ پهتا، جتان کين پاڪستان پهچايو ويو. چندن بيدي پنهنجي اُستاد کان پيرين پيئي موڪلايو. اُستاد آسيس ڏيندي چيو، "چندن وانگر سڄي ديش کي خوشبوءِ سان واسيندين. شاگرد هجن تہ تو جهڙا!" چندن نئڙي هڪوار وري بہ پرڻام ڪيو. نمرتا سان چائين، "ملڪ ۾ اُدم مچي ويو آهي. پنهنجي پرائي جي ساڃهہ نہ رهي آهي. مان جيڪر چاهيان تہ توهان جهڙا نيڪ انسان

ڪي مدد لاءِ ايندو ڏسي مڪلي جـــي ماڻهن ۾ اُميد جاڳي . شريف ۽ سندس ساٿي بہ اچي لاريءَ ۾ ويٺا. نوجوان ڪئپٽن شريف جي پاڻ کي سڃاتو. عجب جي ڳالهہ آهي تہ اهڙي وقت بہ هو اچي هنڪي پيرين پيو. ويچارو دهڪيل، مايوس مسلمان حيران ٿي ويـــو. ڪئپٽن چيو، "اُستاد سائين، سڃاتـــوَ؟" چتائي نهارڻ سان چيائين "چندن بيدي آهين تون مونکي بچائڻ آيو آهين؟" چندن چيو "خوشي اٿم تہ پنهنجي اُستاد ۽ سندس ڪٽنب کي بچائڻ جو بار منهنجي ڪلهن تـــي پيو آهي. سوڳند آهي هن ملٽري پوشاڪ جو تہ سر جـو سٽو ڏيئي بہ توهانکي سلامتيءَ جي هنڌ تـــي پهچائيندس." چندن واعدو تہ ڪيو، پر اتيٽي سمجهيائين تہ انجام اوکو ڏنو اٿم. فسادين جو ميڙ ويو ٿي وڌندو ۽ هو تمام وڏي جوش ۾ هئا. رستو روڪي بيهي رهيا ۽ چوڻ لڳا، "خون جـو بدلو خون آهـــي. اسانکي انتقام کپي. پاڪستان ۾ ملٽريءَ وارن پاڻ گوليون هلائي هندن کي ماريو آهي تہ توهين بہ ائين چو نہ ٿا ڪريو؟ يـــا ڇڏيو انهنکي تہ اسين پـــورو ڪريون." چندن هڪ.تي ٿي بيٺو. دڙي آواز ۾ چيائين، "آگيا جـو پالن ڪندس ۽ انجام جي عزت رکندس. سرڪاري حڪم جي انحرافي نہ ڪندس ۽ پنهنجي اُستاد سان سخن نہ ٽوڙيندس. هن لاريءَ ۾ منهنجو گـــورو آهي. پنهنجي اُستاد کي اکين آڏو مرندو ڏسي سگهندس؟ ماتا، پتا ۽ گورو! هن لاريءَ ۾ منهنجا ماتا پتا هجن ۽ حملو

آهن دڪان، آچار ۽ آهن دڪاندار ۽ شاگرد گراهڪ. گراهڪ جي عزت ٿيڻ گهرجي، اهو شش ڇا پرائيندو جو وديا پرائڻ ويندو انهيءَ ويچار سان ته بزار مان جنس خريد ڪري اچان. ڪي چون ته اڳيان اُستاد به ڪونه رهيا آهن. آهن ڇو نه، پر انهن جو قدر ڪٿي؟ وديا گوروءَ کي گهرج نه هئڻ کپي. جو وديا ڏئي سو سوتنتر هئڻ کپي. اڳي سندس سنڀال جو ڪم ٻين تي هوندو هو، پر اڄ؟ پورو سورو پگهار، خرچ وڌيل، سندس استٿي ڪهڙي آهي؟ جنهنکي ضروري گهرجن کي پوري ڪرڻ جو ساڌن ڪونهي سو ڇا ڪري؟ ماستر جو درجو ڪيڏو نه اوچو هوندو هو. سڀ ڳوٺ سندس عزت ڪندو هو. هاڻي گهٽ ۾ گهٽ درجو ماستر جو آهي.

پٽيوالي جو پگهار ماستر کان گهڻو! رستي ۾ ڪو ماڻهو مٺل ڏسو ۽ سندس سڃاڻپ نه ٿئي ته سمجهو ته ماستر هوندو. ملڪ جي ترقي چاهيون ته اُستاد جو احترام ڪرڻ سکون ۽ کيس هرڪا سهوليت ڏيون ته هو بنا هچڪ اڳتي هلي سگهي ۽ پنهنجي وديا سان ديش کي فيض رسائي."

چندن بيديءَ جي قرب ۽ عزت اُستاد جي دل کي لوڏي ڇڏيو. ٿڙڪي واري آواز ۾ چيائين، تنهنجو احسان ڪڏهن به نه ڀلندس." چندن چيو، "اوهانجا هزار احسان مونکي ياد آهن." اُستاد چيو، "هن اٽانگي وقت ڪنهن ۾ ايڏي شرافت......" چندن هٿ جوڙي چيو، "مون کي

هنن هليا نه وڃن، پر هيءَ جو سياستدانن پيٽ ڀريو آهي، تنهنجي ليس ڪان ڪٿن ٻچي سگهجي؟ وڃو، هوندي ايشور جي اڇا ته وري ملنداسين."

اُستاد ۽ سندس ساٿين جـــي اکين مان ٽاه ٽاه ڳوڙها ڳـڙڻ لڳا. ڏڏندڙ آواز ۾ چيائين، "اُستاد لاءِ ايڏو مـان!" چيدن جواب ڏنـــو، "اُستاد ۽ ٻيڙيءَ جي سکاڻ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ جيوت جو جهاز هلي ٿي اُستاد جي مهربانيءَ سان ئو. ماتا ۽ پتا جو درجو اوچو آهي، پر گورو ته اونده مان ڪيي سوجهري ۾ ئو آڻي!"

ڪهڙا نه سندر لفظ! گــوروءَ جي وڏي مهما آهي. سوَ چنڊ اُڀرن، هزار سورج چڙهن، پر گوروءَ کانسواءِ اونده آهي، صاحب ٿا فرمائين:-

"مان پنهنجي گورو ديــوَ تان ڏينهن ۾ ڏهه دفعا قربان وڃان، ڇو ته انسان مان ديوتا بڻائڻ جـي طاقت انهيءَ ۾ ئي آهي."

اڄ ڪلهه، آهي اُستاد جـي ايڏي عزت؟ ڪو زمانـو هو جو ائين سمجهبو هو ته "ماستر جي مار، ٻار جي سنوار." پر اڄ ڪو وديا گورو ٻار کي تنبيهه ته ڪري سگهي! مائٽ اُڀري ايندا. چي: "منهنجو ٻار ناز جو پاليل، سري جو نرٻل، دل جو ڪمزور تنهنکي ڏنائين چڙبـون! مفت ۾ ئو پڙهي ڇا؟ فيون نٿا ڀريون ڇـا؟" ٻار به مائٽن جي اها عجيب منورتي ڏسي ائين سمجهڻ لڳا آهن ته سڪول ۽ ڪاليج

پختو ۽ سخن جو سچو. خدا هنکي اسانجي حفاظت لاءِ موکليو هو. هنجو نالو بہ "بيدي" هو، چندن بيدي!"

بيديءَ حيرانيءَ مان چيو، "انهيءَ جوان جو نالو چندن بيدي!" شريف پڇيو "توهان هن کي سڃاڻو؟" بيديءَ چيو، "هائو، سڃاڻانس. چندن منهنجو ڀاءُ آهي ۽ هاڻي بمبئي ايريا ۾ ڪرنل آهي. برگيڊيئر بہ اجهو ٿيو." شريف گهٽيل آواز ۾ پڇيو، "چندن تنهنجو ڀاءُ آهي؟" ائين چئي، شريف ميان بيديءَ جي چرنن ۾ جهڪي پيو. ٻڙ ٻڙ ڪري چيائين، "مان توهان بہ صدقي" بيديءَ نئڙي ڪيس مٿي کيو ۽ ڇاتيءَ سان لڳايو. ڪا مهل ٻئي هڪ ٻئي جي ياڪر ۾ هئا. هڪ هندو ۽ ٻيو مسلمان! بيديءَ جي اکين ۾ آنسو مڙي آيا. آنسو فقط بيديءَ جي اکين ۾ نہ هئا، شريف جي اکين ۾ بہ. ٻنهي هڪ ٻئي جا ڳوڙها اُگهيا. شريف چيو، "هتي خوش آهيان. پريزيڊنٽ پينشن مقرر ڪري ڏني آهي، وقت سکيو ٿو گذري. ڪم ۾ دل بهلي پيئي آهي، پر پٽيالا مرڻ گهڙيءَ تائين بہ نہ وسرندي." بيديءَ چيو، "پٽيالا لاءِ اڃا بہ پيار اٿو؟" شريف چيو، "وطن ڪنهن کان وسري؟" ٿڌو ساهہ ڀري شرڌا سان چيائين، "چندن کي سؤ سلام ڏجو. چئجوس تہ جڏهن بہ پاڪستان ۾ گذريل اڳين حالتن جو ذڪر نڪرندڙ آهي، تڏهن مان سندس مثال ڏيئي چوندو آهيان تہ نيڪي ڪنهن هڪ قوم جو ورثو نہ آهي."

شرمسار نہ ڪريو. مون پنهنجو فرض پاليو آهي، نہ فقط پنهنجي اُستاد سائينءَ سان، پر انسان ذات سان. انسانيت ڪان وڏيڪ ڌرم ڪهڙو آهي؟ مونکي فخر آهي تہ مون سچي ڌرم جو پالن ڪيو آهي." اُستاد چپ رهيو، پر شريف خاموش رهي نہ سگهيو. همت مٿي ڪري چيائين، "تون انسان نہ آهين، پر فرشتو آهين...... نيڪيءَ جو فرشتو! الله توکي اوج تي رسائيندو. شريف منهنجو نالو آهي، پر شريف ڪي شريف بڻجڻ جي وات توئي ٻڌائي آهي. خدا حافظ!"

شريف اها ڳالهہ پاڻ ڪئي. انڊين ايڪسپريس جي هڪ خاطوءَ ايس - وي - بيديءَ سان ڪئي.

بيدي صاحب ڪيس هڪ چتر نماءَ ۾ مليو. شريف "بيدي" نالو ٻڌي، چوڻڪي اُٿيو. ٧٦ ورهين جي بزرگ نقاش خوشيءَ ۾ لرزندي چيو، "بيدي صاحب نالو اٿو؟ مان هرڪنهن بيديءَ جو تابعدار آهيان، عاشق آهيان. هڪ بيدي نوجوان ڪئپٽن جي نيڪيءَ ۽ بهادري جي ڪري اڄ مان جيئرو آهيان. روز هن نوجوان جي وڏيءَ عمر، سلامتي ۽ خوشحاليءَ لاءِ داور جي در دعا گهرندو آهيان. سورهن سالن ۾ هڪ دفعو بہ ڪيس پنهنجي دعا ۾ ڪونہ وساريو اٿم." گنڀيرتا سان چيائين "اکين اڳيان لاشن جا ڍير پيا هئا، چوطرف باهيون لڳيون پيئون هيون، موت اسانجي طرف اُڏامندو ٿي آيو تہ هڪ فرشتو اچي اسانجي مدد لاءِ پهتو. گڀرو جوان هو، بدن جو جانٺو، ارادي جو

”جيڪي ڏٺي ڪري ٿو
تنهن ۾ آهي چڱائي“

وشواسي جيو هر ڳالهه ۾ ايشور جو هٿ ڏسندا آهن ۽ جيڪي به ٿيندو آهي تنهن ۾ چڱائي سمجهندا آهن. ڪا سٺي خبر ملندين ته به چوندا شڪر آهي، پر جي ڪا بري خبر ملندين ته به سندن وات مان نڪري ويندو ”انهيءَ ۾ به ڪا چڱائي.“ هاڻي ته مون کي به انهيءَ چوڻيءَ ۾ وشواس آهي پر ننڍي هوندي جڏهن وڏي امان يا ٻيو بزرگ ائين چوندو هو ته اندر ۾ ڪل ايندي هئي.

هڪ دفعي اسانجي پاڙي ۾ ڪو ماڻهو مري ويو ته مون ڊوڙندي وڃي امان کي چيو ”امين فلاڻو ماڻهو مري ويو“ هوءَ ڪجهه چوي ئي چوي تنهنکان اڳ مون چيو، ”انهيءَ ۾ به ڪا چڱائي هوندي“، امان ڪنڌ لوڏي چيو، ”انهيءَ ۾ برابر ڪا چڱائي هوندي.“ مون چيو ”امان هو ويچارو مري ويو! انهيءَ ۾ ڪهڙي چڱائي هوندي؟“ امان جواب ڏنو، ”خبر آهي جيڪڏهن وڌيڪ جيئرو هجي ها ته ڪنهن نڪريءَ بيماري ۾ ڦٽڪي مري ها؟“ ڪنڌ ڌوڻي چيائين، ”پٽ ايشور توکان سياڻو آهي.“ مون چيو، ”امان اهڙي ڳالهه ته راجا ۽ وزير جي به پڙهي اٿم. هوشياري

بيديءَ پڇيو، ”هيءَ انوکي آکاڻي اخبارن ۾ شايع ڪريان؟“ شريف چيو، ”خوشيءَ سان. پلي سيٺي کي خبر پوي ته هڪ احسانمند دل پاڪستان ۾ به هندستان جي هڪ باشندي لاءِ دعائون ٿي گهري.“

هي وارتا ٻڌي، اڳلاٽي، چندن بيديءَ لاءِ عزت پيدا ٿي ويئي. من ئي من ۾ مون هنکي پرڻام ڪيو. پريان ريڊيو جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. گيت ته الائجي ڪهڙو هو، پر مون سمجهيو ته ڪو ڳائي رهيو هو:-

”اچا پيي آهين، سڀ نه ويا سنسار مان“

"ڪاڪا، ڪراچيءَ مان ڪھي آيا آھيو درگاھ تي ۽ توھان کي اچــي بخار ٿيو آھي." ٽرت جواب ڏنائين "بابا برڙ اوستا آھــي، شايد ھلڻ جو وقت لڳي ويو ھجي. سائين جي اھا مرضي ھوندي تہ سنسار مان سڌارجڻ کان اڳ اچي سندن قــدمن ۾ ڪران. ستگرو سائين جــي اڳيان ساسين سڪالو ٿيان تـہ انھيءَ کان وڌيڪ مالڪن جي ڪھڙي مھر ٿيندي؟" مونکي سنسو پڄي ويـو. سو چيم تہ ھن سنت کي پرون پڄي ويا آھن تہ ھن سنسار ۾ سندس سفر پورو ٿيو آھي. رات سڄي چونڪيءَ ۾ گذاريم ۽ صبح جو نيرن کائي سمھي پيس. منجھند جو سڌو ڪاڪي جي ڪوٺيءَ ڏانھس ويس. ڏسان تہ ڪاڪو ٺوبو وينو آھي ۽ وينو ڪيرو پئي. مون چيو، "ڪاڪا ڪالھ تـہ ڏڪائي ڇڏيو ھوو. مــون سمجھو تہ دنيا ۾ دم پورا ٿيا اٿو. اڄ تہ خوش پيا لڳو" بنا سوچڻ جي جواب ڏنائين، "آبا پاڻ تي ميار ڪٽڻي ڪانہ ھوندن. سو چيو ھوندائون تہ ڪراچيءَ مان آيو آھي ميلو ڏسڻ؛ اسين چو پياري جي موت جي تھمت ڪٽون؟" مون چيو، "ڪاڪا ٻئي پاسا ٽا وٺو نـہ." صدق سان چيائين "جيڪي يار ڪري تنھن ۾ چڱائي" آمــا جا اکر لٽين سر ڪنن ۾ دھريا.

پوءِ تہ پنھنجو بہ انھو ٿيو ۽ ڏيري انھيءَ سچ کي اينرو تہ محسوس ڪندو ويس جو ڪيترن وقتن تي آئت ڏيندي، دکي جيون کي چوڻ لڳس "تہ انھيءَ ۾ بہ ڪا چڱائي."

ڏ يکارڻ لاءِ راجا ۽ جن واري ڳالهہ ٻڌائي مانس. شرارت
ڪري پڙهي ويس، ڪتاب ۾ لکيل ڪونہ:-

”راجا ڪنهن ٿي انب چليو، ڪپ سان سندس هٿ ويو
ڇيو وزير تہ پولو ناهہ، اُن ۾ ڀي ڪا ڀلائي آهہ،
راجا وينو هو ڏمريو، تنهن وزير کي قيد ڪيو.“

اَما اُتِ ۾ روڪي ڇيو، ”ٻڌي اٿم اها آڪاڻي، تہ راجا
اڪيلو شڪار تي ويو ۽ جن ڪٽي ويس، جو جن جي راجا
کي ڏس مليو هو تہ هو ڪنهن سگهي انسان جو خون بدن
کي لڳائيندو تہ سندس ڪوڙهہ ڇٽي ويندو. هاڻي تون ٿي
ٻڌاءِ تہ تنهنجي راجا کي ڇير نہ هجي ها تہ ڪسجي نہ وڃي
ها؟“ مون سمجهيو تہ اَما ڦاٿي آهي سو ڪيس منجهائڻ لاءِ
پڇيم، ”اما راجا جي تہ ڇڳائي ٿي جو ڇير آيس ۽ خون
ٿيڻ ڪان بچيو پر وزير جي کهڙي ڇڱائي ٿي جو ناحق
وڃي قيد ۾ پيو!“ اَما پاڻ سوال پڇندي ڇيو، ”جيڪڏهن
ڏمرجي وزير کي قيد ڪري اڪيلو شڪار تي نہ وڃي ها
۽ وزير ساٿس هجي ها تہ ويچاري وزير جو حال ڇا ٿئي
ها؟“ واٽون وانگر اَما جي منهن ۾ نهاريندو رهجي ويس.
اَما ياڪر پائي ڇيو، ”پت سڀ ۾ ڀلائي.“ سنسار ۾ اهڙا
جيئو برابر آهن جنکي پرينءَ جي پيار کان جيڪي بہ اچي
سو مٺو لڳندو آهي.

هڪ دفعي درازن جي چوڏهينءَ جي ميلي تي ويو
هوس. هڪ بزرگ دوست کي اچي بخار ٿيو. مون ڇيو

واسواڻيءَ وٽ. انهيءَ جو درشن ٿيو ته اڇڻ سڦلو ٿيو."
آيس ميران سڪول ۾ ته هيٺ ڪيترا ستسنگي ويٺا هئا
جن مونکي سڃاڻي چيو، "دادا ته ساڍي ٽين بجي ڪانپورءِ
کنهن سان ڪون گڏبا آهن." مون چيو، ٺيڪ آهي. ڀلا
پاڻُ جشن سان گڏجي سگهان ٿو؟" پڪ هيم ته پاڻُ کي
منهنجي اچڻ جي خبر پوندي ته ڪنهن به طرح ممڪن
هوندو ته هڪ ساعت به سهين دادا جي اڳيان رجوع ضرور
ڪندو. ٿيو به ائين پاڻُ جشن ڊوڙندو آيو ۽ ڏاڍيءَ حب مان
چيائين، "دادا جا در توهان لاءِ هميشه کليل آهن، جيءُ
آيا ڀلي آيا." دادا وٽ وٺي هليو. دادا ماني پوري ڪئي
هئي هٿ اُگهي پوپٽ مان پاڪي پاتائون ته اندر ئي ٽري
پيو، سنساڻي ميٺڄي ويا. دادا ۾ ايترو ته ڌيان هو جو
ڏٺم به ڪونه ته ڪونيءَ ۾ ٻيا ڪير ويٺا آهن. جڏهين
دادا جي آسيس وٺي سندن سمک ويٺس ته سياويڪ ٻين
ويٺلن ڏانهن نهاريم. پهرين نظر پيرڻ ايشوريءَ تي پيئي جنهن
سان ملڻ آيو هوس. مونکي خوشي به ٿي، حيرت به لڳي.
اُچانڪ منهنجي وات مان نڪري ويو، "تون هتي! توسان
به ملڻ تي مرضي هيم." ڪا ويرم دادا سان روح رهاڻ
ڪيم ۽ ڪانئن آسيس ورتم. دادا اهڙي ته پريم ڀري آسيس
ڪئي جو ان پيرڻ تي وڏو اثر ٿيو. اُٿي جڏهن ٻاهر آيس
تڏهن هوءَ به ٻاهر آئي. خبر هئس ته منهنجو منجهس ڪهڙو
ڪم هو. مونکي اندر ۾ پڪ هئي ته هنکي دنيوي ناتن

هڪ ڏينهن مان پوني وڃڻ لاءِ تيار ٿيس. جڏهن پنهن جي هڪ پياري دوست سان ڳالهه ڪيم تڏهن چيائين، ”ٽرين ۾ ڇو ٿا وڃو؟ مان موٽر ٿو موڪليان. ساڳئي ڏينهن رات ٽائين موٽي اچجو“ مون چيو، ”نيڪ آهي“ ٻارهين بجي منجهند جو موٽر پهچڻ کپندي هئي پر اڍائي بجي ٽائين ڪانه آئي. دوست کي فون ڪيان ته هو هر پيو چوي، ”الائجي ڇو گڏريج ۾ دير ٿي آهي، بس اجها پهتي.“ اجها اجها ڪري چار لڳي ويا. سوچڻ لڳس ته جيڪڏهن ٻيڪن ڪٿين ۾ وڃان ته دير ٿي ويندي ۽ جيڪڏهن موٽر به ڪٽي اچي ته جنهن سان گڏجڻو اٿم تنهن سان ملڻ جو وقت ته ويو. دل ۾ هڻڻ لڳس ته وڃان يا نه. اڃا فيصلو ڪونه ڪيو هيم ته هيٺان موٽر اچي هارن هنيون. مون پڙ پڙ ڪندي چيو، ”ڪنهن تي اعتبار ڪرڻ اجايو آهي. موٽر جي لالچ ۾ ڏينهن وڃائي ڇڏيم. هاڻي وڃڻ ڪهڙي ڪم جو؟“ اڌ پاڻ سان پئي ڳالهايم، اڌ پنهنجي پتا صاحب سان. منهنجي پتا دل وندي چيو، ”پٽ انهيءَ دير ۾ ڪو راز هوندو. انهيءَ ۾ به ڪا چڱائي!“ آسرو نام جو ڪري، مان پوني لاءِ نڪري پيس. سوائين اٺين بجي اچي پوني ۾ پهس. جنهن سڄڻ سان گڏجڻو هوم تنهن جي پوري ائڊريس ڪانه هئي. پرائي ديس ۾ رات جي وقت ڪنهن کي ڳولهڻ مشڪل! مون سوچيو ”رات رهي ٿو پوان، صبح جا پاڳه صبح جا. صبح سان هاڻي سڌو وڃان ٿو دادا

تہ جا سائينءَ سڻي آهي تنهن ۾ ئي سچي سياڻپ آهي. تنهن ڏينهن چونڪيءَ ۾ انهيءَ ڳالهہ جو ذڪر ڪيم. جڏهن ڳالهہ پوري ڪري راڄ جي ست چيم ”جيڪي ڏٺي ڪري ٿو تنهن ۾ آهي چڱائي“ تڏهن ڏٺم تہ هڪ ستسنگيءَ جي نيڻن مان ڳوڙها مڙي آيا. چونڪي پوري ڪري ساڻس گڏيس. ٿئون مهانبو هو ۽ اڳي ڪون ڏٺو هومانس. پيار سان گڏجي چيائين، ”اها حقيقت آهي تہ جيڪي ڏٺي ڪري ٿو تنهن ۾ چڱائي“ مون چيو، ”سڄڻ توکي بہ ڪو آزمودو آهي؟“ چيائين، ”هائو سائين آگيا ڏيو تہ ٻڌايان.“ ڪو اهڙي قسم جو آزمودو ٻڌائي ۽ مان نہ ٻڌان؟ ڪيتري بہ ديرچو ڪين ٿي هجي! انهيءَ دوست جي ڳالهائڻ مان مون يڪدم سهي ڪيو تہ پنجابي آهي پر سنڌيءَ ۾ ٿو ڳالهائي. برابر ائين ئي هو. پاڻ ئي شروع ڪيائين:- ”منهنجو نالو مدن لعل آهي مان پنجابي آهيان پر منهنجو پيءُ چوني لعل ڪراچيءَ ۾ واپاري هو. مان سنڌ ۾ ڄائس ۽ نپنس. مان سنڌي ٻولي چڱيءَ طرح ڳالهائي ۽ سمجهي سگهندو آهيان. هاڻي اسانجو ڪم هتي بہ آهي ۽ جپان ۾ بہ آهي. اوساڪا ۾ اسان جي آفيس آهي. ورهاڱي تائين اسين ڪراچيءَ ۾ هئاسين. لڏ پلاڻ ڪانپوءِ اچي بمبئيءَ ۾ ڪم شروع ڪيوسين. منهنجو هڪ دوست جپان ۾ ڌنڌو ڪندو هو تنهن جي مرضيءَ سان مان ساڻس جپان ويس. ٽن سالن ۾ ايترو تہ ويجهو آيوسانس جو مونکي ڀائيوار ڪيائين. ڀائيواريءَ

جي مجبوري هئي تنهن ڪري منهنجي مرضي نه ٻه رکي سگهي. نه ٻه ونس وچڻ منهنجو فرض هو ڇو ته، مون پاڻ تي اها ميار کڻڻ نه ٿي چاهي ته پوءِ ڪنهن وقت ٻـ هو چئي سگهي ٿي ته مون ڪيس چيو ٿورو ئي هو. ٻاهر اچي چيائين، "منهنجو انجام ڪونهي. مونکي سوچڻ ڏيـو. پر هڪ ڳالهه ٻڌايانو ته توهان دادا وٽ عين وقت تي آيا."

مون چيو، "اڄ رات نه ته سڀاڻي صبح جو گهر ۾ اچي ملان هـا." درويش طبيعت پيڻ وراڻيو، "اها ڳالهه اوڙ پر هيءَ ڳالهه ئي ٻي آهي." مون ڪلندي چيو، "ڇڱو ٿيو جو ڪار دير سان آئي،" جواب ڏنائين، "سڀ ۾ آهي ڀلائي!" مـون چيو، "جيئن سائين ڪرائيوَ تيئن ڪجو." چيائين، "سوچي ويچاري وويڪ ڪان ڪم وٺنديس." منهنجو پاءُ اندر جو مون سان گڏ هو تنهن چيو، "دير ڪي اسين اندير سمجهندا آهيون." مون هار قبوليندي فيلسوفن وانگر چيو، "سڀ ۾ ڀلائي." اندر جو اندر ۾ پنهنجي اڌيرتا تي ارمان ڪاڻم. پنهنجي شڪ ۽ گمان تي لڄي ٿيس.

ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهن خبر پيم ته ٻوني واري پيڻ منهنجو ساٿ ڏنو يا گهٽ ۾ گهٽ منهنجي برخلافي نه ڪئي تڏهن هرهر پئي چيم، "ڇڱو ٿيو جو مونر دير سان آئي." انسان پنهنجي عقل تي ڏاڍو ٻانور ٿو ڪري جيڪي هـو سوچي ٿو سوئي سمجهي ٿو ته سچ آهي. پر دنيا جو آزمودو ڪنهن نه ڪنهن وقت ڇنيءَ طرح ثابت ڪري ٿو ڏيکاري

ڇا ڪجي؟ وات تي دوستن کي ڪٺندي پنڌ رهڻ مدت ۾
ائين به هليا ويا هئا، باقي هئو منو ڪلاڪ پهچڻ ۾. ڪا
موٽر به ڪانه ٿي لنگهي. اهڙي هنڌ ٽئڪسي ملڻ به مشڪل.
ڏاڍو ششدر ٿيس. پهچڻو ضرور هو پر پنڌ به دور هو. پاڻ
کي پٺڻ لڳس ته جلد نڪران ها يا هڪ ڏينهن اڳ وڃان
ها، پر انهيءَ مان وٺيو ڪجهه به ڪونه. ڏهه، پنڌ رهڻ
مدت پيا به گذري ويا، پر هڪ هڪ مدت ڪلاڪ سمان.
نيت هڪ پٺون جي لاڙي اچي اُتان لنگهي تنهن کي همٿ
ڏيئي بيهاريم. ويهه روپيا باسيامانس لڏهن منهنجو سامان
لاريءَ ۾ رکيائين ۽ مونکي پاڻ سان گڏ وهاريائين. لاريءَ
وارو ڏوڪيندو هليو. ٿي دفعا سمجهيم ته لاري اونڌي ٿي
ٿئي پر پهچڻو جو هو سو انکي پٺي ڇيم ته تڪو هل تڪو.
هوائي اڏي تي پهچي ويس پر هوائي جهاز تي پهچي نه
سگهيس. ڏاڍو ڏک ٿيو. پاڻکي پر پائڻ لاءِ گهڻوئي پٺي ڇيم
ته منهنجو ڏوهه ڪونهي پر اندر واري پٺي ڇيو، "پائيوار
اعتبار ڪنداءِ؟ هڪ ڏينهن اڳ نڪرين ها ته ڇا ٿـي
پوي ئي ها؟"

هوائي جهاز ويو، ته مونکي يڪدم واپس ورڻ کپندو
هو پر مان اهڙو ته وسميءَ ۾ اچي ويس جو ياد ئي نه رهيو
ته موٽي وڃڻو اٿم. بيٺو ئي هجان ها، جي ماٺهن جو هل
نه بڌان ها. ڪنهن کان پڇيم ڇـا آهي. جواب ڏنائين،
"هيءَ جهاز جو هاٺي اُڏاڻو سو هنن گهاٽڪوپر جي ڪرين

کان پوءِ بمبئيءَ موٽي آيس ۽ ڇهه مهنا کن هتي رهيس. نيٺ واپس ورڻ جو وقت آيو. وڃڻ ڏهه پندرهن ڏينهن اڳ کپندو هو جو منهنجي پائيوار کي کنهن ضروري ڪم سانگي اوساڪا مان ٻاهر وڃڻو هو پر وڃڻ مهل کي رڪاوٽون پونديون ويون جن مونکي ترسائي ڇڏيو.

جنهن ڏينهن جي ٽڪيٽ ملي سا به ٺيڪ هئي. ڇو ته پائيوار جي اُسهڻ کان هڪ ڏينهن اڳ ونس پهچي ٿي ويس. اهڙي خبر کيس ٽرنڪ ڪال تي ڏيئي ڇڏي هيم. فون تي ڳالهائڻ مان محسوس ڪيم ته کيس منهنجو اينترو دير سان وڃڻ ڪونه وڻيو هو. سندس پويان لفظ معنيٰ ڀريل هئا. "مدن لعل حساب ڪونهي. پر اينتري بي پرواهي نٿي ڪانه ٿي. هاڻي جي مقرر ڏينهن تي نه پهچي وئين ته ڪم ئي اُلٽ پلٽ ٿي ويندو." مون سچائيءَ سان چيو "معاف ڪجِ، مونکي اڳ اچڻ کپندو هو. هاڻي به پوري وقت ٿي پهچي ويندس. سائين سڀ سٺائي ڪندو."

"منهنجو جهاز شام جو وڃڻو هو.. مان گهر مان ڏيڍ ڪلاڪ اڳي نڪتس. ولايت وڃڻو هجي ته هوائي اڏي تي ڇڱو اڳيرو وڃڻ کپي. پر سوچيم ته پنجٽيهه چاليهه منٽ لڳي ويندا رستي ۾ ته مدو ڪلاڪ کن اڳ پهچي ويندس. سانتاڪروز واري پل پار ڪري موٽر ڊرائيور جيٽن ڏانئي طرف رخ رکيو ته موٽر مان ٺهه ٺهه جو آواز آيو. موٽر بيهي ويئي. ڊرائيور چيو "سائين ڦيول پمپ پڇي پيو آهي."

آهي. لک لک شڪرانا سائينءَ جا.“ مدن لعل جي ڳالھ ٻڌي ويساھ وڌيڪ ٻڌڻ لاءِ، ڀُتر ٻــ وڏيو مدن لعل ڏانھن منھن ڪري چيو، ”پيارا ڀاءُ عجيب آزمودو آهي، سکيا جو آزمودو آهي.“ مدن لعل چيو سائين جيڪو گيت ڳايئُو، سو مون کي لکائيندا؟ مون چيو ”لک. پنو ۽ قلم کڻي لکڻ لڳو. مون وڏي وشواس سان راڳ ڳائي لکايو جنھنجي پھريئن سٽ ھئي.

”جيڪي ڏڻي ڪري ٿو تنھن ۾ آهي ڀلائي.“



سان لڳي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو ۽ سمجهي ٿو ته سڀ مسافر ختم ٿي ويا هوندا." اچرج ۾ منهنجون اکيون ڦاٽي ويون. مون فقط چيو، "هوائي جهاز ڀڄي پيو!" همدرديءَ مان هن پڇيو، "توهانجو ڪو عزيز هن جهاز ۾ هو؟" سهميل آواز ۾ مون چيو، "نه سائين، مان خـــود انهيءَ جهاز ۾ ويٺو هوس. پر موٽر جي خراب ٿيڻ ڪري پهچي نه سگهيس." منهنجي اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيـــا. مان پاڻ روڪي نـــه سگهيس. اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳس. ايتري ۾ منهنجا ساٿي به اچي پهتا. مونکي ڏسي ڀاڪر پاتائون ۽ واڌايون ڏنائون. هڪ دوست چيو، "چڱو ٿيو جـــو موٽر بيڪار ٿي پيئي." ٻئي دوست چيو، "سڀ ۾ آهي ڀلائي." مان ڳالهائي نه سگهيس پر من ۾ چيم، "سچ آهي."

رات جو منهنجي سؤٽ ٽرنڪ ڪال تي منهنجي ڀائيوار کي هوائي جهاز جي ڪرڻ جو حال احوال ڏنـــو. دانهن ڪري پڇيائين، "مدن لعل جو ڇا ٿيو؟" جڏهن خبر پيس ته مـــان ڪيئن بچي ويس تڏهن ڌيمي آواز ۾ چيائين، "شڪر آهي. مدن لعل کي چئجو تـــه هفتو ٻه پل دير سان اچـــي. اسان جو مئنيجر پاڻيهي هن آفيس جي ديکڀـــال ڪندو." مون ساڻس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر منهنجي وات مان لفظ بـــه نڪتا "معاف ڪجو" هو سمجهي ويـــو يڪدم چيائين، "تون ڪو به فڪر نه ڪر ڀـــاءُ! جيڪي ايشور ڪري سو نيڪ آهي. ايشور توکي ٻي حياتي ڏني

لنگهيو آهيان. مصيبتن جي دريـاهه ۾ غوطا کاڌا اٿم پـر ساڻي جن الله ٻجهان سي نه ٻڏنديون.“ حال ڏيندي چيائين ”١٩٥١ کان ١٩٥٣ تائين صفا لڙهي ويو هوس. فيروز شاهه روڊ تي آفيس نه ڏني هيئه؛ ورهاڱي کانپوءِ ٽي سال ڪم هليو جنهن جـو تنهن. جنهن ويس ڪمائيندو تنهن ويس ڏن زندي ۾ سيڙائيندو. هرڪو منهنجي محنت، هـوشياري ۽ ۽ علم جـو داد ڏيڻ لڳو. ريڊيا خوب وڪامڻ لڳا ۽ جيڪڏهن فقط انهيءَ ڏس ۾ قدم وڌائيندو رهان ها ته شايد ڪنهن چوٽ تي رسي وڃان هـا پر مان وڃي پيس ريڊيو جي پرزن ۾- وڏو واپـار ڪيم، سب پئسو سيڙايم- ڪٿ سڃي نه نڪتي- وڏو واپار ڪيم ۽ وڏو نقصان پاتم- سڀ ڪجهه نه وڃايم پر ڏيڍ لک قرض به سر تي رهجي ويـو. چوطرف منهنجي ڪم فهمي، اُبهرائي، اڻ آزمودگاريءَ جي چرچا ٿيڻ لڳي. اهيئي مت مائٽ ۽ دوست جي منهنجي عقل ۽ دانشمنديءَ جون سرڪيون پڙهندا هئا سي ڪليو ڪلايو ڇتروڻ ڪرڻ لڳا.“ مون چيو ”دنيا جي ساراهه ڪي لعنت ته ڳالا ڪي به لعنت“ شاملواءِ ٿيندي چيائين ”سچ آهي سچڻ! سياڻپ به انهيءَ جي نه قسمت جو چڪر به اُنهيءَ ونـان. چپ ڪري پيو هلندو هوس، جن جو قرض هو تن جا پيو سهما سهندو هوس نه نه هونءَ پيو منهن تي مرڪ رکـي گهمندو هـوس. آفيس وڪڻان ها تـه چڱي چوکي پگڙي ملي پوي ها پر دل ۾ اهوئي ويچار هو ته جيڪڏهن آفيس

خوشي ڏيندين ته خوش رهبو
جي غم ڏيندين ته پڻ سهبو

ڏهن سالن کانپوءِ ناڪر سان ملاقات ٿي. بمبئي ڇڏي وڃي دهلي وسايائين تنهنڪري ٻه ملڻ ۾ عرصو پئجي ويو نه ته جڏهن بمبئيءَ ۾ هوندو هو تڏهن پيو ملڻ ٿيندو هو. زندگي آهي ته پيو ملڻ ٿئي، تنهن ڏينهن گڏجڻ آيو. دعوت ڪئي مانس. ڪانو آهي ملڻ جو بهانو؛ ڪاني جي بهاني ملياسين پر پاڻ ۾ روح رهاڻ اهڙي ڪئيسون جو سالن جي ڪاڻ لهي وئي. مٿو اڇو ٿي ويو اٿس نه ته سر ۾ سڀول پئي لڳو ۽ ڳالهائڻ جو اهوئي مٺو. بردبار ۽ عقل وارو ته شروع کان وٺي هو، هاڻ ته گنڀير ۽ خوش فهم لڳو.

"ڪر خبر يار! هن ڏهن سالن ۾ ڪهڙا سمنڊ لتاڙيا اٿيئي؟ الڳ رهيا آهيون ۽ هڪ ٻئي جي ڪارگذارين کان ناواقف پر پارت ۾ مفاصلن به مٿيون منجهائي ڇڏيون آهن. اڇان دهليءَ ته رهان ڏينهن اٿ، مائٽن ۽ مٽن سان ملڻ ٿي محال. ملڻ جو موقعو مليو آهي ته ڏي سمورو سماچار. ڪٿي پهتو آهين؟"

منهنجي سوال جو جواب ڏيندي چيائين "احوال ڏيندس ته افسانو ٿي پوندو." مون چيو "هڪ انوکو آزمودو وڏي پوندو." "ٻڌ" چئي ٻڌايائين. چيائين "وڏي چڪر مان

جو مال ۽ پرزا اکيچار ائس ۽ اچي پاڻ وٽ جمع ڪرايا
ائس. منهنجو ويچار آهي تہ جيڪڏهن تو جهڙو سچو ۽
آزمودگار ماڻهو هنجي مدد ڪري تہ هن جو ايمان موٽي
ايندو. ڪميشن جهجهي وٺي ڏيندو سانءِ." ٻڌندڙ ماڻهوءَ
کي سهارو ملي ويو پر ذرا ٿهرو سان چيم "جيڪڏهن مان
ڪم اچي سگهان تہ حاضر آهيان پر مال نظر مان ڪيان."
يار ڪو سيڙيو ويٺو هو منهنجي رضامنديءَ لاءِ، سو ٿهه پهه
چيائين "اُٿي هل تہ هلي مال نظر مان ڪيون" مون چيو
"چالهہ تہ پيي." پر هنجي انڪار ڪرڻ تي اندر ۾ خوش
ٿيس جو ڪيسي ۾ پانيڻ تي نچيو. آياسين سيٺ جي مل ۾-
سيٺ سان گڏياسين. مال ڏنوسين. مال جي ڪٽ ڪيم ۽
چيم تہ هڪ لک ٽيهن هزارن ۾ نيڪال ٿيندو. هڪ لک
ٽيهن هزارن جو اَنگہ ٻڌي سيٺ حيرانيءَ مان منهنجي منهن
۾ نهاريو. بي اعتبار نگاهہ سان پڇيائين "ڪير وٺندو؟"
مون چيو "جن کي گهرج هوندي. ٽن مهنن ۾ نيڪال ٿي
ويندو." پڇيائين "تنهنجي ڪميشن؟" مون چيو "هڪ
لک ٽيهہ هزار توهانجا، وڌيڪ منهنجو. جيسين توهان کي
اهي پئسا هٿ ۾ ملن تيسين مونکي پائي بہ نہ کپي." پڻ
پڻ ڪندي سيٺ چيو "هڪ سنڌي آيو ۽ چاليهن هزارن
جي آڇ ڏيئي ويو ۽ ٻيو سنڌي تو ڏئي هڪ لک ٽيهن
هزارن جي آڇ! آخر ماجرا ڇا آهي؟" مون چيو "مونکي
پي ڪا بہ خبر ڪانهي. توهانکي منهنجي آڇ قبول هجي تہ

۽ وڪڻي ڇڏيندس ته وري اُسري نه سگهندس ۽ ڪنهن وقت ۾ اهڙي سٺي آفيس هٿ نه ايندي. پنهنجو آستانو ڇڏيان ها ته ضرور اٿين ئي ٿئي ها. مالڪ من ۾ سٺين وڏي جو زورن بارن هوندي ۽ پنهنجي ارادي تي اَڏول رهيس. هڪ دوست ڪانسواءِ ٻين منهنجي سچائيءَ ۾ وشواس آڻي مونکي ڇڏي ڏنو پر هڪ ٻيو متر ٿيسي جي جو سبب وڃي ڪيس داخل ڪيو. ڪورٽ منهنجو حال ڏسي ايائي سؤ روپين جي ماهياني قسط مقرر ڪئي جا مون، بڪ مري ۽ پوري ڏني. ٿورو گهڻو مال پيو نيڪال ٿيندو هو پر حال اهڙو هوندو هو جو ڪيترا دفعا چانهه جو ڪوپ ۽ نصيب نه ٿيندو هو. نصيب مون سان عجيب راند ڪئي پر مون نصيب مان آس نه لاٿي. پڪ هئم ته هڪ ڏينهن اها ساڳي قسمت منهنجي پيشاني چمندي.

”هڪ ڏينهن تمام اُداس، پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هوس ته هڪ دوست لنگهي آيو. چوڌاري ڏسي چيائين ’آفيس ۾ اچڻ ڪانپوءِ تو معلوم ٿئي ته تنهنجي اِستثني لوڏي ۾ آهي.‘ مون ڳالهه ٽارائيندي چيو ’ڪر خبر يار، ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟‘ چيائين ”سوچي آيو هوس ته توکان مدد وٺندس. هڪ متر آهي، مل جو مالڪ سو ڪنهن ٽڳه جي چنبي ۾ اچي ويو ۽ سندس ڏنڊي ۾ ئي لک سيڙايائين. تن لکن جي ته پرواهه ڪانه اٿس پر ڏک اهو اٿس ته هيڏي هوشياريءَ هوندي هڪ چالاڪ جي چنبي ۾ ڪيئن ڦاسي ويس! ريڊين

جي گدام ۾ پيل مال مان اهي چار ريڊيا پنجن سؤ روپين
مان ٺهيا آهن." اکيون چمڪي پيس. عجب مان پڇيائين
"انهيءَ گند مان (junk) مان هي ريڊيا ٺهيا آهن؟" مون
چيو "انهيءَ مال مان فئڪٽري هلائي سگهجي ٿي." سيٺ
سوچ ۾ پئجي ويو. مان چپ چاپ سندس منهن ۾ نهاريندو
رهيس. وشواس واري آواز ۾ چيائين "پهريون سندي پنجن
هزارن روپين ۾ ويهن هزارن جو مال ڪٽي ويو ۽ سڀو مال
چاليهن هزارن ۾ ٿي ورتائين ۽ تو سچائيءَ سان ايڏي وڏي
دام ۾ مال وڪڻي ثابت ڪري ڏيکاريو تہ انسان، انسان
مان ويساھ نہ وڃائي. سڀ جيوَ ساڳيا نہ آهن. تو ايڏي
سچائي ڏيکاري آهي تہ مان بہ تو لاءِ ڪجهہ ڪرڻ ٿو چاهيان."
اُتي جو اُتي ٽيليفون هٿ ۾ کڻي نمبر ورتائين. اُتو بڌي
چيائين "ڪير؟ چگن ڀائي، وقت هجيئي تہ هڪدم هليو
اچ. هڪ اهڙو ماڻهو مون وٽ ويٺو آهي جو توکي تمام
ڪارائتو ثابت ٿيندو." ٽيليفون رکي چيائين "ريڊيو فئڪٽري
وجهڻ ٿو چاهي، پر ڪو ڪارائتو ۽ اعتبار جوڳو ماڻهو ڪونہ
ٿو مليس توهين گڏجي ڪم ڪريو تہ ڪئن؟" مونکي اعتبار
نہ آيو. مان پنڊ پهڻ ٿيو سندس سامهون ويٺو رهيس.
چانهہ جي پيالي اڳيان رکي هئي. چانهہ مان نڪرندڙ ٻاڦ
ڏي نهاريندي الاجي ڪهڙي هنڌ وڃي نڪتس، گويا
بادلن تي سواري ڪري وڃي اندرديو جي راڄڌانيءَ ۾
پهتو هوس جتي چوڌاري آنند ئي آنند هو. مان انهيءَ

مان شيوا ڪرڻ لاءِ حاضر آهيان، دوست جا دوست آهيو."
سيٺ پڇيو "تون اهو مال سياڻي جو سياڻي هڪ لک ويهن هزارن ۾ ڪٽندين؟" مون چيو "پئسا هجن ته هينئر جو هينئر ڪٽان، پر هن وقت مون ۾ ايڏي سمرٿي ڪانهي. مان پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو آهيان، اوچ خاندان مان آهيان ۽ مان مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." سيٺ کي اعتبار اچي ويو. منهنجي اکين ۾ نهاري چيائين "توهين سياڻي ڪان وٺي ڪم سنڀاليو ته مهرباني."

"ايشور جو نالو وٺي ڪم شروع ڪيو. سائين ڪري سٺائي ته مٽيءَ مان سون ٿي وڃي، قسمت جي هجي اوٽائي ته ڏن مان ٻه ڏوڙ! ٻن مهينن ۾ هڪ لک روپيه جو مال نيڪال ٿيو ۽ اچا اوترو ئي مال گدام ۾ پيو هو. سيٺ راضي ٿيو. پنج هزار روپيه ڪيڏي هٿ ۾ ڏنائين. چي "حساب پوءِ ڪنداسين، حال خرچ پکي لاءِ هيءُ وٺو. ٻه ڪ ٻوڙ ڏايدي ڪٿي آڻو. مونکي توهان ۾ ته وشواس ٿيو آهي پر انسان ذات ۾ اعتبار واپس مونيو آهي." جيڪي پنج هزار مليا تن مان پنج سؤ روپيه واپس ڪري گدام مان مال ڪڍي آيس. گهر اچي هڪ ڪاريگر کي گهرايم ۽ انهيءَ کي اُجورو ڏيئي چار ريڊيا ٺهرائي تيار ڪيم. ٻئي دفعي جڏهن سيٺ سان ملڻ ويس تڏهن وڃي هڪ ريڊيو سندس اڳيان رکيم. ريڊيو ڏسي چيائين "ريڊيو ڇو؟" مون چيو "سوکڙي ڪڻي آيو آهيان." پڇيائين "گهڻي ورتئه؟" مون چيو "توهان

هئي ته ريڊيو جي فئڪٽري ڪيجي ۽ هو انڪل ٽي لک روپيه سيٽرائط لاءِ تيار هو. پهرين پهرين ته صلاح ڏنيمانس ته مل جي مالڪ کان باقي رهيل مال چاليهن هزارن ۾ خريد ڪري."

مون چيو "پر تنهنجي حساب موجب ته لک کن جو مال پيو هو نه؟ تون اهو نيڪال ڪرين ها ته توکي ڪيترو بچي ها؟"

چيائين "وقت لڳي وڃي ها وڪڻڻ ۾ ۽ شايد اهڙو هڪيو تڪيو گراهڪ پيو ڪونه ملي ها جو انهيءَ مال جي آڌار تي فئڪٽري وجهي ها. مونکي به پئسي جي گهرج هئي. ڏهه هزار ته بچيا ٿي نه؟" چگن لعل کي سچي ڳالهه ٻڌايم. ڪيس پڪ ٿي ته سوارٿ ڪونهيم ۽ مان ساڻس سچائيءَ جو وهنوار ڪرڻ ٿو چاهيان. سک! چاليهن هزارن ۾ سڄو مال خريد ڪري چگن لعل پاڻوت ڪٽائي آيو پر مونکان پهرين اهو شرط ورتائين ته فئڪٽري پورن ريت شروع ڪري ڏيندين. پائيواري نه پر پگهار ڏيڻ لاءِ تيار هو. عجب اهو به لڳس جڏهن چيومانس ته مان ڪو به پگهار ڪڻڻ لاءِ تيار نه آهيان جيسين ڪم چالو ٿي وڃي. پهرين گهرائي مل مالڪ مونکي يڪدم ڏهه هزار روپيا ڏنا ۽ اڳيان پنج هزار به واري ڇڏيا."

مون چيو "اڃا به قدر ڪرڻ وارا اُدار دل انسان هن سنسار ۾ آهن نه؟"

آنند ۾ ليـن هوس! سيٺ مٺي نهاري چيو ”چانهه، ٺري ويٺي مسٽر ٺاڪر! مان ٻه چئنين پڙهڻ ۾ محو ٿي ويس، پر توهين ته شايد فئڪٽري ٻڌائي، ڏيڍ يا وڪٽي سال جي ڪمائيءَ جي ڦانڊٽي ورهائڻ ۾ غلطان ٿي ويا.“ مان ڪجهه چوان تنهن کان اڳ ڇگن لعل اندر آيو جنهن سان تمام سهائيندڙ لفظن ۾ سيٺ منهنجي واقفيت ڪرائي. ڇگن لعل سيٺ جي والان منهنجي تعريف ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيو. چيائين ”جيڪڏهن اهڙو سچار ۽ هڏ ڏوکي ڪم ڪندڙ ملي ته مان سڀاڻي کان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“ سيٺ چيو ”هاڻي وڃي پاڻ ۾ پهو ۽ ڪنهن سمجهوتي تي اچو. مان فقط ايتري خاطري ڏيان ٿو ته هيءُ جوان ويل نه وڃائيندو.“ ڇگن لعل ۽ مان نڪري ڇگن لعل جي آفيس ۾ آياسين ۽ فئڪٽريءَ جي صلاح مصلحت ڪئيسون ۽ ڪنهن سمجهوتي تي به پهتاسين.“

ٺاڪر جي اها وچتر ڳالهه ٻڌي منهنجي منهن مان اچانڪ نڪري ويو ”ٻاجهه پريا ٻل تون بيوس ۽ بي زور جو.“

ٺاڪر شامل راهه ٿيندي چيو ”سچ ٿو چوين، اَدا. مان دُربل هوس مونکي ٻل کپندو هو، مان بيوس هوس مونکي سهارو کپندو هو. مهر ڪري ته اَڻ ٿارن کي به ٿاري، جي نظر ڦيري ته ٿارن کي به اوڙاهه ۾ گم ڪري.“

مون چيو ”هاڻو ٻلا وڌ اڳتي سمجهوتو ڪهڙو ٿيو؟“

ٻاڻيءَ جو ڊيک ڀي چيائين ”ڇگن لعل جي ڏاڍي مرضي

لکن ۾ گروي ٿيل مال بئنڪ لک کان گهٽ ته نه ڏيندي؟" هن چيو "بابا، ڪير ولندن؟ هرڪو ماڻهو ٽـو ريڊين جي فئڪٽري وجهي ڇا؟ پئسا روڪ، پنجاهه هزارن ۾ ڪم لاهي آءُ." موڪلائڻ مهل چيائين "ڪيتري به وٺين ٿو به سيڪڙو پنهنجي ڪميشن ڇڪي وٺجانءِ" مونکي سيٺ جي پڪائيءَ تي ڪل اچي ويئي. "بئنڪ وارا، گروي مال مان ڪڪ هٽا. مشينجو گهٽي متاڪت ڪئي پر مان چاليهن هزارن کان مٿي چڙهان ئي نه. ڊائريڪٽرن کان ڪا اڳ مال کڻڻ به اگهه تي وڪڻڻ جي اختياري وٺي ڇڏي هئائين. ضرور مال کي نيڪال ڪرڻ جو يتن ٻــ ڪيو هوندائين. ڇا به هجي چاليهن هزارن ۾ سودو ٿيو. مون آتي جو آتي سوٽي ڏني. ڇگن لعل سان ڳالهه ڪيم ته پيو اکيون مهٽي. هو هر پيو چوي "چاليهن هزارن ۾ ٽن لکن جو مال! بئنڪ سان لڳيءَ جي مقدمي ۾ ته نه اُڙجي ويندا سين؟ سپاٽي وڃي مشينري هٿ ڪر." انيمي يادگيري پيس، پڇيائين "تنهنجي ڪميشن جو ڇا فيصلو ٿيو؟" مون ڪلي چيو "ٻه سيڪڙو قبوليو اٿن."

"مشينري ملي، ماهــوار ٨٠٠ روپين جي مسواڙ تـي فئڪٽريءَ لاءِ جاءِ به ملي، فئڪٽري تيار ٿي ويئي. ريڊيا ٺهڻ لڳا. فئڪٽري ته چالو ٿي ويئي پــر امپورٽ لائسنس کانسواءِ ڪم وڏي پشماني تـي ڪين هلي؟ ٽئين ڪمپنيءَ کي لائسنس وٺڻ ڇوٽي پجوٽي اگهه تي پر اهي بـــ

ناڪر چيو ”ادا، ٻج ڪوئي آهي ڇا؟ اوت چڱي ڪر
ته موت به چڱي ملندي. پر رام، انهيءَ کان به وڌيڪ هڪ
ڏاڍي واري ڳالهه تي جنهنجي ڪري سيٺ موٽي ٻنهه
موهت تي پيو.“

سياويڪ پڇيم ”ڇا ٿيو؟“

چيائين ته ”ٽائيمس آف انڊيا ۾ هڪ مشهور بئنڪ جو
اشتهار پيو هو ته هنن وٽ هڪ ريڊيو ٺاهڻ جي مشينري
گروي پيئي هئي جا هو نيڪال ڪرڻ لاءِ تيار هئا، منهنجي
من ۾ خيال آيو ته منهنجي زندگيءَ جي سوپ ڪنهن ناٽڪ
نويس جي لکيل سکه انت ناٽڪ وانگر ته رئيل نه آهي؟
اڃا مال خريد مس ٿيو آهي ته مشينري تي وڪامي!
سو چيم ته مجهدار ۾ قاتل لنيا ڪنن مان نڪري درياه جي
سڌي وهڪري ۾ اچي ٻنا خوف هلڻ لڳي آهي. دل ۾
نشچيو ٿيو ته اها مشينري اسانکي ملندي ۽ مان جلد به جلد
سيٺ ڇگن لعل کي فئڪٽري شروع ڪري ڏيڻ ۾ ڪامياب
ٿيندس. ايشور مهربان ته جڳ مهربان. ٻنا ڄاڻ سڃاڻ جي
گهڙي ويس بئنڪ جي مئنيجر وٽ. هيءُ صاحب فضيلت
سان پيش آيو ۽ پنهنجو ماڻهو ڏنائين مشينري نظر مان
ڪڍڻ لاءِ. مشينري ڪارائتي هئي. مون ڇگن لعل کي خريدڻ
جي صلاح ڏني. ڇگن لعل چيو ”بابا، اهي ڌندا تون ڄاڻ
جيڪي کپيئي سو ڪر. توکي اختيار آهي ته اگهه مقرر
ڪري وڃي مشينري هٿ ڪر.“ ڇگن لعل کان پڇيم ”تن

ڏيائڻ لڳس منهنجو فائدو ڪونه هو پر اها ته پڪ هئم ته جيڪڏهن ڪامياب ٿي پوان ۽ وچي مالڪ کي خوشخبري سڻايان ته هو ڪافي قدر ڪندو.

”هفتو کن دهليءَ ۾ لڳو. هزار روپيه ڪسن خرچ اچي ويو. نيٺ معلوم ٿيو ته ڪوشش ڪرڻ سان ڇهن لکن روپين جا امپورٽ لائسينس انهيءَ فئڪٽريءَ لاءِ ملي سگهن ٿا. ڇهن لکن جا لائسينس؟ پاڻ کي ڇهن ريون پائڻ لڳس، سور محسوس ڪيم ته به اعتبار نه اچي ته سپنو نه ٿو لهان. درخواست لکي ڏنيم مئنيجر جي حيثيت ۾. درخواست ڏيئي هليو آيس بمبئيءَ. چگن لعل سان ڳالهه ڪيم ته اکيون ڦاڙي ويس. مون سمجهيو ته اوچتي شاڪ ڪري وڃي ٿي گذاري ويو، پر جڏهن اکيون چنڀي پڇيائين ”ٺاهڪو آهين نه؟“ ۽ مون ڪنڌ لوڏي چيو ”آهيان“ تڏهن اکين مان پاڻي وهي آيس. پڻ پڻ ڪري چيائين ”تو منهن جي ڪيڏي نه مدد ڪئي آهي!“ مون چيو ”پر سيٺ اڃا ڪميشن ته فيصلو ڪري!“ ڳالهه سمجهه ۾ آيس ته چيائين ”پوءِ موٽي ڇو آئين؟ اڄ رات جو موٽي وڃ يارهين بجي واري هوائي جهاز جي ٽڪيٽ بوڪ ٿو ڪرايان!“ اليڪشن ياد آيس ”هن مهل تائين پگهار ته ڪانه ڪئي اٿوَ؟ هلو ڪئن پيا؟“ دل ۾ چيم اڳ ته ويچار ڪونه آيئه پر ٻاهران چيم ”بئنڪ ۾ پئسا پيا آهن.“ ڪنڌ لوڏي چيائين ”نه نه! هزار روپيه پگهار ڪٽو. گهڻو وقت ٿيو آهي توهان

ڪيسنائين؟ ڪن جاڻن سان صلاح ڪيم، ڪنهن به دلداريءَ جهڙو جواب نه ڏنو، باقي اهو سو معلوم ٿيم ته جيڪي اڳي لائسينس هئا سي وري ٽئين طرح مليا ٿي سو به هڪ هزار پنجاهه ٽن سوَن جا. مونکي اهڙا نعيڙا سٽ لائسينس هئا. دل ۾ چيم 'اهي به چڱا.' ڪم ڪري ٽڪو به هوس. هوا مٽائڻ جي ويچار سان نڪري پيس ۽ اچي دهليءَ ۾ پهتس. دوستن ڪي جڏهن دهليءَ اچڻ جو ڪارڻ ٻڌايم تڏهن کليا ٿي. چي "نڪمٽو واٽهو آهين ڇا جو واهي وهيون جاچيون اٿيئي؟" مون چيو "٢١ سؤن جا لائسينس بلڪ ۾ جيڪر گهٽي ۾ وڪامن؟ پر مونکي ته پنهنجي فئڪٽريءَ لاءِ پائي پائي جو لائسينس به ڪارائتو ٿيندو! هڪ دوست پڇيو "پنهنجي فئڪٽري کولي اٿيئي ڇا؟" مون يڪدم چيو "هائو!" پڇيائين "گهٽي سيڙپ آهي؟" سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائيمانس پر چگن لعل جي بدران پاڻکي مالڪ ظاهر ڪيم. اهو دوست نوڪري ڪندو هو لائسينس ڊائريڪٽوريٽ ۾. چيٽي وڃائيندي چيائين "پر خبر اٿيئي ته ڪٽل ڪمپني جا تو بشڪ مان چڏائي لنهڪي گهٽي جا لائسينس هوندا هئا." مون چيو "يار اهو ته توُن پل ۾ لهي سگهندين." پيار مان چيائين "چترن جو يار آهين، ضرور مدد ڪندوسانءِ. سرڪار جو فيصلو آهي ته بعد ٿيل فئڪٽريون کو به چالو ڪري ته الهيءَ کي ساڳيا لائسينس نوان ٿي ملندا. اسين الدسٽريءَ کي همٿائڻ ٿا چاهيون." مان دل ۾ سائينءَ کي

ڏيئي ڪلندي آهي. نصيب ياوري ڪري ۽ ڀلائيءَ کي ٻ، شاهه بڻائي، تقدير ڦيرو کائي ته شاهه کي ڪفن جي بن وارن کان ۽ دفن لاءِ ٻن گزن زمين کان سڪائي.“ ڀاڻ سنيالي چيائين ”ڪاميابيءَ توکي فيلسوف بڻائي ڇڏيو آهي.“ مون چيو ”قسمت توهانجي ته ڪاميابي به توهانجي. انسان ڇا ٿو ڪري سگهي؟ ڪري ته منهنجو مالڪ ڪري.“ ڌنيواد ڏيندي چيائين ”ڪنهن ڏينهن شال مان به تنهنجي ڪم اچي سگهان.“

”اسان ريڊيا ٺاهيا. سال وڏيڪ مون فئڪٽريءَ ۾ ڪم ڪيو. جيڪي ڪمايم يا بچايم ويس قرض ۾ ڏيندو. قرض موٽائڻو هو. مالڪ اڳيان قسم کاڌو هوم ته ڪڏهن به نيائڻو هوم. وجهه مليو هو ته واعدي ۾ وار ڪڏهن وجهان؟ ڏيري ڏيري قرض موٽائڻ لڳس ته قرضين جو ويساهه موٽڻ لڳو ۽ هو مونکي شاباس ڏيڻ لڳا. هنن جي شاباس تي مان هر هر ٻاٽڪي پڇندو هوس ته هي پنهنجا پيسا واپس وٺي مونکي شاباس ڇو ٿا ڏين؟ دل جواب ڏيندي هئي ته جيڪي آس لاهي ويٺا هئا تن کي جو ٻيا گهر ئي پيسا ٿي مليا سي ڪٿن نه شاباس ڏين؟ هنن مونکي شاباس ٿي ڏني ۽ مون مالڪ جا شڪرانا ٿي مڃيا.“

ٺاڪر جا اهي لفظ ٻڌي منهنجي من مان آواز اُٿيو ”قرض ۽ فرض!“ اسان تي ٻه ڪو قرض آهي، ڪو فرض آهي! اسين قرض جي مرض کان آجا آهيون؟ آڳي اسان

ڪي مونسان ڪم ڪٿي؟" مون چيو "اُت مھنا". ھن چيو "اھي به ڪٺو، ڪمال ڪيو اٿو! پنھنجو ته خيال ڪو نه ٿا ڪريو پر ٻارن جو ته خيال ڪرڻ کپي." مونکي ھنن جي اوچتي اُدارتيءَ تي ڪل اچڻ لڳي پر ڪل بعد تني وٺي جڏھن سچ پڇ اٺ ھزار روپيه روڪ ھٿ ۾ مليا واليٽ جا ھٿا يا بليڪ جا سائين ڄاڻي پر مونکي نوٽن جي رنگ ۾ ڪو به ڦيرو ڏسڻ ۾ ڪو نه آيو. مان انھيءَ رات برابر موٽي دھليءَ آيس. ھوائي اڏي تي ٻه ھزار روپيه سيٽ خرچ پڪي لاءِ ڏنا.

"ڪميشن ويٺي. بحث ٿيا. ڪن ميمبرن مخالفت ڪئي پر چيئرمن جي من ۾ سائين اچي ويٺو جو ٻئا ڏي اسانجي وڪالت ڪيائين ۽ ٻئا پھچ جي اسين پنھنجي منزل تي پھچي وياسين."

مون چيو "ھيءَ ته سئنيما جي ڪھاڻيءَ وانگر اڻ وسھندڙ واقعا ٿو ٻڌائين پر انھيءَ ڳالھ کي درست ڪندي چيم ته حقيقت افساني کان عجيب آھي." ناگر چيو "تون ڇا ٿو جڏھن اھو آرڊر آڻي سيٺ کي ھٿ ۾ ڏنم تڏھن وائڙن وانگر منھنجي منھن ۾ نھاري پئي ڏانھن ڏنائين ۽ ڪاغذ مان منھن مٿي ڪري ٿي مون ڏانھن ڏنائين." مون کلي چيو "سيٺ صاحب، سرڪاري سيل ٿيل ٿورو آھي جعلي نوٽ نه آھي." سھمبيل ۽ حيوانيءَ واري آواز ۾ چيائين "ڪئن ٿيو؟" مون چيو "قسمت اھڙي سوال لئي ٿهڪ

اهو خيال اُٿڻ ٿيو هو. سچ پڇ ته ڪو وقت اڳ پنهنجي سر جرمنيءَ جي ڪمپنيءَ سان لکپڙهه هلائي هئم. جڏهن ٻنهي جي هڪ راءِ بيٺي تڏهن پاسپورٽ وغيره جو بندوبست ڪيوسون ۽ جرمني وڃڻ جا سانباها ڪياسين. سانباها ته ڪيم پر منهنجي نصيب ۾ جرمنيءَ وڃڻ ڪٿي؟ اَرچڻ ٿيڻي وئي. هڪ صبح جو اچڻ سان ئي چڱن لعل گهرايو. اڃا ڪرسيءَ تي ويٺس ڪونه ته خوشيءَ واري آواز ۾ چيائين "رات ڪلب ۾ سيٺ منسک پائي مشهور ڌنير ماڻهوءَ سان ملڻ ٿيو. ريڊين بابت ڳالهه نڪتي ۽ جڏهن ڳالهائيندي جرمني واري ڳالهه ڪئي مانس تڏهن اُچل ڏيئي چيائين ته اها رٿ ته مون به من ۾ رٿي آهي. هن چيو "جي ٻئي پيا ساڳي ڳالهه سوچيون ته گڏجي ڇو ڪين ڪم ڪريون؟""

مون پڇيو "توهان ڇا چيس؟" چيائين "چيو مانس ستو خيال آهي پر ڏينهن به سوچي جواب ڏيندس." مون چيو "چڱن پائي، مان پائيواريءَ جي برخلاف آهيان. مون آزمودو ڪرايو آهي ته به پائيوار ٻن ڏيرانڻين وانگر آهي پر پوءِ جي فائدو پوي ته ٻن پائيوارن جي وچ ۾ خرچ پکي تي کٽ کٽ ٿئي ۽ جي نقصان پوي ته هڪ ٻئي مان ويڪون ڪين. به ڏنوان ته ڪڏهن به عمر پر پائيوار رهي نه سگهندا. اڳيان وقت ويا. هينئر اهو وسواس ڪونهي ۽ سچ پڇو ته سهڻ شڪتي به گهٽ آهي. پر مالڪ آهيو."

دل ۾ سوچڻ لڳس "مالڪ جو ڪو مالڪ؟" هن پڇيو

تي ڪيڏا احسان ڪيا آهن! اسين اُنهن احسانن جي موٽ
ڪئن ڏيئي سگهنداسين؟ اسان تي ٻه ڪي قدرت فرض رکيا آهن
اُنهن جي پالنا ڪئن ڪريون؟ اندر مان آواز آيو.

”سائينءَ جون مهرون لکين نه ڪروڙين
ڪهڙيون مڃيون ڪهڙيون ميڃيان ڙي جيجل؟
قول ڪيا ڪانڌ سان.“

مون سان گڏ منهنجي خيالن جي وهڪري ۾ وهندي
ٿاڪر چيو ”قرض اڃي پورو ٿيو آهي. باقي هڪ بزرگ
دوست تنهنجي دوست پرنسيپال ... جا پئسا رهيا پيا آهن
سي پورا ڪريان ته گنگا جو اشنان ڪيم. انهيءَ ڪي
قسط ڏيڻ شروع ڪئي اٿم. حلال جي ڪمائي ڪبي ڏنائين
ڪوڏي ڪاري ٿيڻ نه ڏيندو سائنس؟“

اسين ته وڃي ٻين ڳالهين ۾ پيا هئاسين. سو مون چيو
”پلا نيت ڇا ٿيو؟ بمبئي ڇڏي دهليءَ ڇو هليو وئين؟“
مذاق سان چيائين ”وسري ٿي ڪجهه ڪين ٿو، ڏاڍ
پڪڙيندو پيو هلين. مون سمجهيو ته وارتا ٻڌي ڪک ٿي
پيو هوندين ۽ پيلي نندي واري عادت وڃائي ڪين اٿيئي
اها ته تو ۾ خوبي آهي نه ته ٻئي ڪي ٻڌندو اهڙي خوش
سان آهين جو اڳلو ائين پيو سمجهي ته هن جي هڪ هڪ
اکر کي اهميت آهي.“ ”ڇگن لعل جي مرضي ٿي ته جرمن
جي ڪنهن مشهور ڪمپنيءَ جي سهيوگ ۽ ٿالي سان ريڊ
ٺاهجن. مونکي اها صلاح وٺي ڇو ته منهنجي مَن ۾

"پائيوار جرمنيءَ ويا ۽ جنهن ڪم لاءِ ويا تنهن ۾ ڪامياب
به ٿيا پر واپس ورڻ تي سندن رٿ پسي پيئي. جرمن فرم
ساٽن ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار هئي پر نالي جي عيوض هنن
جيڪا هڪ ريڊيو تي ڏهن روپين جي گهر ڪئي سا هند
سرڪار منظور نه ڪئي. مٿا سٿا جو معاملو منجهيل ثابت
ٿيو. هند سرڪار ضرور ٿي نه سمجهيو ته جڏهن ريڊيو
انڊسٽريءَ ديش ۾ ترقيءَ جا اُهڃاڻ ڏيکاري چڪي هئي
تڏهن پرديس وارن کي رڳو نالي ڏيڻ لاءِ پئسو ڪيئي ڏجي.
سيٺ چگن لعل ۽ پائيوار به سمجهيو ته ريڊيو جو نالو نيليه...
نه ٿيو ته نيليه... به نيڪ ٿيندو. بس اُتي جرمن ۽ اُتي
هندستاني نالو ڏيئي ريڊيو چالو ڪيائون. ريڊيو خوب هلڻ
لڳو. ٿوري وقت ۾ چڱو ٿي فائدو ڪيائون. فائدو جو
نڪتو ته من ۾ ٻيائي آئي. ڪين جهڙين ڳالهين تي بحث
ٿيڻ لڳا. ڪڏهن ته طوفان مچي ويندا هئا. مون
سمجهو ته هاڻ همت جوڙ ڪري پاڻ ڇڏائجي. هونءَ به ڪو
ماٺو پگهار مان شاهوڪار ٿي سگهندو ڇا؟ نئين ڙو ڪم شروع
ڪرڻ ٿي چاهيم ۽ دهليءَ ۾، اُتي سوين سهوليتون ملي
ٿي سگهيون. جڏهن چگن لعل سان ڳالهه ڪيم تڏهن ناراض
ٿيو. چي "هي وقت آهي مونکي ڇڏي وڃڻ جو؟ تنهن
جي صلاح ميان ها ته هيءَ نوبت نه اچي ها پر هاڻي ڦاسڻ
ڪانپوءِ ڦٿڪڻ ڪهڙو؟ هلاءِ حرفت، جند آزاد ڪراءِ."

"هليون ڳالهيون. چگن لعل کي پنج لک روپيا مليا،

”جيڪڏهن پائيوار ڪريانس ته سيڙپ ڇا ڪري؟“ مون بنا گهڻي خيال جي چيو ”پنج لک وجهي ته ٺيڪ آهي، پائيواري اڌو اڌ!“

”هفتي کن ۾ ڳالهيون طئي ٿيون، منسک پائي سڀ شرط قبول ڪيا. ڇگن پائي کي عجب! ۽ مون دل ۾ چيو ته منسک پائي ملڪان مشهور ۽ سياڻو ماڻهو آهي، فائدو نه ڏسي ها ته ڪوڙين نه سيڙائي ها. خير، اڳي هو هڪ مالڪ، هاڻي ٿيا ٻه! مون ٻن مالڪن جي نوڪري ڪرڻ نه چاهي. دل ۾ سوچڻ لڳس ”نوڪري نه ڪريان ته ڇا ڪريان؟ پونجي ليپي ڪانه، قرض اڃا لٿو ڪونهي، ڪم ڪهڙو ۽ ڪٿان شروع ڪريان؟“ سوچيم ”جرمنيءَ جي آڇ آهي، اها پوري ڪري، ديس ۾ موٽي اچي پاڻ چلائيندس. پوءِ جيڪي هوندو نصيب ۾.“ ٻه ڏينهن ٻن ۾ جرمني وڃڻ جي آس به نه رهي. وٽي هلڻ کان ڇگن پائيءَ کي منسک پائيءَ جو ساٿ وڌيڪ وڻيو. سياويڪ! مونسان اها ڳالهه تمام ساڌارڻ نموني سان ڪيائين. منٽ به خيال ڪونه آيس ته مان شايد من جو من ۾ نراس ٿيو هجان. مونکي ساڻ وٺي هلڻ جو خيال ائين اُڇلائي ڇڏيائين جئن چاڪليٽ کائي مٿيون پنو اُڇلائي ڇڏبو آهي. سچي ڳالهه اها آهي ته مان نا اُميد نه ٿيس. سوچيم انهيءَ ۾ به ڪا چڱائي. انهيءَ ريت ئي آهستي آهستي هري ويو هوس. ڏک ڏسي اِنسان پڪو ٿي ٿو پوي.

ٻڌائي ڇڏي. اڄ ڪلهه نه ته ڪير تو ڪنهن جي مدد ڪري؟" مون چيو "ڪرم ڪيئه ته قدر ٿيئه! شال ڪرم ڪائي، شال سمت ڏئي، شال سنئين وات تي هلائي." ٺاڪر ڪهاڻيءَ جو سلسلو جاري رکندي چيو "دهليءَ ۾ شروع ڪيم، حيدرآباد دکن ۾ وڌايم. اڳي سؤ هينئر چار سؤ ريڊيا ٿو وڪڻان. حيدرآباد ۾ سرڪار جي پاران سهوليتون مليون آهن جن جو پورو اُپيوگ ڪيو اٿم. هاڻي دک دور آهن. بمبئي، بنگلور، دهلي ۽ حيدرآباد ۾ آفيسون آهن. پٽ، ياءُ ڪم ۾ رڌيا پيا آهن. خرچ پيو نڪري. هاڻي ٻچت به ٿيندي. قرض جي قيد مان اڇي ڇٽو آهيان پر شڪر آهي جو قرض جي چڪ ڪانهي. ڏينهن رات پيو شڪر ڪريان."

مون چيو "هر حال ۾ شڪر!" ڪنڌ لوڏي چيائين "هائو هڪ شڪر ۽ ٻيو صبر!" دک ۾ شانتي ۽ سک ۾ واهه! واهه! هاڻي ته هري ويو آهيان هر ڳالهه تي. جتي حجت هلي ڪانه اُتي راضي ٿي رهڻو آهي. ڪنهن سان حجت هلائجي؛ ڪنهن سان سيندو ساهجي؟" مون ضيا جو بيت جهونگاريو:-

"خوشي ڏيندين ته خوش رهبو
جي غم ڏيندين ته پيو سهبو
مونکي جئن تون هلائيندين
تنهنجيءَ مرضيءَ تي پيو هلبو."

پائيواري ختم ٿي. چگن لعل پنهنجي سر خوش ته سندس
پائيوار پنهنجي سر خوش. ٻنهي وٽان لونگي ملي. چگن لعل
آداردلي ڏيکاري مونکي روپيا پنجويهه هزار ڏنا جن سان
اچي دهليءَ ۾ ريڊين جي ننڍڙي فئڪٽري چالو ڪيم.
اڳيان لائسينس نوان ٿي مليا. ٿوريءَ مسواڙ تي فئڪٽريءَ
لاءِ جاءِ ملي، رهڻ جو مڪان به هٿ ڪيم ۽ ويس ڪم ۾
جنبي. ريڊيا ناهيم، هٿون هٿ کپي ويا. اُتساهه وڌيو.
سؤ ريڊيا مهني ۾ ڇا ست جهلين؟ اڄ ڪالهه ڪڙميءَ ۽
مزدور ڪسي به ٽرئنزسٽر کپي. مون پڇيو "٢٥ هزار انعام
ڏنائين يا قرض؟" چيائين "منائي! پر عجب نه ڪاءِ! اڃا به آهين سي
نه ويا سنسار مان." فئڪٽريءَ تي ڌيري ڌيري اپائي لک
لڳي ويا. چگن لعل ئي مدد ڪئي. قرض ڏنائين پر هنن
ڏينهن ۾ قرض ڪير ٿو ڏئي؟ لکپتي به ڪانه. زبان تي
اعتبار، سخن تي ويساهه! من ۾ سنئين پنجي ويس الائجي
سچائيءَ جو قدر ڪيائين، پر مان چوان ٿو سائينءَ جي مهر."
مونکي هڪ اُردو شاعر جو شعر ياد آيو سو جهونگاريندي
مون چيو:-

"ڪوئي اِنسان ڪسي اِنسان ڪو ڪيا ديتا هئه؟
آدمي ايڪ بهانا هئه خدا ديتا هئه."

هن شامل ٿيندي چيو "پر جڏهن مٿان وارو ڪنهن جي
من ۾ وهي نه؟ زمانو سخت ڀاري آهي پر جيڪڏهن هو
چاهي ته پٿر کي به موم ڪري ڇڏي، ڪنجوس کي سخي

* ڀارت جيون ساهتيه منڊل

جنهن لوهاڻن کي هيٺيان امله گرنٿ

شري گرو گرنٿ صاحب ۽ شري شو پ

ڇپرائي ڏنا. هاڻ ڇپجي ويو آهي سنڌي ۾ اصل

شريمد ڀاڳوت

هزار پيج رنگين ۽ هڪ رنگين تصويرون.

مضبوط لٺي ٻڌي آهي. الهي ٽائيپ، ان ۾ رنگن ۾. ج

پياري دادا جشن واسوائي جي صورت

ڪيو قيمت لاڳت ٧٥ روپيا. ٽپال خرچ ٦ روپيا. اڄ

پئسا موڪلي ڪاپي گهرايو. متان شري گرنٿ

والڪو نراس رهو.

ٻني جي مهانگائي ڪري ٿورا گرنٿ ٿورا ئي ڪ

ڇپيل آهن. ان ڪري اڳواٽ آرڊر موڪليو.

تيار ٿي ويو.

شري وشنو پراڻ

ڇهون دفعو ٥٠٠ پيج. ٽرنگين ۽ رنگين

سان. قيمتا ٢٧-٠٠ روپيا. پلاسٽڪ ڪور سان ٣٠

ٽپال خرچ ٥-٠٠ روپيا.

داني پرش ۽ پنهنجي پياري جي ياد ۾ و

ڏن کي ان جو فوٽو ۽ ارپڻ پتر وجهي ڏنو ا

ڪو- ڀارت جيون ٣١-١١ لوجيون سوسائٽي لنڪ

ويسٽ بمبئي-٨ فون:- ٣٧٥٩٩٣

اکيون چمڪي پيس. چيائين ”ادا سچ ٿو چوين. اٿيئي منهنجي دل جي حالت! دل وڻان بيت پڙهيو اٿي بي اي، ايل ايل بي آهيان پر زندگيءَ ۾ مونکي عقل وٽ ايمان ڪم آيو آهي، تدبير کان زيادهه تقدير ڏنو آهي. هاڻي ته پاڻ سڀ ڪجهه هوالي ڪيو اٿم هو ڪي. برابر سچي، برابر:-

”خوشي ڏيندين ته خوش رهبو
جي غم ڏيندين ته پيو سهبو
مونکي جئن تون هلائيندين
تنهنجيءَ مرضيءَ تي پيو هلبو“


سماپت



اکيون ڇمڪي پيس. چيائين "ادا سچ ٿو چوين.
اٿيئي منهنجي دل جي حالت! دل وٽان بيت پڙهيو اٿيئي
بي اي، ايل ايل بي آهيان پر زندگيءَ ۾ مونکي عقل
وڌيڪ ايمان ڪم آيو آهي، تدبير کان زياده تقدير
ڏنو آهي. هاڻي ته پاڻ سڀ ڪجهه ڪٽي حوالي ڪيو اٿم هو
ڪي. برابر سچ، برابر:-

"خوشي ڏيندين ته خوش رهبو
جي غم ڏيندين ته پيو سهبو
مونکي جنهن ڏون هلائيندين
تنهنجيءَ مرضيءَ تي پيو هلبو"

سماپت



THE BHARAT JIVAN Suppliment Reg. No. BYW
11/31, Navjivan Co-operative Housing Society,
Lamington Road, Bombay-8. Phone: 375993

